ڏتڙيل ديس جي
ڪهاڻي

مصنف: رڪ سنڌي

2015ع

ترتيب

1. ڪينجهر کي زهر ڪنهن ڏنو؟
2. ٿر ۾ سڀ ڪجهه ٺيڪ پر ميڊيا جو مٿو خراب!
3. بدحال سنڌ تي وارثي جون دعوائون
4. پاڪستان کي فقط پنجاب سمجهڻ نه گهرجي
5. وفاقي ملازمتن ۾ سنڌ جي ڪوٽا نظرانداز
6. عوام جي نالي تي عوام دشمن سياست
7. ڇچريل لاشن سان ملڪ جا بنياد مضبوط ٿيندا؟
8. ٿر ڪميشن ۾ انساني حياتيون بچائڻ جو سوال
9. ننڌڻڪائي جي احساس ۾ مبتلا ماڻهو
10. سنڌ جي وجود بچائڻ لاءِ لڳاتار جدوجهد جي ضرورت
11. سنڌ جو درد ڪير محسوس ڪندو؟
12. سنڌ ۾ انساني حقن جي پائمالي
13. ڇچريل لاش ۾ سنڌ اسيمبلي جو ٺهراءُ
14. ڪراچي ۾ دهشتگردي پنيان پرڏيهين جو هٿ
15. سنڌو ۾ پاڻي کوٽ سبب تباهيون
16. انصاف جي هر فورم تان مايوس ٿيل سنڌي ماڻهو
17. شگر ملز مالڪن جي هٺ هٺي ۾ پريشان آبادگار
18. نئين ۾ باوقار قيادت کي وانجهيل سنڌ
19. عوام جو دهشتگردن خلاف مزاحمتي مورچو
20. دهشتگردن جون نرسريون ختم ڪرڻ جي ضرورت

21. سنڌ جو وفاق خلاف عدالت □ وڃڻ جو اعلان
22. مبارڪون وقت ڪان وٺو
23. ڪالاباغ ڊيم جو نئون رينگٽ
24. ٿر لاءِ اعلان اثر ڇو نه ٿا ڪن؟
25. سٺا دهشتگرد □ خراب دهشتگرد
26. ڪاش بدنصيب بس جا ماڻهو ڪراچي واسي هجن ها!
27. وفاق ڪي سنڌ ڇو نه ٿي وٽي؟
28. ڪمند جو بحران □ حڪومت جي خاموشي
29. سنڌ ڪي پابندي مڙهيل تنظيمن کان بچايو
30. وفاق جا فيصلا سنڌ خلاف ڇو ٿا وڃن؟
31. دهشتگردن جو پوليس خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن
32. ڪمند جو مامرو □ سنڌ حڪومت جي بي وسي
33. سنڌ جي آبادگارن جو تاريخي احتجاج
34. سي پي ايل سي □ چنائي ڪير آهن؟
35. دهشتگردن جو سنڌ تي حملو
36. سنڌ تي حملو ڪندڙ جا پيرا وزيرستان □ ڳولڻ گهرجن
37. سنڌ دهشتگردن جي اطاعت قبول نه ڪندي
38. سنڌ □ امن لاءِ ڌارين جي بيدخلي جي ضرورت
39. سنڌ جي وجود ڪي خطرا
40. سنڌ جو دهشتگردن ڪي نياپو
41. دهشتگردن جا حامي ملڪ جا خير خواهه ٿي نه ٿا سگهن
42. ٿر ڪول پراجيڪٽ □ مقامي ماڻهن جا خدشا
43. بلديا سانحو □ عوام جا ڏکندڙ ڏوهه
44. قومي حقن کان انڪار سبب بحران
45. ٿر جي قسمت ڇو نه ٿي بدلجي؟

46. سپ ڳجهه ظاهر ٿيڻ گهرجن
47. دهشتگردي خلاف عوام جو آواز
48. عوام کان لا تعلق بڻيل حڪمران
49. امڙ جي ٻولي جو ڏهاڙو
50. سنڌي ٻولي بي وس بڻيل سنڌ حڪومت
51. راڻا ڀڳوان داس هڪ بيباڪ شخصيت
52. سنڌ جو امن بااثر ماڻهن آڏو بي وس ٿيل پوليس
53. سنڌ عام شهري جي تحفظ جو سوال
54. بي گناهه شهري قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي نشاني تي
55. افغانين خلاف آپريشن نمائشي نه هجڻ گهرجي

ڪينجهر کي زهر ڪنهن ڏنو؟

ملڪ جي پاڻي ماهرن ڪينجهر ڍنڍ جو زهريلو پاڻي 2 ڪروڙ 30 لک ماڻهن جي زندگين لاءِ

هاڃيڪار قرار ڏنو آهي. تازو هڪ خانگي اداري ماهرن جي مدد سان ٻڌايو آهي ته نوري آباد جي فيڪٽرين جو زهريلو پاڻي ڪينجهر ۾ ڇوڙ ڪرڻ سبب سڄي ڪينجهر زهريلي بڻجي وئي آهي. ڪينجهر جو زهريلو پاڻي ڪراچي، ٺٽو ۽ ڄامشورو جي عوام کي پياريو پيو وڃي، جنهن سان ڪيترين ئي بيماريون جنم وٺي رهيون آهن. حمل ۽ منڇر ڍنڍ ته تباهه ٿي چڪيون آهن، پر هاڻي هٿ سان ڪينجهر ڍنڍ کي به تباهه ڪري ڪروڙين انسانن کي زهريلو پاڻي پياري سندن زندگين سان کيڏيو پيو وڃي. ماهرن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪروڙين انسانن جون جانيون بچايون وڃن.

سنڌ جو فطري حسن ڏينهون ڏينهن تباهي ڪنڌي تي پهچي رهيو آهي. حڪومت جي بي ڌياني سبب سنڌ جا ٻيلا، ڍنڍون ڍورا، آبي وهڪرا ۽ تفريحي ماڳ آهستي آهستي ميسارجي رهيا آهن. سنڌ ۾ ماحول کي بچائڻ لاءِ ڪابه خاطر خواهه اڳڀرائي ٿيندي نظر نه آئي. سنڌ ۾ ڍنڍن جي مالڪي نه هئڻ سبب اهي ڏينهون ڏينهن تباهي جي طرف وڃي رهيون آهن. ڍنڍون نه فقط سياحت بلڪه ماهي گيري جو پڻ اهم ذريعو آهن. سنڌ جي ڍنڍن جي مالڪي ڪرڻ سان هڪڙي پاسي اسان جا مهاڻا خوشحال ٿيندا ته ٻي پاسي وري مختلف هنڌن تي اسان کي تفريح جا موقعا پڻ ملي سگهندا. مثال طور ڍنڍن ۾ گند گاهه جي صفائي ڪري، اتي مٺي پاڻي جي موجودگي کي يقيني بڻائي سياحت ڪاتي

طرفان رهائشي هوٽل ۽ ان سان گڏ ڪي معياري ريسٽورانٽ ناهڻ سان سنڌ جي ماڻهن ڪي تفريح جا سستا موقعا فراهم ڪري سگهجن ٿا. پر هتي ته ڍنڍون زهريليون بڻجي رهيون آهن.

سنڌ ۾ تقريبن ٻارنهن سُو ڍنڍون موجود آهن ۽ سڌي يا اڻ سڌي طرح ٻارنهن لک ماڻهن جو روزگار انهن ڍنڍن سان ڳنڍيل آهي ۽ اتان ملندڙ مڇي، پڪي، لوڙهه، پٻڻ، ٻھ وغيره سنڌ جي اڪثريت جي خوراڪ جو ذريعو پڻ آهن. اڄڪلهه ماحولياتي تبديلي پوري دنيا جو هڪ اهم مسئلو بڻجي ويو آهي. اسان وٽ ايندڙ ٻوڏون پڻ ماحولياتي تبديلي جو نتيجو آهن. سنڌ جي ڍنڍن خاص طور تي منڇر ڍنڍ جي تباهه حالي ڪي به ماحولياتي اثرن کان الڳ نه ٿو ڪري سگهجي. ڪينجهر سميت سنڌ جي ٻين ڍنڍن ڪي تباهي کان بچائي انهن ڪي ماهيگيري سان گڏ سياحت جا مرڪز ناهڻ گهرجي. جنهن سان هڪ طرف روزگار جا ذريعا پيدا ٿيندا ته ٻئي طرف انهن ڍنڍن ڪي نئين سر بحال ڪرڻ جو به امڪان پيدا ٿيندو. ڍنڍن سان لاڳاپيل علائقن ۾ ترقي جون نيون راهون کلي سگهنديون.

سنڌ ۾ حڪومت جي بي ڌياني سبب اسان جا تاريخي ماڳ ۽ مڪان تباهه ٿي رهيا آهن. ٿيڻ ته ايئن گهربو هو ته انهن ماڳن مڪانن ۾ ڍنڍن سميت درياهه جي ڪپن تي تفريحي ماڳ قائم ڪيا وڃن ها پر هاڻي ته انهن جي اصلي شڪل جو باقي رهڻ به خطري کان خالي ناهي. جيڪڏهن سنڌ حڪومت ان ڌس ۾ اڳيرائي ڪري ته هوند سنڌ جي تاريخي حسن ۽ خوبصورتي ڪي ٻيهر بحال ڪري سگهجي ٿو. ان سان گڏ پرڏيهي سياحن جو سنڌ ڏانهن ڌيان ڇڪائي پرڏيهي ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو.

جيستائين ڪينجهر ڍنڍ جو سوال آهي ته نوري آباد جي فيڪٽرين جو زهريلو پاڻي ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڻيڻ سبب نه فقط هن ڍنڍ جو پاڻي زهريلو بڻجي رهيو آهي، پر ان سان گڏ پر پاسي جون زمينون به تباهه ٿي رهيون آهن. جنهن سان هزارين ماڻهن جي جياپي جا ذريعا محدود يا بلڪل ختم ٿي رهيا آهن. حڪومت جيڪڏهن ٿورڙو به تحرڪ وني ته هن آفت کي ٽاري سگهجي ٿو. لکين ماڻهن جيمعيشت تي ايندڙ منڊيئڙو ختم ڪري سگهجي ٿو. فيڪٽرين جو زهريلو پاڻي روڪڻ ڪو وڏو مسئلو ناهي، ان سلسلي ۾ قانون موجود آهن، فقط انهن تي عمل ڪرائڻ جي ضرورت آهي. حڪومت کي ڪينجهر کي زهر ڏيندڙن خلاف تڪڙو ۽ اثرائتو قدم کڻڻ گهرجي.

(چپيل: 30 آڪٽوبر 2014ع)

ٿر ۾ سڀ ڪجهه ٺيڪ پر ميڊيا جو مٿو خراب!

سنڌ حڪومت ٿر جي صورتحال بابت انتهـائي اهم خوشخبري ڏئي رهي آهي ته ٿر ۾ سڀ خير لڳو پيو آهي. هروڀرو ميڊيا جو مٿـو اچي ڦريـو آهي، جـو ٿر جي معاملي تي حڪومتي رنـگ ۾ ڀنـگ وڌي پـئي وڃي. اهو ئي سبب آهي جـو پي پي چيـئرمين بلاول ڀٽو صاحب ٿر جي معاملي تي وڏي وزير سـيد قـائم علي شاهه ۽ صوبائي وزير منظـور وسـاڻ کي ڏنـل شوڪاز نوٽيس واپس ورتا آهن. بلاول هـائوس مـان جاري ڪيل بيـان ۾ ٻڌايو ويـو آهي تـه ميـڊيا تي ٿـر بابت هلندڙ رپـورٽن مطـابق شـوڪاز نـوٽيس جـاري ڪيـو ويـو. جـڏهن تـه اهي رپورٽـون ڪـوڙ تي ٻـڌل هيون. جنهن سبب نوٽيس واپس ورتـو ويـو. بيـان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته پيپلز پارٽي انـدروني طـور تي معاملي جي جاچ ڪندي ۽ بلاول ڀٽو زرداري معاملي جي ذاتي طور تي نگراني ڪنـدو. ٻـئي طـرف ٿـر ۾ موت جو راڪاس ڪالهه وڌيڪ 3 حيـاتيون ڳڙڪـائي ويـو. ٿـر ۾ ڏڪـاري حـالتون ڏينهـون ڏينهن سـنگين ٿينديون پيون وڃن، خوراڪ جي کـوٽ ۽ علاج جـون سهولتون نه هئڻ سـبب وڌيڪ 3 ٻـار فـوت ٿي ويـا. جنهن بعد 42 ٻـارن سـميت فـوتين جـو انـگ 53 تي ويـو آهي. مـٺي جي سـول اسـپتال ۾ ٽن مهينن جـو سـنديش ۽ ڏيپلي تعلقي جي مختلـف ڳـوٺن ۾ هڪ هڪ ڏينهن جـا ٻــه ٻـار فــوت ٿي ويـا. جــڏهن تــه ڪيترائي ٻار علاج هيٺ آهن. حڪومـتي دعـوائن کي هڪ طرف رکي جيڪڏهن ٿـر جي مـاڻهن جـا رايـا ۽ ڏک ٻڌجن ٿا ته لڳ ڪانبارجي وڃن ٿا. ڏڪار متاثرن جو چوڻ آهي ته علاج جون سهولتون شهري علائقن تـائين محـدود آهن. ٻهـراڙي وارن علائقن ۾ ڪي بـه امدادي سرگرميون شروع نه ڪيون ويون آهن.

سنڌ حڪومت ٿر واسين جي کهڙي خدمت ڪري رهي آهي. ان جو ڪالهه وڏيڪ ڦاٽ ڦاٽي پيو آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته سنڌ سرڪار امدادي ڪم جي نالي تي مٽي سان ڀريل ڪڻڪ جون ٻوريون ٿر پهچايون آهن. ڪالهه جڊيشل مئجسٽريٽ مٺي □ ريليف انسپيڪٽر جي گودام تي ڇاپي دوران مٽي سان ڀريل 292 ٻوريون پڪڙيون ويون. ذريعن موجب مٺي جي رليف ڪڻڪ گودام □ ڄامشورو جي بولاڙي گودام مان آندل ڪڻڪ جي ٻورين مان 292 ٻوريون اهڙيون نڪتيون جن □ مٽي ڀريل هئي، جيڪي غريبن □ ورهايون وڃن ها. اطلاع ملڻ تي رليف انسپيڪٽر ميان سعد رباني □ جڊيشل مئجسٽريٽ مٺي گودام تي ڇاپي دوران مٽي سان ڀريل 292 ٻوريون هٿ ڪري ورتيون. گودام انچارج مطابق 4 نومبر تي ڄامشورو جي بولاڙي گدام مان ڪڻڪ جون 4895 ٻوريون مٺي آنديون ويون جن مان 292 ٻوريون مٽي سان ڀريل ڪڻڪ جون هيون. جڏهن ته ان حوالي سان خوراڪ کاتي جي ڊائريڪٽر کي اطلاع ڏنو ويو هو □ ٻن ڏينهن تائين ٻورين سان ڀريل ٽرڪ گودام جي ٻاهران بيٺل رهيون. جڏهن ته اعليٰ عملدارن جي دٻاءُ تي مٽي سان ڀريل ٻوريون گودام □ رکيو ويون. ٻئي پاسي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر آصف جميل گودام پهتو □ سڄي ذميواري خوراڪ کاتي تي وجهندي چيو ته ڪڻڪ جي فراهمي جي ذميواري خوراڪ کاتي جي آهي. جڏهن ته خراب ڪڻڪ کي جدا ڪيو ويو آهي، جيڪا جلد واپس اماڻي ويندي. جڏهن ته صاف ڪڻڪ مٺي تعلقي جي 1200 خاندانن □ ورهائي ويندي.

ٿر ۾ موت جو راڪاس ڦيرا پيو ڏئي، پر اسان جا حڪمران 67 سالن کان ٿر جي قسمت بدلائڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ ۾ پورا آهن. اهو ئي سبب آهي جو ڪالهه پيپلزپارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر تاج حيدر چيو آهي ته حڪومت ٿرپارڪر ۾ هڪ منظم حڪمت عملي تحت رليف ۽ ڊيولپمينٽ پروگرام تي ڪم ڪري رهي آهي. اسان جي غلطي جي ڪري ميڊيا ۾ خبرون شايع ٿيون ڇو ته اسان بروقت آگاهه نه ڪري سگهياسين. سينيٽر تاج حيدر جو چوڻ آهي ته ٿرپارڪر جو سڀ کان وڏو مسئلو پاڻي جي کوٽ آهي. اسان هن مسئلي جي حل لاءِ زمين اندر پاڻي ڪي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ مختلف پروجيڪٽس تي ڪم ڪري رهيا آهيون. صوبائي وزير ڄام مهتاب ڏهر ٿر ۾ غذائي کوٽ جي ڪري موت جي ترديد ڪندي ٻڌايو ته ٻارڙن جو موت ناتجربيڪار داين ۽ وقت کان اڳ پيدائش سان ٿيو آهي. حڪمرانن جو ٿر بابت موقف سچي سنڌ تي ٺٺولي ڪرڻ برابر آهي. ميڊيا جيڪڏهن خاموش به ڪئي وئي پوءِ به ٿر جي معصوم ٻارن جو پرواز ٿيندڙ ساهه حڪمرانن ڪي سک سان سمهڻ نه ڏيندو.

(ڇپيل: 2 نومبر 2014ع)

بدحال سنڌ تي وارثي جون دعوائون

منهنجي سنڌ جي مڙني خوبين کي گرهڻ لڳي چڪي آهي. جنهن سنڌ ۾ نياڻين کي ست قرآنن جي برابر سمجهو ويندو هو . جتي ماٺهو

پنهنجون نياڻيون ڀين کي سام طـور ڏينـدا هئـا .انهن
جي حفاظت لاءِ ماڻهو پنهنجا سر قربان ڪنـدا هئـا .
اتي اڄ نياڻين کي زبردستي اغـوا ڪــري بنــدوق جي
زور تي سندن مذهب مٽايو وڃي ٿو. سندن ننـڍپڻ □
بي جوڙ شادي ڪــرائي وڃي ٿي. ڪيس پنهنجي ذاتي
مفادن خاطر قتل ڪيو وڃي ٿو. ڏنڊ □ ڪنهن جــانور
وانگـر پنهنجي مخـالف حـوالي ڪيـو وڃي ٿـو. جـتي
چوري عيب هئي ، قتل پاپ هو ،جت حڪمران عوام
جي جان مال جي حفاظت جا ذميوار هئا . اهـا سـنڌ
خبر ناهي ڪـاڏي هلي وئي . هـتي تـه ڪـوڙي انـا □
معتــبري لاءِ نيــاڻي جـانورن وانگـر ذبح ڪيــون وڃن
ٿيون . ماڻهن جي ملڪيت ڦري وڃي ٿي . ٻارڙا اغوا
ٿين ٿا .هر طرف ڪــوس □ قتـل عـام آهي، ائين ٿـو
محسوس ٿـئي تـه جڻ سـنڌ مقتـل گـاهه آهي. جـتي
سواءِ جلاد جي ٻئي ڪنهن کي ڪـا بـه آزادي نـاهي.
جڻ سـنڌ □مـاڻهو پـاڻ ڏاڍن جي غلامي لاءِ پيـدا ٿيـو
آهي .اهڙي ڪيفيت □ ماڻهو جيئن ٿا اهـا وڏي ڳالهـه
آهي . اهـا حـالت ان ڪـري آهي تـه سـنڌ هڪ هنـڌ
بيهي رهي آهي . جنهن جي ڪـــري مـــاڻهو ســـخت
مايوسي وارين صورتحال مان گذري رهيــا آهن. جن
فردن، گروهن کي اها حـالت نظـر اچي ٿي اهي ان
کي جيئن جو تيئن بيان ڪن ٿـا تـه اچـا وڌيڪ خـوف
پيدا ٿئي ٿـو. ان خـوف مـان جـان بـه تـڏهن ڇٽنـدي
جڏهن اسان ان راڪــاس کي نـروار ڪنداسـين . ان
تي چڙهيل منافقي واري چادر لاهينداسين تـه عـوام
منجهــه اعتمــاد وڌنــدو . اهي هن مايوســيءَ واري
اونداهي ڪـڌ مـان ٻـاهر نڪـري اينـدا يا نڪـرڻ جي
جدوجهد ڪندا . هن وقت هر طرف جيڪـا نراسـائي
آهي ..

سنڌ ۾ هر طرف ڦرلٽ جي بـازار گـرم آهي. چونڊيل تـوڙي اڻ چونـڊيل بـااثر عـوام جي مـال تي چتن ڪتن وانگــر وڙهي رهيـــا آهن. عـــوام ســـان دوستي جون دعوائون به ان مال تي ڦرلٽ جو حــق حاصل ڪرڻ جي ڪوشش آهي. سـنڌ ۾ اربين رپيـا رقم جيڪا ترقياتي ڪمن لاءِ هر سال رکي وڃي ٿي اها خرچ ڪٿي ٿـئي ٿي . ڪـيئن ٿـئي ٿي . انهن ڪـان پڇاڻي وارو ڪير به ناهي ته اوهان اها رقم ڪيئن ٿـا خــرچ ڪريــو . هن وقت حــالت آهي ته ڪنهن بــه شهر يـا ڳـوٺ ۾ ڪـو بـه ترقيـاتي ڪم نـه ٿي رهيـو آهي.

سنڌ ۾ امن امان جي حالت اهـا آهي جـو اجـا سج ئي نٿو لهي ته ننڍن يا وڏن شـهرن کي ملائينـدڙ روڊ ويران ٿي وڃن ٿا . ٻهـراڙين مـان شـهرن ڏانهن اچ وڃ بند ٿي وڃي ٿي . سج لهڻ ڪانپوءِ چور ، لـوفر ، ڌاڙيـل ۾ پـوليس روڊن تي نظـر اچن ٿـا . پـوليس ماڻهن کي روڪي چوي ٿي ته اڳتي نه وڃو . وڃو ٿا ته پنهنجي ذميواري تحت وڃو . ڦري ويو يا اغــوا ٿي ويو ته ان ۾ اسان جو ڪجهـه نـه وڃي. پـوليس جي حــالت اهــا آهي تــه ڪــو ٻي پهچ مــاڻهو ڪنهن جي خلاف دانهين ٿئي ٿو ته پـوليس ان کي چـوي ٿي تـه اهي ڏوهاري آهن انهن مٿان ڪيـترائي ڪيس داخــل آهن اسان هلئون ڪو جهيڙو ٿيو تـه ان جـاذميوار بـه اوهــان فريــادي آهيــو. ائين ســنڌ جــو ڪــو بــه روڊ محفــوظ نــاهي. ٻين ضــلعن کــان ڪــراچي اچڻ لاءِ نيشنل هاءِ ويز تي پـوليس کـانوائي ۾ سـفر ڪرڻـو پوي ٿو. ان باوجود روزانو مسـافر ڪوچـون، بسـون ڪارون ڦرجي رهيون آهن . اغوائون ٿي رهيون آهن . شهرن جي حالت هي آهي تـه پـوليس ۾ رينجـرس جو آپريشــن هلي رهيــو آهي ان هونــدي گــادي واري

شهر □ روزانو 10ڪان 15 ماڻهو قتل پيا ٿين . قاتل گرفتار نٿا ٿين. چاڪاڻ ته حڪمرانن جو رياست جو ڪاروهنوار هلائيندڙ انتظاميا جو عوام سان ڪو به لاڳاپو يا واسطو ناهي . انهن جو ڏوهارين سان مفاهمتي رشتو آهي. مظلوم عوام سان هو ڪنهن به قسم جي مفاهمت ڪرڻ نٿا چاهين. سنڌ مڪمل طور تي يرغمال بڻيل آهي .□ جيئن ئي سج لهي ٿو ته سنڌ □ زندگي بيهي رهي ٿي. ان باوجود سنڌ تي سياسي مالڪي جون دعوائون جاري آهن. ڪنهن کي به سنڌ جي سياسي ميدان □ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويندو، چاڪاڻ ته سنڌ اسان کي وراثت □ مليل آهي. ان تي ڪنهن جي به وارثي قبول نه ڪئي ويندي. هر وارو اسان جو هوندو. هن محڪوم □ گگدام ماڻهن تي حڪمران جو حق ڏٽي سڳوري فقط اسان کي ئي ڏنو آهي. انهن دعوائن کي فقط عوام ئي للڪاري سگهي ٿو □ ڪوڙو قرار ڏئي سگهي ٿو. فقط ٿوڙي همت جي ضرورت آهي.

(چپيل: 24 نومبر 2014ع)

پاڪستان کي فقط پنجاب سمجهڻ نه گهرجي

وفاقي حڪومت انڪشاف ڪيو آهي ته ملڪي گئس پيداوار ۾ 69 سيڪڙو پيداوار ڏيندڙ سنڌ کي پيداوار مان 45 سيڪڙو، جڏهن ته ملڪي پيداوار جو 4 سيڪڙو اپت ڏيندڙ پنجاب صوبي کي جملي گئس پيداوار جو 41 سيڪڙو گئس فراهم ڪئي پئي وڃي. ملڪ اندر گئس جي گهرج 6 بي سي ايف ۾ پيداوار 4 بي سي ايف آهي، هن وقت ملڪ اندر 2 بي سي ايف (2 ارب ڪيوبڪ فوٽ) جي کوٽ آهي، وفاقي ڪامورن موجب 18 هين ترميم بعد جوڙيل پاليسي ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته هر صوبو پنهنجي پنهنجي هڪ هڪ رفائنري قائم ڪندو، هن ٻڌايو ته انرجي مڪس جو 01-2000ع ۾ استعمال 4 ڪروڙ 45 لک ٽن هو جيڪو 12-2011ع ۾ وڌيڪ 6 ڪروڙ 50 لک ٽن ٿي ويو، انهي عرصي ۾ گئس جو مجموعي استعمال 41.7 سيڪڙو کان وڌي 50.5 سيڪڙو، جڏهن ته تيل جو استعمال 43.5 کان گهٽ ٿي 30.7 تي پهتو آهي، ملڪي ضرورت جو رڳو 15 سيڪڙو تيل ملڪ مان پيدا ٿئي ٿو، جڏهن ته 85 سيڪڙو امپورٽ ڪيو وڃي ٿو، پاڪستان جي ڪل امپورٽ بل ۾ 40 سيڪڙو خرچ تيل جو هجي ٿو. هن ٻڌايو ته ملڪي ضرورت ۾ ايندڙ 38 سيڪڙو ڪوئلو ملڪ مان جڏهن ته 62 سيڪڙو ڪوئلو امپورٽ ڪيو وڃي ٿو. هن ٻڌايو ته ڪي پي ڪي صوبي مان 36 هزار 800 بيرل تيل۾ 384 ايم ايم سي ايف ڊي گئس پيداوار ٿئي ٿي. بلوچستان ۾ امن امان ڪري 16بلاڪ بند آهن،

بلوچستان مان 5.3 بيرل تيل ۽ 741 ايم ايم سي ايف ڊي گئس ملي ٿي. پنجاب ۾ 25 ڏنل لائسنس مان 10 غير فعال آهن، اتان 13 هزار 593 بيرل تيل ۽ 183 ايم ايم سي ايف ڊي گئس ملي ٿي، هن چيو ته سڀني صوبن مان سنڌ سان وڌيڪ تيل ۽ گئس حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿي آهي، سنڌ صوبو مجموعي گئس پيداوار جو 69 سيڪڙو ڏئي رهيو آهي، سنڌ ۾ 51 لائسنس ۽ 104 ليزون ڏنل آهن، سنڌ ۾ رڳو 7 هنڌ غير فعال آهن، سنڌ مان روزانو 30 هزار 912 بيرل تيل جڏهن ته 2821 ايم ايم سي ايف ڊي گئس ملي رهي آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان وٺي سنڌ جا معدني وسيلا تيل، گئس ۽ ڪوئلو هتان جي ماڻهن جي ملڪيت تسليم نه ٿي ڪئي وڃي. قدرت اهي نعمتون جن ماڻهن کي عطا ڪيون آهن، انهن کان انهن کي محروم ڪيو ويو آهي. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هيل تائين سنڌ جي تيل، گئس، بجلي، بندرگاهه ۽ ٻين گذرسفر جي وسيلن تي هڪ مخصوص گروهه قابض آهي. ان قبضي ڇڏائڻ لاءِ سنڌ جا ماڻهو هر دور ۾ پرامن ۽ جمهوري انداز ۾ جدوجهد ڪندا آيا آهن، پر ان جو حڪمران نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهن. حڪومت ڪٽي ڪنهن جي به هجي پر سنڌ جي ماڻهن کي سک نصيب نٿو ٿئي. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اهي سورن ۾ زندگي گهاري رهيا آهن، دانهون ڪوڪون ڪرڻ جي باوجود انهن جي ڪيس جي شنوائي ئي نٿي ڪئي وڃي. سنڌ مان نڪرندڙ تيل ۽ گئس جا زخيرا به مال غنيمت سمجهي استعمال ڪيا پيا وڃن.انهن جو قل جيڪو مڪاني ماڻهن کي ملڻ گهرجي، اهو ملڻ ته ٺهيو پر جيڪي قانوني طور تي ناهه ڪيا ويا آهن انهن تي به عمل نه پيو

ڪيو وجي. وفاق جي ان روش سان محبتون وڌي نه ٿيون سگهن، پر نفرتن جون ڄڀيون سڀ ڪجهه ساڙي رک ڪري سگهن ٿيون.

(ڇپيل: 24 نومبر 2014ع)

وفاقي ملازمتن ۾ سنڌ جي ڪوٽا نظرانداز

سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه وزير اعظم کي خط لکي مطالبو ڪيو ته سنڌ کي آبادي مطابق وفاقي نوڪرين ۾ حصو ڏنو وڃي ، آئين صوبن کي آبادي جي بنياد تي وفاقي نوڪرين ۾ ڪوٽا ڏئي ٿو جيڪا بدقسمتي سان سنڌ کي نٿي

ملي .وفـاقي ڪاموراشـاهي ۾ سـنڌ جي نمائنـدگي اٽي ۾ لوڻ جي برابر آهي . هن خط ۾ چيـو آهي تـه اهـل آفيسـرن کي نـوڪرين ۾ انهن جـو حـق ڏنـو وڃي . سـنڌ حڪـومت جي ذريعن مـوجب وفـاقي ڪاموراشاهي ۾ ڪجهـه آفيسـر سـنڌ جي آفيسـرن جي ترقي ۾ رڪـاوٽ آهن ڪجهـه مهينـا اڳ فيـڊرل پبلڪ سروس ڪميشن پروموشن بورڊ طرفـان 20 گريـڊ مـان 21 گريـڊ ۾ ترقيـون ڏيڻ جي سـفارش ڪـئي وئي . پـر وزيـر اعظم طرفـان سـنڌ جي آفيسرن کي ترقي کان نااهل قرار ڏنـو ويـو هـو .ان ڪانپوءِ وزير اعظم جي فيصلي خلاف آفيسر عدالت ۾ ويـا تـه عـدالت انهن جي حـق ۾ فيصـلو ڏنـو ، ان فيصلي خلاف حڪومت وفاقي سرڪار اپيـل ۾ ويـل آهي جنهن جي ڪـري ڪيس عـدالت ۾ هجڻ سـبب ڪيـترن ئي مهينن ڪـان آفيسـرن جي تـرقي جـو معاملو اٽڪيل آهي .هن وقت صـوبائي سـيڪريٽرين ۾ چيف سيڪريٽرين ۾ صـرف نـالي مـاتر سـنڌ جـا آفيسر موجود آهي 20 کان 21 گريڊ جي ترقين جو معاملو حل ٿئي ته سنڌ جا آفيسر به ترقيون حاصـل ڪندڙن ۾ شامل ٿي ويندا.

سنڌ جا ماڻهو ڪافي وقت کـان ان ڳالهـه جي شڪايت ڪري رهيا آهن تـه ڳـذريل ڪجهـه ڏهـاڪن کان وفاقي ملازمتن ۾ سـنڌ جي ڪوٽـا تي عمـل نـه پيو ڪيو وڃي. وفـاقي ادارن سـميت ڪارپوريشـنن، ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ به سنڌي ملازم مقرر ڪـرڻ کان به انڪار ڪيو وڃي ٿو. پي آءِ اي، نيشنل شـپنگ ڪارپوريشن، دفاع جـا ادارا، پرڏيهـه ۾ سـفارتڪارن جي مقـرري ۾ سـنڌي مـاڻهو مڪمـل طـور تي نظرانداز ڪي اپيـا وڃن. ڪيپيٽـل ڊولپمينٽ اٿـارٽي (سـي ڊي اي) ۾ بـه ملازمتن ۾ بـه اڪيـائي فقـط

سنڌين سان آهي. وڏن عهدن تي به هڪ سنڌي ناهي. سي ڊي اي نيشنل باڊي آهي، هر صوبي جا ماڻهو ڪوٽا موجب هئڻ گهرجن، پر سي ڊي اي □ سينيئر توڙي جونيئر پوسٽ تي هڪ به سنڌي ناهي. وفاقي سيڪريٽرين □ به فقط هڪ صوبو نظر اچي ٿو.

پين صوبن مان لکين ماڻهو اچي سنڌ □ آباد ٿيا، جن سنڌ جو ڊوميسائيل ٺهرائي سنڌ □ وفاق جي ملازمتن □ سنڌ جي ڪوٽا تي اچي قبضو ڪيو آهي. وفاقي ڪاتن توڙي خودمختيار ڪارپوريشنز □ سنڌ جي ڪوٽا تي ٻين صوبن جي ماڻهن کي ملازمتون ڏنيون ويون، جن □ سئي گئس، آئل اينڊ گئس ڪارپوريشن، پي آءِ اي، پي آءِ ڊي سي □ بينڪون شامل آهن.1973ع جي آئين تحت وفاقي ملازمت □ سنڌ جي رکيل ڪوٽا کي هميشه نظرانداز ڪيو ويو، خاص طور آمريت جي دور □ سنڌين کي جاهل □ نااهل سمجهي وفاقي □ خودمختيار ادارن جي ملازمت کان محروم رکيو ويو. سنڌ سان ٿيل انهن ناانصافين جو ذميوار سنڌ مان چونڊيل سينيٽ □ قومي اسيمبليءَ جا نمائندا آهن، جن جي اڪثريت صرف پنهنجا ذاتي مفاد حاصل ڪندي رهي □ پنهنجا نوازيندي رهي، پر سنڌين جي مجموعي مفادن لاءِ چپ چورڻ لاءِ تيار نه آهي . هن وقت سنڌ □ آئل اينڊ گئس ڪارپوريشن □ جيڪي سنڌ جا ملازم ڪانٽريڪٽ تي رکيل آهن، اهي گذريل هڪ سال کان احتجاج ڪري رهيا آهن ته کين پڪو ڪيو وڃي، ڪافي پيرا انهن فيلڊس □ ڏرٽو هٽي پيداوار به بند ڪئي، پر حڪومت طرفان ڪا توجهه نه پئي ڏني وڃي. جيئن ته آئل اينڊ گئس ڪارپوريشن جو هيڊ ڪوارٽر اسلام

آبـاد ۾ آهي، ان كـري آفيســرن جي اكــثريت جــو تعلق بـه پنجـاب سـان آهي. اصـولي طـور تي جـتي اهي آئـل فيلــڊس آهن، انهن علائقن جي مـاڻهن كي ملازمتن تي ركيو وڃي، پر افسوس ته هنن فيلــڊس ۾ چوكيدار ۾ پٽيوالا به پنجاب، سرحد ۾ ٻين علائقن مـــان آنـــدا وڃن ٿـــا. هن وقت ســـنڌ ۾ پ پ جي حكـومت آهي، تنهنكري ان جو اخلاقي فـرض بڻجي ٿو ته، حكـومت سنڌين سان روزگار جي معــاملي ۾ ٿيندڙ زيادتين جو تدارڪ كري. ان معاملي تي وفاق كي هڪ خـط لكڻ كـافي نـاهي، پـر هـر سـطح تي احتجاج كري وفاقي ملازمتن ۾ سنڌ جي جائز كوٽا تي عمل كرايو وڃي.

(چپيل: 26 نومبر 2014ع)

عوام جي نالي تي عوام دشمن سياست

عــوام جي درد ۾ بي حــال ٿيـنـدڙ سياســتدان عوام جي نالي تي ڌرڻن ۾ جلسـن جـا منـڊل مڃـايو ويٺا آهن. حكمران به سـاڳي ڳالهـه كن ٿـا تـه هــو مـاڻهن جي مينـڊيٽ تي حكـومت ۾ اڇي عـوام جي بهتري ۾ بهبود لاءِ رات ڏينهن كوشش ۾ مصــروف آهن، پر هن ملڪ جا ويچارا ماڻهو اهو عــوام ڳــولهي رهيـــا آهن، جن جي دڪ ۾ درد سياســـتدانن جـــون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون آهن ۾ هو هڪ ٻئي خلاف فقــط ئي فقط عــوام جي محبت ۾ برسـرپيكار آهن. اهــو عوام خبر ناهي كهڙي خوش نصيب ملڪ جــو آهي،

جنهن جي لاءِ اسان جا حڪمران □ سياستدان پنهنجي جان جي بازي لڳائڻ جي دعوى ڪندا رهيا آهن. چاڪاڻ ته پياري پاڪستان جو عوام ته سندن ايجنڊا تي آهي ئي ڪونه. مسڪين ماڻهو ته هر دور □ عذاب □ مبتلا رهيا آهن. حڪومت ڪنهن جي به هجي، ڪهڙي به منشور تحت عوام ڪان ووٽ ورتا ويا هجن، پر هن ملڪ جي عوام جي صحت □ ڪابه بهتري نه آئي آهي. هن وقت ملڪ منجهه وڌندڙ مهانگائي عوام جو جيئڻ تان ارواح ئي ڪٽائي ڇڏيو آهي. مهانگائي عوام منجهه مايوسي پئدا ڪندي آهي □ جڏهن عوام منجهه مايوسي انتها تي پهچندي آهي ته پوءِ ان منجهان خونريز انقلاب جنم وٺندا آهن، جيڪي بيوس ماڻهو پنهنجن هٿن سان پاڻ يا پنهنجن ٻچن کي جيئري مارڻ واري حد تي وڃي پهچندا آهن، سي آخر □ ڪنهن ٻئي جي جان وٺڻ □ به دير نه ڪندا آهن. شايد حڪمرانن کي دنيا اندر آيل انقلابن جو تدارڪ ناهي. هن وقت پياري پاڪستان جي معيشت تيزي سان تباهي ٿي رهي آهي. تيزي سان وڌندڙ معاشي زوال جي ڪري سڄو نظام ڏانواڏول ٿي رهيو آهي. بي روزگاري، بک □ بدحالي سبب ماڻهن □ ويڳاڻپ وڌي رهي آهي. انساني رشتن □ اوپرائپ ان ئي بدحالي جو نتيجو آهي. ماڻهو شديد نفسياتي دٻاءُ سبب پنهنجن زندگين جا ڏيئا اجهائي رهيا آهن.

هن ملڪ جا غريب ماڻهو روزگار جي ڪا به اميد نه ڏسندي خودڪشين تي مجبور آهن. خاص ڪري وچولو طبقو وڏي آزار □ آهي ، جيڪو نه ته هيٺين سطح تي وڃي سگهي ٿو□ نه وري مٿي وڃڻ لاءِ ڪيس موقعا ميسر آهن. موجوده سرمائيداري □ جاگيرداري نظام □ امير جيئن پوءِ

تيئن امـير ٿي رهيـا آهن ۽ غـريب 2 ويلن جي مـاني لاءِ بـه پريشـان آهن. غـريب طبقي لاءِ تعليم، سـٺي صـحت جـون سـهولتون، آرام ۽ آسـائش تـه خـواب بڻجي ويـا آهن. هــو تــه فقــط ان اٽ تڻ ۾ آهن تــه پنهنجو پاڻ کي ڪيئن زنده رکن. پنهنجي خاندان کي عــزت پريــو جيــاپو ڪــيئن ڏيــارين. عــوام ذلتن جي اونهي اوڙاهه ۾ غرق ٿيندو پيو وڃي. هن وقت ملڪ جي پرندڙ سماج ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙي تبديلي آڻجي، ان لاءِ نه ته ڪا سنجيده سياسي قيـادت موجـود آهي ۽ نه وري ڪنهن پارٽي وٽ اهڙو پروگـرام آهي. اسـان جي سياسـتدانن طرفـان تبـديلي جي ڳالهـه جڻ تـه ٺٺـولي بڻجي وئي آهي. عظيم آدرشــن ۽ جرئتمنــدي واري سوچ سـان نفـرت جـو اظهـار ڪيـو وڃي ٿـو. سنجيده تبديلي جي ڪنهن به خيال کي بـدلائڻ واري سوچ ۽ ڳالهه کي قبـول ڪـرڻ بـدران ان تي ٺٺـولي ڪئي وڃي ٿي. سرمائيداري نظام ۽ ان جي پرجهلو ٻٽيل جـاگيرداري ۽ قـبيلائي سسـتم عـوام کي مـدي خارج رسمن جي قيد ۾ بند ڪري ڇـڏيو آهي. عـوام وٽ هڪــڙي پنجــوڙ مــان نڪــري ٻـئي ڪــوڙڪي ۾ ڦاسائڻ ڪانسواءِ ڪــو بـه چـارو نـاهي. سـاڳيا چهـرا پارٽيون بدلائي، وفاداريون تبـديل ڪــري نــون نعــرن سان عوام کي بي وقوف بڻائي رهيــا آهن. هن ملڪ ۾ جمهوريت ۽ اليڪشــن ذريعي تبــديلي هڪ خــواب بڻجي ويـو آهي. پلي جـو مهانگـائي پـوريءَ دنيـا جـو مســـئلو آهي، پــــر بين مُلڪن ۾ واپــــارين تــــوڙي ٽرانسپورٽرن کي اهڙي ڇـوٽ هرگـز نـاهي هونـدي، جهـڙي هـتي جي واپـارين کي مليـل آهي. هـتي جـا واپاري هر پندرهين ڏينهن تيـل جي قيمتن ۾ واڌ جــو بهانو بڻائي شين جا اگهه وڌائينـدا رهن ٿـا پـر قيمتن کي ڪنٽرول ۾ ڪرڻ وارا ادارا اهـڙي تـه اگهـور ننڊ

سُتل آهن جو سندن سجاڳيءَ جو پري پري تائين امڪان نظر نٿو اچي □ ائين نظر اچي رهيو آهي ته سرڪار پاڻ به اهوئي چاهيندي هجي ته پل قيمتون وڌنديون ئي رهن. اسلام آباد جي ايوانن يا انهن کان ٻاهر جيڪا جنگ وڙهي پئي وڃي. ان لاءِ نالو ته عوام جو ورتو وڃي ٿو، پر اهو عوام شايد هن ملڪ جو نه پر ڪنهن ٻئي سياري جي مخلوق هجي.

(ڇپيل: 26 نومبر 2014ع)

چچريل لاشن سان ملڪ جا بنياد مضبوط ٿيندا؟

بلوچستان بعد سنڌ □ به ڪنپي گم ڪرڻ بعد قومي ڪارڪنن جا چچريل لاش ملڻ جو سلسلو تيز ٿي ويو آهي. ڪالهه حيدرآباد مان اڻڄاتل ماڻهن پاران ڪنپي گم ڪرڻ بعد جسمم اڳواڻ آصف پنهور جو چچريل لاش ٻاقراڻي پرسان هٿ آيو آهي. گذريل رات دير سان ٻاقراڻي جي ڳوٺ شير محمد جتوئي پرسان هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ جسمم جي گم ڪيل اڳواڻ آصف پنهور طور ڪئي وئي. اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي مقتول قومپرست اڳواڻ جو لاش چانڊڪا اسپتال نيو ويو، جتي سندس پوسٽ مارٽم ڪيو ويو. مقتول آصف پنهور جو لاش سندس ڀاءُ راشد پنهور وصول ڪري ڳولاڙچي روانو

ٽي ويـو. وارثن جـو چـوڻ آهي تـه آصـف پنهـور کي 100 ڏينهن اڳ حيدرآباد مان کنيي گم ڪيو ويو هــو. مقتول قومپرست اڳواڻ آصـف پنهـور کي گـولاڙچي پرسان اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. هـوڏانهن قومپرسـت اڳـواڻ آصـف پنهـور جي قتـل خلاف مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا آهن.

آصـف پنهـور جي چچريـل لاش ڪـان اڳ بــه ڪيـئي سـنڌي نوجـوانن جـا لاش ملنــدا رهيـا آهن. پاڪستان ۾ اهي گمشدگيون اڄ جو قصـو نـاهن. نـه رڳـو پاڪسـتان دنيـا جي خطي تي واحـد ملڪ آهي، جتي ماڻهن کي جبري طور اغوا ڪري گم ڪرڻ بعد سـندن وارثن کي تحفي ۾ لاش ملن ٿـا، پـر مختلـف ملڪن ۾ مـاڻهن کي زوريءَ گم ڪـري مـاري خـون ٻــوڙي ڇــڏڻ وارو قصو عــام آهي. صــرف اهي ئي ملڪ نه، سڄي دنيا تي بادشاهيءَ جا خـواب ڏسـندڙ آمريڪا ۾ به ائين ٿئي ٿو، جنهن تي بـه دهشـتگرديءَ خلاف جنگ ۾ ڪيترائي مـاڻهو گم ڪـرڻ جـو الـزام آهي. سنڌ ۾ روزانو اها صورتحال بد کان بدتر ٿيندي پـئي وڃي. حسـن ناصـر کـان وٺي اڄ تـائين سـوين سياسي ۽ قومي ڪارڪنن جي گمشدگي ۽ چچريـل لاشـــن جي تـــاريخ رت هـــاڻي آهي. انهيءَ وچ ۾ ڪيتريون ئي چونڊيل حڪومتون آيون ويون پر انهن سـيني کي انهن مضـبوط گم ڪنـدڙ هٿن جي ڏٺين هڪ لڪير ڪڍي انهيءَ جي ٻي پر بيهاري ڇڏيو آهي. سنڌ ۽ بلوچستان مـان گم ٿيلن جـو حسـاب ڪتـاب ڪنهن وٽ بـه نـاهي. ائين نـاهي تـه ڪنهن کي خـبر ڪانهي، خبر سـيني کي آهي پـر ڪـير ڪجهـه عملي طـور ڪــرڻ جي پوزيشــن ۾ نـاهي رهيـو. گم ٿيـل ماڻهن جي وارثن وٽ ڪهڙيـون درد ڪهـاڻيون آهن،

کير انهن کي پڌڻ ۾ محسوس ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي. سپريم ڪورٽ ۾ گم ٿيل ماڻهن جا ڪيس ٻه رولڙي جو شڪار آهن، 2007ع کان تيزيءَ سان هلندڙ ڪيسن ۾ نه گمشدگين بابت رياست جي پاليسي تبديل ٿي، نه وري انهن ادارن کي ڪنٽرول ٿي سگهيو، نه وري انهيءَ تعداد ۾ گهٽتائي اچي سگهي، گمشدگين جو سلسلو جاري آهي.

شڪ جي بنياد تي ماڻهن کي ڪنهي گم ڪرڻ يا ماري ڇڏڻ وارن کان ڪير پڇڻ وارو ناهي. پاڪستاني عدالتن ۾ گم ٿيل ماڻهن جا ڪيس هلندي ٻه سال لنگهي ويا، پر سوين هزارين اهڙن ڪيسن مان هڪ ٻه ڪيس ۾ اختيارين اها رپورٽ ناهي ڏني ته ڪين انهن ڪٿي گم ڪيو، جن وٽ ڪو اختيار نه هو يا سندن اهو ڪم غير قانوني هو. سپريم ڪورٽ جبري گمشدگين جي حوالي سان اهو واضح ڪري چڪي آهي ته وٽن سوين شاهديون آهن ته ماڻهن کي گم ڪرڻ جي پويان اهي ملوث آهن، جن وٽ ائين ڪرڻ جو ڪنهن قسم جو ڪو اختيار ناهي، پوءِ ٻه عدالتون پاڻ کي بي وس سمجهن ٿيون. جيڪڏهن ڪير واقعي ٻه ايترو ڏوهي آهي، غدار آهي، باغي آهي ته انهيءَ جي لاءِ قانون ۾ سزا ٻه موجود آهي، انهيءَ تي ڪيس هلائڻ کان ڇو ٿو لنوايو وڃي. بنا ثبوتن جي ماڻهن کي گم ڪرڻ، ٽارچر سيلن ۾ واڙڻ، بعد ۾ سندن ڇچڙيل لاش اڇلڻ سان نه ته ملڪ جا بنياد مضبوط ٿيندا ۾ نه وري ماڻهن جي دلين ۾ ڪا محبت پئدا ٿيندي.

(ڇپيل: 28 نومبر 2014ع)

ٿر ڪميشن ۾ انساني حياتيون بچائڻ جو سوال

سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ٿر جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي 2 رڪني جاچ ڪميشن قائم ڪري ڇڏي آهي. ان ٻه رڪني جاچ ڪميشن جو چيئرمين، جسٽس (ر) غلام سرور ڪورائي ۽ ميمبر ڊسٽرڪٽ ايند سيشن جج (ر) ارجن رام کي مقرر ڪيو ويو آهي. ٿر جي صورتحال تي قائم ڪيل اها ٻه رڪني جاچ ڪميشن 30 ڏينهن ۾ رپورٽ تيار ڪري وزيراعليٰ سنڌ کي پيش ڪندي. ڪميشن ٿر ۾ پيدا ٿيندڙ صورتحال جا سبب ۽ غفلت ڪندڙ ماڻهن ۽ ادارن جي نشاندهي ڪندي. انڪوائري ڪميشن ان ڳالهه جي به جاچ ڪندي ته مقامي انتظاميه ٿر جي معاملي جي ڪهڙي طرح نگراني ڪري رهي آهي. جاچ ڪميشن ٿر جي صورتحال سميت اتان جي ماڻهن جي بهتري لاءِ پنهنجون تجويزون به پيش ڪندي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙي صورتحال کان بچي سگهجي.

ٿر ۾ جيڪو انساني الميو جنم وٺي چڪو آهي، ان کي روڪڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي ڪا تسلي بخش نه رهي آهي. هن وقت جڏهن وڏي وزير جاچ ڪميشن جوڙڻ جو اعلان ڪيو آهي ته اهو قدم بهتر پر تمام گهڻو دير سان کنيو ويو آهي. ڪميشن جي قيام بابت به حڪومت ڪافي گوٿنات کان ڪم ورتو، پر مخالف ڌر جي سخت تنقيد بعد

اهو قدم کنيو آهي. جيتوڻيڪ سنڌ اسمبلي ۾ ميمبرن جي تنقيد فقط اها نه هئي ته ڪميشن جوڙڻ ۾ دير چو ٿي ڪئي وڃي. پر ايوان ۾ اها گهر به ڪئي وئي ته ٿر ۾ انساني حياتيون بچائڻ لاءِ تڪڙا قدم کنيا وڃن، پر حڪومت فقط هڪ ڪميشن کي ئي اهم سمجهيو.

هڪ طرف سنڌ حڪومت ڪميشنون جوڙڻ ۾ مصروف آهي ته ٻئي طرف ٿر ۾ مور بدران موت جو رقص جاري آهي، ڪالهه به وڏيڪ هڪ ٻارڙي ۽ عورت فوت ٿي وئي. خوراڪ جي کوٽ، بيمارين ۾ علاج جون سهولتون نه ملڻ سبب ٻن مهينن دوران هڪ سئو 89 ٻارڙن سميت فوتين جو انگ 200 کان وڌي ويو آهي. سول اسپتال مٺيءَ ۾ 59 ٻارن جو علاج هلندڙ آهي، جڏهن ته ٽن ٻارن کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي. ٿر جا هزارين ماڻهو اڃا تائين حڪومتي امداد جا منتظر آهن، ڪروڙين روپيا امداد جي اعلانن باوجود ماڻهو بکن ۾ پاهه ٿي ويا، بک ۽ بيمارين وڌيڪ ٽن ٻارڙن کان زندگيون کسي ورتيون، سوين ٻارڙا اسپتالن ۾ داخل ڪيا ويا آهن. سنڌ حڪومت پاران فوتي ٻارڙن جي وارثن لاءِ اعلاينل ڏوڪڙ ڪنهن هڪ متاثر کي به اڃان تائين نه مليا ۽ نه وري فوت ٿيل ٻارڙن جي لسٽ تيار ڪئي وئي آهي. ٿر جي ڏڪار متاثر ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ امدادي سرگرميون شروع ئي ناهن ٿيون، نالي ماتر امدادي ٽيمون ٽوڙي ميڊيڪل ڪئمپون به رڳو شهرن تائين محدود آهن، ماڻهو ڪاڏ خوراڪ وٺڻ لاءِ ڪيترائي ميل پنڌ ڪري شهرن ڏانهن اچي رهيا آهن. ڏورانهن علائقن جا ماڻهو پاڙو نه هئڻ ڪري شهرن ۾ پهچڻ کان به لاچار بڻيل آهن، جنهن ڪري سندن ٻار بيمارين وگهي فوت ٿي رهيا آهن. امداد

جي وڏن وڏن اعلانن باوجود ٿر جي ڏڪار متاثر علائقن ۾ اجا تائين صورتحال انتهائي خراب آهي، جتي مارو ماڻهو کاڌ خوراڪ جو سامان ۾ پيئڻ جو پاڻي نه هئڻ سبب بک ۾ اڃ ۾ پاهه ٿي رهيا آهن. ڏڪار متاثر علائقن جي ماڻهن جي امدادي سامان نه ملڻ ڪري وڏي انگ ۾ لڏپلاڻ جاري آهي، وڏيڪ ڪيترائي ڳوٺ خالي ٿي ويا آهن. حڪومتي اعلانن باوجود ڏڪار متاثرن کي اجا تائين ڪٽڪ مڪمل طور تي ناهي ملي سگهي، سنڌ سرڪار ٿر واسين کي خوراڪ، صحت ۾ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪري ڏيڻ وارين ٺلهن آسرن کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪري سگهي آهي. ڪميشن جوڙڻ کان اڳ ٻارن جون حياتيون بچائڻ اهم آهن. چاڪاڻ ته اهو تعين بعد ۾ به ٿي سگهي ٿو ته ٿر ۾ هن صورتهال پويان ڪنهن جي غفلت ۾ لاپرواهي شامل آهي. پر پهريان هنگامي بنيادن تي انساني حياتين کي بچائڻ لاءِ قدم کڻڻ گهرجن.

(چپيل: 8 ڊسمبر 2014ع)

ننڌڻڪائي جي احساس ۾ مبتلا ماڻهو

سنڌ ۾ بدامني چوٽ چڙهيل آهي. چور ۾ ڌاڙيل گهرن جا گهر، ڳوٺن جا ڳوٺ اجاڙي رهيا

آهن. سنڌ کي بدامني جي باهه ۾ ساڙي پسم ڪري رهيا آهن. ايئن ٿو محسوس ٿئي ته سنڌ ڄڻ ته ڌاڙيلن ۾ ڦورن ڪي مقاطعي تي مليل هجي ۾ سندن مقاطعي ختم ٿيڻ جا آخري سال رهجي ويل هجن، جو هو هن باغ جو هر گل چنڻ لاءِ آتا هجن. سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه صاحب جنهن وٽ سنڌ جي گهرو مامرن جي واڳ پڻ آهي، تنهن کي شايد اها فرصت نه ٿي ملي جو هو هن طرف ڌيان ڏئي سگهي ته ڀيلي جنرل ضيا ۾ مشرف جي دور ۾ جيڪا سنڌ ڌاڙيلن کي مقاطعي تي مليل هئي، سندن مقاطعي جو مدو پورو ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن جمهوري حڪومت به سنڌ ڀيهر مقاطعي تي ڏني آهي يا وري مقاطعي واري مدي ۾ واڌ ڪئي آهي ته پوءِ حڪمرانن تي ڪابه ميار نه ٿي ٿهي.

سنڌ کي آمريت جي دور ۾ جيڪي هچائون بڇايون ويون هيون، انهن مان سنڌي ماڻهن جي جمهوريت اچڻ بعد جند آجي ٿيڻ گهرجي ها، پر خبر ناهي ته ڇو ڪين جمهوريت جو به ثمر نه ٿو ملي. سنڌ ۾ هڪ پاسي ڌارين جون ڌاڙيون آهن ته ٻئي پاسي ڌاڙا، ڦُرون، دشمنيون ۾ پنهنجن جا دولاب آهن، جن سان زندگيءَ جون رونقون تباهه ٿينديون رهن ٿيون. اُتر هجي يا لاڙ، ٿر هُجي يا ڪاچو، چوڏس تباهي ۾ بربادي‌ءَ جا اهڙا منظر آهن جو دُنيا ڏسي ڏندين آڱريون ڏئي ٿي. ٿر، جتي موت نامهربان موسم جيئن ڏهاڙي ڪيترين ئي مائرن جون جهوليون خالي ڪري معصوم گُلڙن کي مُرجهائي پاڻ سان وٺي ٿو وڃي ۾ مجموعي طور پوري سنڌ ۾ سنڌ جا حڪمران بيحسيءَ مان ڏسندا

رهن ٿا. اوپرائپ ۾ بيحسيءَ جو اهڙو مثال سنڌ اندر اڳ ڪڏهن نه مليو.

هن دردمندن جي ديس جا ماڻهو اڳ ته دنيا جهان لاءِ ڏِڍ ۾ آسرو هوندا هئا، اهي اج پاڻ بي آسرا ٿي ويا آهن. جنهن ڌيهه جا ماڻهو ٻين جو پيٽ پرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا، اڄ سندن ٻچا ماني ڳيو نه ملڻ سبب تڙپي تڙپي مري رهيا آهن. اُن ساڳي ڌيهه ۾ اڄ موت جو راڪاس معصوم زندگيون ڳڙڪائي رهيو آهي پر ساڃاهه جا ساڪي واريءَ ۾ مُنهن لڪايو، سڀ نيڪ هجڻ جو راڳ آلاپين ٿا. اهڙي قسم جي بدحالي جيڪڏهن ڪنهن ٻئي خطي ۾ ٿيندي هجي ها ته ڇا اُتي حڪمران اگهور ننڊ ۾ ستل هجن ها. عوام به اونو ٿي پنهنجن جا جنازا ڪڄندو ڏسي ها. جيڪڏهن سنڌ جي قومي شعور پُڇاڻي واري روايت ڪي پاٽي ڏنو هُجي ها ته اڄ سنڌي ماڻهن کي ڪنهن جي ڪاربِ هجڻ جا طعنا نه ملن ها، نه ئي وري متبادل جي اٿهوند جو فائدو ڪٽندي موجوده سرڪار عوام کان اهڙي لاتعلقيءَ جو مظاهرو ڪري ها. ڇا اِن کان به وڌ ڪا ٻي انتها ٿي سگهي ٿي جو سنڌ جا ڪيترائي علائقا سڄ لهندي، نو گو ايرياز بڻجي وڃن ٿا، اُتي ڌاڙيلن ڪي ڇوٽ هُجي ٿي. ايستائين جو ڪجهه ڏينهن اڳ ڌاڙيلن جي احتجاج جون خبرون پڻ منظر عام تي آيون هيون، جن تر جي پوليس خلاف دانهيو هو ته ڪانئن هر مهيني سِرَ جي قيمت هڪ لک روپيا وصول ڪئي وڃي ٿي؟ جنهن ديس ۾ ڌاڙيل به پوليس خلاف مظاهرا ڪندا هجن، اتي باقي خدا جي خلق جو ڇا حال هوندو، ان جو اندازو لڳائڻ ڪجهه مشڪل ناهي. جيڪا پوليس ڌوهارين کان پيتا اوڳاڙيندي هُجي، ان کان ڪهڙي اُميد ڪري سگهجي

ٿي ته اها امن امان بحال ڪرائڻ ۽ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي. پر افسوس ته انهيءَ صورتحال جو ڪنهن به هيستائين مناسب نموني نوٽيس نه ورتو آهي ۽ حالت هيءَ آهي جو اغواڪاري هاڻ باقاعده صنعتي صورت اختيار ڪري وئي آهي، روزاني ڪيترائي ماڻهو اغوا ٿيندا رهن ٿا. اغوا ڪان وٺي چوري ڌاڙا ۽ قرن جا لاتعداد واقعا روز جو معمول ٿيندا پيا وڃن. پر ستن سالن کان سنڌ اندر حڪمراني ڪندڙ موجوده سرڪار جي ڪن تي ڪا جونءَ سُرندي نظر نه پئي اچي. سنڌ ۽ ڪير ۽ ماڪيءَ جون نديون وهائڻ ته نهيو، ماڻهن کي روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪري ڏيڻ به گهوريو، صحت ۽ تعليم جون بنيادي سهوليتون مهيا ڪري ڏيڻ ته ٿيو خواب، پر جيڪڏهن ماڻهن کي امن ۽ سُڪون جي زندگي گذارڻ جو موقعو ڏنو وڃي، تڏهن به هنن لک ڪٽيو. اهڙي عدم تحفظ واري ماحول ۾ ماڻهو نه ته پنهنجي صلاحيتن جو صحيح معنيٰ ۾ مظاهرو ڪري سگهندا آهن نه وري اُهي پنهنجي صوبي جي ترقيءَ ۾ حصو وٺي سگهندا آهن. جيڪڏهن سرڪار چاهي ٿي ته هتي جا ماڻهو پنهنجي صلاحيتن سان ملڪ جي ترقيءَ ۾ هٿ ونڊائين ته کين فوري طور تي صوبي ۾ امن جي صورتحال طرف ڌيان ڏيڻي پوندي ۽ ڏوهارين جي رحم ڪرم تي ڇڏيل عوام کي اِهو احساس ڏيارڻو پوندو ته اُهي ننڌڻڪا ناهن.

(ڇپيل: 5 ڊسمبر 2014ع)

سنڌ جي وجود بچائڻ لاءِ لڳاتار جدوجهد جي ضرورت

سنڌ ۾ چڇريل لاش ملڻ وارو سلسلو بند ٿيڻ جو نالوءُ ئي نه ٿو وٺي. لڳي ٿو ته ڪجهه قوتن سنڌ ۾ ان جي ڌٽين خلاف اڻ اعلانيه جنگ شروع ڪري ڇڏي آهي. سنڌ ۾ ان جو عوام جنهن وقت موت ۾ حياتي جي ٻه واٽي تي تنگيل آهي، ان وقت هتان جون سياسي پارٽيون عوام جي آجپي لاءِ ڪا سنجيده سياسي جدوجهد يا ان بابت رستو طئه ڪرڻ ۾ ناڪام ويون آهن. سنڌ ۾ ڪنهن به هڪ مسئلي يا معاملي تي لڳاتار جدوجهد ڪري ڪي نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي سبب عوام جو ڏينهون ڏينهن سياسي پارٽيون ۾ ان جي قيادت تان اعتماد ۾ ويساه ختم ٿيندو پيو وڃي. اسان وٽ وڏو الميو اهو رهيو آهي، جو هر ننڍي وڏي پارٽي عوام جي بنيادي مسئلن بدران هميشه وڏا نعرا هنيا آهن، وڏيون دعوائون ڪيون آهن، ڪنهن به معاملي تي پنهنجي وٽ ۾ وس ڪان وڏي دعويٰ ڪرڻ ڇڻ ته هتي فيشن ٿي ويو آهي. پلي ڪنهن پارٽي وٽ ٿانگي ۾ ويهڻ جيترا ڪارڪن ۾ حامي هجن پر چتاءُ اهو ڏنو ويندو آهي ته اسان جو فلاڻو مطالبو تسليم نه ڪيو ويو ته ”ڌرتي تامون“ ٻٽائي ڇڏينداسين، اصل زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏينداسين، پر اهو مسئلو جيئن جو تئين رهندو آهي يا وري سنڌ جون مخالف قوتون اهو ڪارنامو سرانجام ڏئي چڪيون هونديون آهن. پر نه سنڌ جي ڌرتي تامون ٿيندي آهي نه وري بيانن ۾ نعرن جي اثاريل دز ڪنهن وطن دشمن جو فقط منهن ئي ميرو ڪري سگهندو آهي. اٿلندو دشمن قوتن کي اسان جي سياسي قيادت مذاق جو سامان مهيا ڪندي آهي.

اصل اسان جي سياسي پارٽين جي وڏين دعـوائن نعـرن بعـد انهن جي پاسـداري نـه ڪرڻ يا پنهنجي طاقت کان وڏي ڳالهـه ڪـرڻ واري رجحان، حڪمـرانن کي ڪـو مسـئلو حـل ڪـرڻ تي مجبور ته نه ڪيو آهي، اٿلندو سنڌي قـوم، ان جـون سياسي پارٽيون قيادت وطن دشمن حلقن ڪـل مذاق جو سبب بڻجي وئي آهي. اسان پنهنجي پٽ وائڪي ڪري دشمن قوتن کي هـر اهـو عمـل ڪـرڻ جـو جڙ تي اڻ سـڌو سـرٽيفڪيٽ ڏئي ڇـڏيو آهي، جنهن سان هي قوم ان جو وطن پنهنجي حيثيت اهميت وڃـائي ويهي. اڄ جـڏهن حڪمـران ڪالاباغ ڊيم کان وٺي ٿل ڪئنال تائين پنهنجي موقف تي اڙيا بيٺا آهن پاڻي جي ذخيرن بـابت وڏن منصـوبن تي انهن جي مخـــالفت ڪنـــدڙن کي ڪلم ڪلا دڙڪـــا ڌمڪيون ڏيڻ تي لهي آيا آهن، ان جو سـبب اهـو ئي آهي جـو هـو سـمجهن ٿـا تـه جـڏهن بـه هنن انهن منصوبن تي ڪم شروع ڪيو تـه، سـنڌ جي سياسـي قيـادت فقــط بيـانن تـائين پنهنجـو احتجـاج رڪـارڊ ڪرائي خاموش ٿي ويندي. اڳ جيـان ڪين اهي قـدم ڦٻي ويندا. ڇاڪاڻ ته ماضيءَ به اهو ٿيو آهي، جـو اســان جنهن منصــوبي يــا ســنڌ دشــمن قــدم جي مخـالفت ڪـئي آهي، حڪمـرانن ان تي وڏي ديـده دليري سان ڪم ڪيو آهي، پـر عمـل جي صـورت سنڌ مان ڪا به منظم جدوجهد يـا مـزاحمت سـندن راهه جي رنڊڪ نه بڻي آهي.

هن وقت جـــــڏهن ڌرتي ڌڻين جـــــا چڇريل لاش اڇليا پيا وڃن، سـنڌ جـا معـدني وسـيلا لٽيا پيا وڃن، ناٽي ورچ مان سنڌ کي جـائز حصـو نـه ٿو ڏنو وڃي، ملازمتن سنڌ جي ڪوٽا تي عمـل نـه ٿــو ٿـئي، ڌارين کي آڻي هــتي آبــاد ڪيــو پيــو وڃي،

تڪراري پاٽي منصوبن تي عمل لاءِ سنجيدگي سان منصوبابندي ڪئي پئي وڃي، سنڌ جي ٻولي جي حيثيت ختم ڪئي پئي وڃي، ان وقت سنڌ جي سياسي قيادت ماضي وانگر ڇڙوڇڙ احتجاجن، بڪ هڙتالن، مظاهرن ۾ بيانن تائين محدود آهي. ڪنهن به هڪ معاملي تي لڳاتار جدوجهد جو ڪو پري تائين به ڏس پتو نه ٿو ملي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ دشمن قوتن سنڌ جي ان واويلا کي اهميت ڏيڻ ڇڏي ڏني آهي. ڪو به اسان جي احتجاجن جو نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار نه آهي. اسان جا ليڊر فقط اخبارن ۾ بيان ڏئي، پنهنجا فوٽو ڇپرائي پاڻ کي جيئرو رکڻ جا جتن ڪرڻ ۾ مصروف آهن. سياسي قيادت ان خوش فهميءَ ۾ مبتلا آهي ته فقط بيانن جي حد تائين سنڌ جي عوام کي پاڻ سان گڏ رکي سگهون ٿا. جڏهن ته اها سندن وڏي ڀل آهي. ڇاڪاڻ ته عوام ڪانئن ڪوهين ڏور ٿيندو پيو وڃي. سنڌ کي بچائڻ، سنڌي نوجوانن جون حياتيون بچائڻ ۾ سنڌي قوم جي نسل ڪشي روڪرائڻ لاءِ هڪ به هڙتال يا مظاهرن بدران لڳاتار جدوجهد جي ضرورت آهي. جيڪي قوم کي ڪامرانين تائين پهچائي.

(ڇپيل: 3 ڊسمبر 2014ع)

سنڌ جو درد ڪير محسوس ڪندو؟

اج سنڌ جو عوام هٿياربند دشمنن جي گهيري ۾ آهي. ڪين ان گهيري مان سنڌن پرامن جمهوري جدوجهد صحيح سلامت ٻاهر ڪڍڻ ۾ ناڪام رهي آهي. بندوق جي ٻولي ڳالهائيندڙ دليل ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن. اج سنڌي عوام کي تاريخ جي ان موڙ تي آڻي بيهاريو ويو آهي، جتي گوليءَ جو جواب گوليءَ سان ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه رهيو آهي. ڪالهه سنڌ جي ڌرتيءَ کي ٻيهر پنهنجن ڪونڌرن جا لاش تحفي ۾ ڏنا ويا آهن. نوري آباد مان ڪالهه وڏيڪ ٻه چچريل لاش مليا آهن. سرويچ پيرزادي ۽ واجد لانگاهه جا چچريل لاش هٿ اچڻ بعد سنڌ ڌرتيءَ ٻيهر نفرت جي باهه اوڳاڇڻ شروع ڪئي آهي. اها باهه انهن قوتن خلاف پڙڪا ڏئي پنيت ٻڄڻ طرف وڃي رهي آهي، جيڪي قوتون پاڪستان جي وجود کان وٺي سنڌ جي وجود جون انڪاري رهيون آهن. رستن تي ٻرندڙ باهه کي شايد حڪمران پنهنجي رياستي طاقت سان ڪجهه ڏينهن اندر وسائڻ ۾ ڪامياب وڃن. پر سنڌي ماءُ، پيءُ ۽ ڀاءُ جي دل ۾ جيڪا نفرت جي باهه اوتي وئي آهي، ان کي وسائڻ لاءِ شايد حڪمرانن وٽ اهو پاڻي ئي موجود نه هجي. دلين ۾ محبت ۽ مناسب پيدا ڪرڻ لاءِ صدين جو سفر طئه ڪرڻو پوندو آهي. جڏهن ته نفرت پکيڙڻ لاءِ فقط هڪ ڇيي ئي ڪافي هوندي آهي. پر هتي ته پاڪستان جي عمر جي حساب کان به وڏيڪ سنڌي عوام جي من کي جهير ڏنا ويا آهن.

حڪمران چون ٿا ته سنڌ سميت ٻين صوبن کي اهي سڀ حق ۽ اختيار ڏنا ويندا، جن جو هتان جي قومن نه پر حڪمرانن موجب صوبن سان 1973ع جي آئين وقت اقرار ڪيو ويو هو. پر شايد حڪمرانن جا اعلان ۽ اقرار حج تي ويندڙ ان وياجي

سـيـٽ وانگــر آهن، جنهن مــوجب هــو حج تي وڃي پنهنجا اڳيان سڀ ڏوهه بخشـرائي ايـنـدو. جنهن بعـد ڪيس وري نـوان گناه ڪـرڻ لاءِ پروانـو ملي ويـنـدو. عوام کي اهو ضرور ٻـڌائڻو پونـدو تـه اهي ڪهڙيـون قوتـون آهن، جيڪي هڪ جيـئري جاڳنـدي قـوم جـو وجود برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نـاهن. اهي ڪهـڙا هٿ آهن، جيڪي سنڌ جي عـوام کي ملڪ ڪـان ڪـوهين دور ڌڪڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن. اهي ڪهڙيـون طـــاقتون آهن جن ڪــــان هن ملڪ جي قـــومن □ پنهنجائپ، پيار، هڪ ٻئي جـو احـترام □ برابـري وارا لاڳاپا قائم ٿيڻ جون ڪوششـون برداشـت نـه ٿيـون ٿين. جنرل مشرف جي آمريتي دور جي خاتمي بعـد عوام منجهه اها اميد پيدا ٿي هئي ته مظلـوم مـاڻهن کي وڏيڪ لاش نـــه ملنـــدا، ســـندن حقن □ خودمختياريءَ جو احترام ڪيو ويندو. ماضيءَ □ ٿيـل ناانصافين جا پيرا کڄندا، چور پڪڙي عوامي عـدالتن □ آندا ويندا. ڦرلٽ جـو حسـاب ويـاج سـميت واپس ڪرڻو پوندو. پر هتي ته قصو ئي الٽو ٿو نظر اچي.

ملڪ جي مالڪيءَ جي دعوى ڪنـدڙ سياسـي پـارٽين کي اقتـدار جي حصـي پـتيءَ واري ڇنـڊا پٽ مان فرصت ئي نه ٿي ملي. ته پوءِ هو هڪ قوم جي ڌرتيءَ تي لڳل باه جو سيڪ ڪيئن محسوس ڪــري سگهنديون. رت □ ٻڏل ڌرتيءَ جـو نوحـو ڪـير ٻـڌي سگهندو. اسان کي سـمجهه □ نـه ٿـو اچي تـه ملڪ جي اســتحڪام □ ســالميت جـــو ڏينهن رات راڳ آلاپينـدڙن کي جمهـوريت جـو تـه اونـو آهي، پـر هڪ قوم جي وجود مٽان منـڊيئڙو ڦـيرائڻ وارن هٿن جي ڪير به نشاندهي ڪرڻ لاءِ تيـار نـه آهي. 1970ع □ به اسان جي حڪمرانن جو هڪ قـوم ڏانهن اهـو ئي رويو هو، جيڪو اڄ سنڌين ڏانهن رکيـو پيـو وڃي. ان

وقت به اهي اعلان ڪيا ويا هئا ته ملڪ ۾ سڀ خير آهي، پر وارا ملڪ شيطان گيريءَ کان نه ٽا مڙن. اڄ به سنڌ جي مسئلي پويان سنڌي عوام سان ٿيل ناانصافين جو داستان ڳولڻ يا انهن کي تسليم ڪرڻ بدران مسئلي کي منجهائي، عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. سنڌ عوام جي دلين ۾ موجود درد جا سبب ڳولڻ لاءِ ٻاهر نهارڻ بدران سرويچ، واجد لانگاهه، آصف پنهور ۽ ماجد جي ماءُ کان معاملي جو نبيرو پڇيو وڃي ته سڀ سٽ سلجهي پوندا. پنهنجن پٽن جا لاش کڻندڙ والدين کان پڇيو وڃي ته ملڪ ڪيئن سلامت رهي سگهي ٿو. جمهوريت لاءِ پريشان سياستدان آخر سنڌي ماءُ جي ڳلن تي ڳڙندڙ ڳوڙهن تي ڇو نه ٿا سوچڻ لاءِ مجبور ٿين. اعلى عهديدارن جي اختيارن ۾ هيٺ مٿانهين لاءِ سر پڪڙي سوچ ۾ وينل اقتداري دانشور هڪ ديس جي سيني مان وهندڙ رت ۾ سندس وجود کي لڳل باه جو سيڪ ڇو نه ٿا محسوس ڪري سگهن. ٻيلي سوڳ ۾ ورتل ڌرتي ڌٽين سان وڌيڪ پوڳ نه ڪيو. ٻيلي جمهوريت کان وڌيڪ مظلوم قومن جو وجود برقرار رکڻ، سندن اندر ۾ اوتيل ٿانڊن تي پاڻي وجهڻ اهم آهي. حڪمران توڙي مخالف ڌر ۾ وينل ايندڙ وقت جا اقتدار ڌٽي جيڪڏهن واقعي ملڪ جي سالميت ۾ استحڪام جا حقيقي خيرخواه آهن ته پوءِ هو ملڪ جي مظلوم قومن جي ڪيس کي اوليت ڏئي، سندن وجود مٿان لٽڪندڙ تلوار کي هٽائين، ٻي صورت ۾ جنهن ميلي مچائڻ جو اهتمام ڪيو پيو وڃي، ان لاءِ پٽ ئي ميسر نه هوندو ته دوسو ڪٿي دهل وڄائيندو.

(ڇپيل: 2 ڊسمبر 2014ع)

سنڌ ۾ انساني حقن جي پائمالي

سنڌ ۾ انساني حقن جي پائمالي جون مختلف پيانک شکليون موجود آهن. هک طرف نامعلوم قوتون هتان جي قومي ڪارڪنن کي ڪنپي گم ڪن ٿيون يا وري کجهه عرصي بعد سندن چچريل لاش اڇليا پيا وڃن. ٻئي طرف دهشتگرد ۾ ڌاڙيل باقي ماڻهن جي نڙي تي ننهن ڏئي ويٺا آهن. سنڌ جو هر شهر ۾ ڳوٺ هٿياربند گروهن جي چنبي ۾ يرغمال آهي، ڪٿي دهشتگرد ته ڪٿي وري ڌاڙيل بندوق ڪنيو ماڻهن جو ساهه مٺ ۾ ڪيو ويٺا آهن. باقي رهيل ڪثر قبيلائي جهيڙن پوري ڪري ڇڏي آهي.

سنڌ ۾ جتي قبائلي رتوڇاڻ هيث بي گناهه انسان ڪي قرباني جو ٻڪرو بڻايو پئي وڃي، اتي بدامني به سنڌ واسين جو جيئڻ عذاب ڪري ڇڏيو آهي. چوريون، ڦرون ڌاڙا، اغوائون معمول جو حصو بڻجي ويا آهن، ڪيترائي ماڻهو ڌاڙيلن جي چنبي ۾ آهن، جڏهن ته روزانو جي بنياد تي چار ڪان پنج ماڻهو اغوا پڻ ٿين ٿا، ۽ ٻين وارداتن جو ته ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. اسان جي حڪومت ڪي هرطرف خير نظر اچي رهيو آهي، پ پ حڪومت اجا شايد هني مون ملهائي رهي آهي. سنڌ ۾ لاقانونيت جي ڪري گذريل ڪيتري ئي عرصي ڪان امن امان جي صورتحال بگڙيل رهي آهي ، چورين ڦرن، اغوائن ۽ ڌاڙن ڪان وٺندي ۾ قتل غارت جا اهڙا واقعا روز جو معمول بڻيل آهن، جنهن ۾ روزانو ڪيترائي بيگناهه انساني جانيون اجل جو شڪار ٿي ويندڙيون آهن، ۽ ڪيتريون ئي چورين، ڦرن، ڌاڙن ۽ اغوائن جون وارداتون پيش اينديون آهن، پر رياست جيڪا عوام ڪي تحفظ ڏيڻ لاءِ پنهنجو هر وسيلو استعمال ڪري سگهي ٿي، اها سنڌ ۾ جڻ ته ڪٿي نظر ئي نه ٿي اچي ان جو مثال سنڌ جي مٿين پيش ڪيل جهلڪ مان ملي وڃي ٿو.

سنڌ ۾ جيڪا انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي، انهيءَ جي روڪٿام لاءِ ڪڏهن به منظم نموني سنجيدگيءَ ڪان ڪم ناهي ورتو ويو، اهو ئي سبب آهي، جو هتي عام انساني جانين جو ضايع ٿيڻ هڪ معمول بڻجي چڪو آهي، سنڌ ۾ لاقانونيت جي ڪري حالتون ان حد تائين پهچي چڪيون آهن جو هر علائقي ۾ عوام پاڻ ڪي غير محفوظ سمجهي رهيو آهي، جڏهن ته عوام جي تحفظ لاءِ قائم ڪيل ادارا انهيءَ سڄي صورتحال ڪان لاتعلق بڻيل آهن.

حقيقت اها آهي ته عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ هتي مختلف ادارا به قائم ڪيل آهن ته قانون به جوڙيل آهن پر انهن ادارن جي غير ذميواري قانون تي عمل نه ٿيڻ ان جي پڃڪڙيءَ جي ڪري امن امان جي بگڙيل صورتحال تي ضابطو نه اچي سگهيو آهي، قانون جي پڃڪڙي هڪ اهڙو جرم آهي، جنهن ملوث ماڻهو ڪٽي ڪهڙي به گروهه يا پارٽيءَ سان لاڳاپيل هجي يا ڪٽي ڪيترو به سگهارو ڇو نه هجي پر قانون ڪنهن کي به معاف ناهي ڪندو، ڇاڪاڻ ته قانون خود هڪ رياست آهي اهو قانون ئي رياست جي وڏي سڃاڻپ آهي، جڏهن ته ان رياستي نظام قانون ڪان ڪوبه مٿانهون ناهي، ايستائين ڳالهه نيڪ آهي پر جڏهن ان قانون تي ئي عمل نه ٿي سگهي ته انصاف جي اميد ڪهڙي بنياد تي ڪري سگهجي ٿي، جڏهن اها پوليس ٻيا رياستي ادارا ان قانوني دائري ڪان ٻاهر رهي ڪم ڪندا هجن ته اهڙي صورتحال انصاف جي اميد ايئن آهي، جيئن ٻرن ڪان ٻير گهرڻ.

جيڪڏهن موجوده حڪومت عوام کي امن انصاف مهيا ڪري نه سگهي ته ان سان سماج وڏيڪ انارڪي پکڙبي، پوءِ جيڪو ڏاڍو سو ڳابو واري ڪار ٿيندي ٻااثر ٽولا عوام کي پنهنجي قبضي ڪري وٺندا، هر ماڻهو پنهنجي خيريت ان ئي سمجهندو ته يا ته هو هٿياربند بدمعاشن سان سلهاڙجي ساڳي واٽ اختيار ڪري يا وري خاموشي سان ظلم ستم سهڻ کي ترجيح ڏئي، ان صورت حڪومت جو وجود بي معنى بڻجي ويندو. رياست جي رٽ باقي نه رهندي. جنهن سان هي سماج جهنم جو ڏيک ڏيڻ شروع ڪندو، ان ڪان اڳ جو

حالتون آخري حدون به پار ڪري وڃن، حڪومت سچي سنڌ ۾ بدمعاشن جي رستا روڪ ڪري ۽ ڪين لغام ڏيڻ لاءِ قانون کي حرڪت ۾ آڻي. سنڌ جي ماڻهن کي امن ۽ سکون ڏيڻ سان ئي ترقيءَ جون راهون کلي سگهن ٿيون.

(ڇپيل: 10 ڊسمبر 2014ع)

چڇريل لاش ۽ سنڌ اسيمبلي جو ٺهراءُ

سنڌ اسيمبليءَ قومپرست ڪارڪنن جا چڇريل لاش ملڻ وارو واقعن خلاف ڪالهه اتفاق راءِ سان ٺهراءَ منظور ڪري ورتو آهي. جنهن ۾ ڌرتي ڌڻين کي کنڀي گم ڪرڻ ۽ بعد ۾ سندن لاش اڇلڻ وارن واقعن جي جاچ لاءِ عدالتي ڪميشن جوڙڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. پ پ ميمبر سڪندر شوري انساني حقن جي لتاڙ ۽ قومپرست ڪارڪنن جا چڇريل لاش ملڻ وارن واقعن خلاف مذمتي ٺهراءُ پيش ڪيو، جيڪو منظور ڪيو ويو. ان موقعي تي ايوان کي خطاب ڪندي سڪندر شوريَ چيو ته مائرن کان پٽ ۽ پينرن کان پيئر کسيا پيا وڃن، ان جا ڪهڙا سبب آهن؟ بلوچستان کانپوءِ سنڌ ۾ به لاش ملڻ وارو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. هن مطالبو ڪيو ته چڇريل لاش ملڻ واري واقعي جي جاچ لاءِ عدالتي ڪميشن جوڙي وڃي.

سکندر شوري چيو ته چچريل لاش ملڻ سنڌ خلاف وڏي سازش آهي، پاڪستان ۾ لاڳيتو انساني حقن جي پيچڪڙي ٿي رهي آهي. هن چيو ته آمرن جو اقتدار تي قبضو ڪرڻ به انساني حقن جي پيچڪڙي آهي، ڪنهن تي الزام آهن ته ان کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي. ڊپٽي اسپيڪر شهلا رضا چيو ته سنڌ ۾ چچريل لاش ملڻ خلاف سول سوسائٽي اسيمبلي آڏو احتجاج ڪيو، جنهن دوران متاثر ڪٽنبن جوڊيشل ڪميشن جوڙڻ جو مطالبو ڪيو. شهلا رضا چيو ته چچريل لاش ملڻ افسوسناڪ آهي، حڪومت واقعن جي جاچ لاءِ قدم کڻي. فنڪشنل ليگ ميمبر نصرت سحر عباسي چيو ته سنڌ ۾ لاش ملڻ جا واقعا انتهائي حساس آهن. نصرت سحر عباسي چيو ته حڪومت ۽ اپوزيشن کي چچريل لاش ملڻ واري معاملي تي گڏيل قدم کڻڻا پوندا.

سنڌ اسمبلي ۾ چچريل لاش ملڻ خلاف هي ٺهراءُ انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي منظور ڪيو ويو آهي. پر بدقسمتي سان سنڌ جي ماڻهن کي ته هن رياست ۾ انسان ئي نه ٿو سجهيو وڃي، کين انساني حق ڏيڻ وارو معاملو ته پوءِ جو آهي. سنڌ کي جنهن نموني ڪنڊائتو ڪيو پيو وڃي، ان جي نتيجن کان شايد هن رياست جا واڳ ڌڻي واقف ناهن، يا وري هنن تاريخ مان سبق حاصل نه ڪيو آهي. جن قوتن اوپر پاڪستان ۾ لاش ڪيرائي پاڪستان کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، انهن کي اتي ذلت جوڳي ناڪامي نصيب ٿي هئي. هاڻي وري ساڳيو باب سنڌ ۾ ورجايو پيو وڃي. ڇا اهي قوتون ملڪ جي وحدت خلاف ڪم نه ڪري رهيون آهن؟ سنڌ جا ماڻهو اسلام آباد ۾ ويٺل حڪمرانن کان سوال ڪن ٿا ته کين ٻڌايو وڃي ته

ملڪ جي سالميت خلاف سازشـون سـنڌ جي ڳـيرو نوجوان ڪـري رهيـا آهن يـا اهي قوتـون ملڪ جـون پاڙون پيون کوٽين جيڪي سـنڌ کي رت □ وهنجـارڻ جون خواهشمند آهن. ٻيلي هي نـه تـه 1971ع وارو زمـانو آهي □ نـه وري سـنڌ بلوچسـتان آهي، جـتي پهاڙن □ رت وهڻ جو سيڪ دنيا محسوس ڪري نــه سـگهندي. هن دور □ ڪنهن کي بـه طـاقت جي زور تي ديڄاري □ ڌمڪائي نه ٿو سگهجي. اڄ دنيا جهــان جون اکيون کليل آهن.

سنڌ اسيمبلي سوال ڪري ٿي ته آصف پنهور □ وحيد لاشاريءَ، سـرويچ پـيرزادي □ واجـد لانگاهـه جا لاش ڪنهن ڏنـا آهن، ڪـير آهي جيڪـو سـنڌ جي ٻچن کي گهـران □ رسـتن تـان ڪنـيي بعـد □ تشـدد ڪري گوليون هڻي مـاري رسـتن تي اڇلي ٿـو؟ آخـر سنڌ وارن جو قصـور ڇـا آهي؟ جيڪـڏهن ڪـارڪنن جي قتلن وارو □ ســنڌ کي ڇچريــل لاش ملڻ وارو اهو سلسلو جاري رهيو ته پوءِ حالتون □ معاملا هٿن مان نڪري ويندا! جن کي ڪو به روڪي نه سگهندو □ سنڌ □ به بلوچستان جهڙا منظر پيش اچڻ لڳنــدا. سنڌ □ سـنڌي مـاڻهن جي نسـل ڪشـي ڪـئي پـئي وڃي، جنهن جي رستا روڪ جي ضرورت آهي □ ان ڏس □ رياست جيڪڏهن گهربل ڪـردار ادا نـه ڪيـو ته پوءِ سياڻي تاريخ پنهنجو فيصلو ڏيندي □ تاريخ جـو فيصلو انتهائي بي رحم هوندو آهي.

(ڇپيل: 11 ڊسمبر 2014ع)

ڪراچي دهشتگردي پٺيان پرڏيهين جو هٿ

تـازو ملڪ جي ڪجهن ادارن رپـورٽ ڏني آهي ته سـنڌ جي ڳـادي واري شـهر دهشـتگردي ٻين سنگين ڏوهن ملڪ جي مٿانهن حصن خاص ڪري قبائلي علائقن افغانستان مان آيل پنـاهگير ملـوث آهن. هاڻي جـڏهن ملڪ انـدر ڪم ڪنـدڙ ڪجهـا ادارا توڙي قانون نافـذ ڪنـدڙ ادارن ب اهڙيـون رپورٽـون ڏيندا رهيا آهن ت ڏوهن گهڻي پاڳي اهي سنڌ ڪان ٻاهران آيل ماڻهو ملـوث آهن ت اهـڙين رپـورٽن ڪي مــد نظــر رکنــدي اهــا ڳالهــه عجيب آهي تــه ســنڌ حڪـومت غـير قـانوني ترسـيل مـاڻهن خلاف ڪوبـه سـنجيده قـدم کڻڻ لاءِ تيـار نـاهي. جنهن جـو نـتيجو ويجهي مستقبل سنڌ سنڌي قـوم کي ئي ڀوڳڻـو پوندو جئين پهرين ٿيـل ڌارين آبادڪـارين جـو ڀـوڳي رهيـا آهيـون سـنڌ تـاريخي طـور تي صـوفين جي سـرزمين رهي آهي رهنـدي پـر حڪمـران طبقـو پنهنجن آقـــائن جي خوشـــنودي حاصـــل ڪـــرڻ لاءِ صوفين جي سرزمين کي انتها پســندي جي اوڙاهه ڌڪڻ جڻ سندن فرض شامل ٿيـندو هجي سـنڌ جي ساڃاهه ونـد ڌرين کي هن سـنجيد مسـئلي تي ڪــر ڪٽڻــو پونــدو ن ت اســان جي اينــدڙ نســل کي صـــوفي ازم جي خوشـــبوءِ ب ســـنگهڻ لاءِ ڪـــان ملنـدي اسـان کي مهمـانوازي جي ايـوارڊ حاصـل

ڪرڻ لاءِ پنهنجا نسل تباهہ ناهن ڪرائيٽا ۽ ذارين آبادڪارين جي ڪري جيڪو ڪجهہ سنڌ ۽ سنڌ قوم پوڳيو آهي اهو ڪنهن کان لڪيل ڪونهي. تاريخ جا ورق اهڙين انيڪ حقيقتن سان ڪارا ٿيل آهن پر انهي ساڳي تاريخ مان ڇا اسان اجان ٻه صرف اهو ئي پرائي سگهيا آهيون ته ذارين جو کليل دل سان آڌرڀاءُ ڪيون يا پنهنجي ڌرتي، قوم ۽ روايتن جي پاسداري ڪيون ۽ فيصلو هتان جي سڄاڻ ڌرين کي ڪرڻو پوندو ته اهي مستقبل جي سنڌ کي صوفي شاهہ عنايت، شاهہ عبدالطيف ڀٽائي ۽ رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد واري سنڌ يا هڪ انتهاپسند ۽ مذهبي ڄار ۾ جڪڙيل سنڌ ڏسڻ چاهين ٿا.

ذاريا اڄ جي سنڌ جو ٻرندڙ مسئلو آهي، سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي تہ افغانين، بهارين، برمين، بنگالين مطلب تہ پانت پانت جي ڪاتيءَ جو مرڪز بڻجي چڪي آهي، غير قانوني پرڏيهين جي لوڏ جي بنا ڪنهن رنڊ روڪ جي لوڏ جي سنڌ آمد سنڌ جي راڄڌانيءَ جي تصوير ئي تبديل ڪري ڇڏي آهي، نہ رڳو ايترو پر ڪراچي جيڪا ورهين کان وٺي رت ٻاڙينــدي رهي آهي، تنهن ۾ بہ توهان جي ئي ماتحت ڪم ڪندڙ ادارن جي رپورٽ موجب وڏو هٿ انهن پرڏيهين جو آهي، ائين ٿو لڳي سنڌ، خاص ڪري ان جي راڄڌاني ڪراچي ڄڻ تہ عالمي يتيم خانو بڻجي چڪي هجي. بنا ڪنهن رنڊ روڪ جي اهي ماڻهو سنڌ اچن ڪيئن ٿا ؟ آخرڪار انهن جي رستا روڪ ۽ جيڪي غير قانوني طور هن ڌرتيءَ تي داخل ٿي چڪا آهن تن جي پنهنجي پنهنجي ملڪن ڏانهن واپسيءَ لاءِ ڪو جامع پلان ڇو نہ ٿو ناهيو وڃي،ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سنڌ ۾ آباد ٿيل غير قانوني ماڻهن کي نہ فقط نيڪالي ڏني وڃي، پر

ملڪ جي اترين علائقن مان سنڌ ۾ داخل ٿيندڙ لوڏين کي به روڪڻ لاءِ قانون سازي ڪئي وڃي. چاڪاڻ ته سنڌ حڪومت ۽ ان جي اسيمبلي کي سنڌي ماڻهن جي مفادن جو تحفظ ڪرڻو پوندو. نه ته ٻي صورت ۾ سنڌ اسمبلي ۾ سپاٽي سنڌين بدران ڪنهن ٻي مخلوق جا چونڊيل نمائندا موجود هوندا ۽ آگرين تي ڳڻڻ جيترن سنڌي ميمبرن کي ذڪا ۽ ٿيلها نصيب ٿيندا. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته خيبرپختونخوا ۾ مختلف موقعن تي آپريش دوران ڀهتل پناهگيرن جي واپسي جو بندوبست ڪيو وڃي. افغانين کي سندن ملڪ موڪلڻ لاءِ وفاق تي زور بار آندو وڃي. چاڪاڻ ته هي سنڌ جي تشخص ۽ قومي وحدت جو مسئلو آهي. جنهن کي سياسي حڪمت عملين جي ور چڙهڻ نه ڏجي. خاص ڪري آئين ۾ هڪ صوبي کان ٻئي صوبي ۾ ٿيندڙ لڏپلاڻ کي روڪڻ لاءِ مناسب ترميمون ڪيون وڃن.

(چپيل: 12 ڊسمبر 2014ع)

سنڌو ۾ پاٽي ڪوٽ سبب تباهيون

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ سـنڌو درياهـه جـو پاڻي نه پهچڻ سبب اتي بيئل پاڻيءَ جـا تلاءَ ۽ کوهـه زهريلا بڻجي رهيا آهن. مال متاع ته ڇا پر ماڻهن کي هاڻي ته پيئڻ لاءِ تازو پـاڻي بـه ميسـر نـه آهي. بيئـل زهريلـو پـاڻي پـيئڻ سـبب هـزارين مـاڻهو پيٽ جي بيمارين ۾ خاص ڪري چمـڙي جي بيمـارين ۾ وڌجي ويا آهن. جڏهن ته ڪيترائي ٻـار، عورتـون، جـوان ۽ ٻڍا گيسٽرو سـبب مـوت جي منهن ۾ هليـا ويـا آهن. پاڻي لاءِ پساهه ڏيندڙ ماڻهن جي ڪوبـه واهـر ڪـرڻ لاءِ تيار ناهي، ڪين ڪير به اهو ٻڌائڻ لاءِ تيار ناهي ته ڪين سنڌوءَ جي پاڻيءَ ڪـان ان ڪـري محـروم ڪيـو ويـو آهي، جـو بدقسـمتيءَ سـان هـو سـنڌ جهـڙي ننڍڙڪي ديس جا ڇاوا آهن.

سـنڌ جي مـاڻهن سـنڌو دريـاءَ ۾ پـاڻي جي مسلسل کوٽ تي ڳڻتي جـو اظهـار ڪنـدي مطـالبو ڪيـو آهي تـه سـنڌو دريـاءَ جـو آزاد، فطـري ۽ ماحولياتي وهڪرو بحال ڪري انڊس ڊيلٽا کي تباهي کان بچائي سنڌوءَ تي وڌيڪ ڪو به ڊيم ۽ بـيراج نـه ٺاهيو وڃي. بدين ۽ ٺٽي ضلعي ۾ سـمنڊ جي مهـڙ ۾ ايندڙ لکين ايڪـڙ زمين سـمنڊ ڳڙڪـائي ڇڪـو آهي. سـوين ڳـوٺ ۽ وسـنديون سـمنڊ جي پيٽ ۾ هليـون ويون آهن. هزارين ماڻهو پنهنجا اباڻا پڊ ڇـڏي دربـدر ٿيڻ تي مجبـور ٿيـا آهن. پـر سـندن بحـاليءَ لاءِ حڪومتي سطح تي ڪوبه بندوبست نظر نه ٿو اچي. ڇاڪاڻ جو هو ڪو وزيرسـتان يـا سـوات جي خـاص مخلوق ته نه آهن، جو سندن لاءِ حڪومتي سطح تي خاص فنڊ قائم ڪيـا وڃن، يـا ڪين آفت سـٽيل قـرار ڏئي سندن ڪنهن ٻئي هنڌ تي آبادڪاريءَ جو انتظام ڪيو وڃي. بدين ۽ ٺـٽي واسـي تـه پنهنجي ئي شـهر

ڪراچيءَ جي بولٽن مارڪيٽ جا به رهواسي نه آهن، جو سندن دانهن ڪوڪ ايوان صدر جا در کڙڪائي سگهي. سندن لاءِ اسلام آباد جا ايوان پريشان ٿين. هيءُ پٽائي سچل جي ديس جا سادا سودا ماڻهو پاڻ ئي پٽڪو ماتم ڪرڻ تي اڪتفا ڪري سگهن ٿا.

سنڌ پاڻيءَ جي ڪوٽ ڪا قدرتي آفت ناهي، جنهن کي رب جي رضا سمجهي صبر ڪجي. پر سنڌ کي سڪائڻ، تباهه برباد ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي خوفناڪ منصوبابنديءَ سان ڪم ڪيو پيو وڃي. پنجاب طرفان سنڌو درياهه تي ڊيم اڏڻ سميت پنهنجي حصي کان وڌيڪ پاڻي زور زبردستي کڻڻ سبب اڄ سنڌ جا ماڻهو پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ به تڙپي رهيا آهن. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي لڳندڙ ڌاڙن جو ڪو انت ايندو نظر نه ٿو اچي. پنجاب طرفان پنهنجا تي درياهه پارت کي وڪرو ڪرڻ کان پوءِ سنڌوءِ تي قبضي وارو باب بند ٿيندو نظر نه ٿو اچي. سنڌ جا حڪمران پاڻيءَ واري مامري تي پنجاب جي ارهه زورائي آڏو بند ٻڌڻ ناڪام نظر اچي رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته پاڻيءَ تي سپ معاهدا يا ٺاهه پنجاب آڏو ڪا به حيثيت نه ٿا رکن. ڇاڪاڻ ته هو هن ملڪ جي اچي ڪاري جو مالڪ آهي. هو آقا آهي ٻيا سندس غلام آهن، ان ڪري غلام ته معاهدن جا پابند هوندا آهن پر ڏاڍي جي اڳيان سپ معاهدا قانون ڪوريئڙي جي ڄار وانگر ڪمزور ثابت ٿيندا آهن. پاڻي واري 1991ع واري لولي لنگڙي ٺاهه تي به پنجاب عمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جڏهن ته ان ٺاهه تي سنڌ جي ماڻهن جا سخت اعتراض آهن، سنڌ جا ماڻهو پنجاب کان پاڻيءَ جي 1945 ع واري ٺاهه تي عمل جا گهرجائو

آهن. پر پنجاب 1991ع واري پاڻي ٺاهه تي به عمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ان ٺاهه ۾ چشما جهلم لنڪ ڪينال ٺاهڻ جو ڪٿي به ذڪر موجود ناهي، ان باوجود چشما لنڪ ڪينال نه فقط زبردستي جوڙيو ويو پر ان ڪي ٻوڏ جي مند بدران زبردستي 12 ئي مهينا وهايو پيو وڃي. پارٽ سان پاڻي معاملي تي گڏجاڻيون ڪندڙ حڪمران آخر پنهنجي ئي ملڪ جي ماڻهن سان ساڳي معاملي تي ٻٽو معيار ڇو رکيو ويٺا آهن. هڪ طرف پارت طرفان سنڌو درياهه تي ڊيم ٺاهڻ جي ان بنياد تي مخالفت ڪئي پئي وڃي ته ان سان پاڪستان پاڻيءَ کان محروم ٿي ويندو ته ٻئي طرف ساڳيو موقف رکڻ تي سنڌ کي ملڪ دشمنيءَ جا طعنا ۽ مهڻا ڏنا پيا وڃن. ڇا پنجاب جا حڪمران پنهنجن مفادن خاطر هن ملڪ جا بنياد به اکوڙڻ چاهين ٿا.

(ڇپيل: 13 ڊسمبر 2014ع)

انصاف جي هر فورم تان مايوس ٿيل سنڌي ماڻهو

ٿــر مــان اعليٰ تعليم لاءِ مهــراڻ يونيورســٽي موڪليــل نوجــوان ڪمليش مينگھــواڙ اجــا ســوڌو بازيــاب ٿي نــه ســگھيو آهي. ڪيس ڪنهن گم ڪيــو آهي، ســندن مطــالبو ڇــا آهي، هــو ڪهــڙي مقصــد خــاطر ســنڌ جي نوجــوانن کي زبردســتي ڪنــپي گم ڪن ٿــا، اهي ارادا بــه اجــا لــوڪ ســامهون اچي نــه ســگھيا آهن. لڳي ٿــو تــه ســنڌي مــاڻهن ۾ اڻ ڇاتــل خوف پئدا ڪرڻ لاءِ ســندن پٽن کي ڪنــپيو پيــو وڃي. ڪوبه داد فرياد نه پيو ٿئي. سنڌ حڪومت فقط ٺلهــا بيــان ڏيڻ تــائين محــدود آهي. نــوٽيس ورتــا ٿــا وڃن، خــط لکيــا پيــا وڃن. مــاڻهن کي انــڌي تســلي ڏئي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. پــر اڻ ڏٺيــون قوتــون پنهنجي ڪــرت ۾ لڳــل آهن. ڪين ڪــير بــه روڪڻ وارو ناهي. بلوچستان ۾ چچريــل لاشــن ملڻ تي پنهنجي حڪومتي دور ۾ بلوچ عوام کان معافيون وٺندڙ سنڌ جا ناميارا اڳواڻ ۾ اڳوٽا حاڪم ســنڌ جي ساڳي مسئلي تي چپ آهن. ٺلهــو مــذمتي بيــان بــه ڏيڻ کي پنهنجي شان خلاف سمجھن ٿا. پر ڪين اهــو نــه وســارڻ گھــرجي تــه ڪين ســنڌ جي عــوام ئي حڪمراني جو اڳ به تاج پارايو هو ۾ هــاڻي بــه ســنڌ سطح تي ڪين تخت ۾ تاج جو مالڪ ڪيو آهي. شايد نوجوان ڪمليش جي امڙ جا اهي لفظ سندن اندر ۾ وڍ نــه ٿــا وجھن تــه جيڪــڏهن ڪمليش کــا غلطي ڪــئي آهي يــا نــه پــر ڪيس اڻ ڪيــل غلطين جي بــه معافي ملڻ گھرجي. ان کان وڌيڪ ڪهڙي بي وسي هونــدي آهي، جنهن جــو ســنڌ جــون مــائرون اظهــار ڪن.

سنڌ ۾ گم ٿيل ماڻهن جو مسئلو حــل ٿيڻ جــو نانءُ ئي نه ٿــو وٺي. هڪ طــرف گم ٿيــل مــاڻهن جــا

وارث عدالتن جا در کڙڪائي رهيا آهن ته ٻئي طرف شهر شهر ۾ ڳوٺ ڳوٺ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن. پر گم ٿيل ماڻهو بازياب ٿيڻ بدران وڌيڪ ماڻهو اغوا يا گرفتار ڪري گم ڪيا پيا وڃن. سپريم ڪورٽ هن معاملي تي بلوچستان جي گم ٿيل ماڻهن بابت ته روز ڪيس هلائي ڪجهه ڏيان ڇڪايو، پر سنڌ جا ماڻهو انصاف جي ان فورم کان به محروم آهن. جڏهن ته خود گم ٿيل ماڻهن بابت عدالتي ڪميشن موجب سڄي ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ سنڌ جا ماڻهو گم ڪيا ويا آهن. پر ان طرف حڪمران ڌيان ڏرڻ لاءِ تيار ناهن. جنهن ڪري سنڌ ۾ جي عوام منجهه ناراضگي وڌي رهي آهي. سنڌ جي ماڻهن منجهه اهو خيال پختو ٿيندو پيو وڃي ته شايد ڪين هن ملڪ جو شهري نه ٿو سمجهيو وڃي. سنڌ جي ماڻهن سان مفتوحن وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي. ڇاڪاڻ ته ساڻن ٿيندڙ ناحق جو ڪٿي به فرياد نه ٿو ٿئي. ڪين سڀني فورمن تان مايوس ڪيو ويو آهي. خود اعلى عدليه بابت به ماڻهن جي دلين منجهه ناراضگي ۾ شڪايتون موجود آهن، ڇاڪاڻ ته عدليه ملڪ جي ٻين حصن ۾ ٿيندڙ انساني حقن جي خلاف ورزين جو ته هڪدم پاڻ مرادو نوٽيس وٺي ٿي پر سنڌ ۾ ٿيل ڪيسن تي ڪوبه پاڻمرادو نوٽيس نه ٿو ورتو وڃي. ڪراچي ۾ ماريل ٻي گناهه سنڌين جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪوبه تحرڪ نه ورتو ويو. مظفر ڀٽو جي شهادت ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي ويئي. شهيد بشير قريشي جو خون لوڙهيو ويو. سندن پاءُ ۾ هڪ ڪارڪنن جو موت به آيو ويو تي ويو. ايئن سنڌي ماڻهن جا ڪيس لوڙهيا ويا. اٿلندو سنڌ مان وڌيڪ سياسي ڪارڪن گرفتار ڪري گم ڪيا ويا. تازو

ڪراچي ۾ پين شهرن ۾ سنڌ جا 7 ڪونڌر ڪٺا ويا، پر ڪوبه داد فرياد نه ٿيو.

سنڌ جي حڪومت توڙي وفاقي حڪومت سنڌ جي ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ هيل تائين ڪهڙا قدم کنيا آهن، اهي به سڀني کي ساريا پيا آهن. سنڌ حڪومت سنڌي ماڻهن سان زيادتين خلاف ٻڙڪ به ٻاهر ڪڍڻ لاءِ تيار ناهي. جڏهن حڪومت جون قانون لاڳو ڪندڙ ايجنسيون دهشتگردن ۾ قانون ٽوڙيندڙن بدران پرامن شهرين کي نشانو بڻائينديون ته ان سان ڪو سٺو تاثر قائم نه ٿيندو. اٿلندو عوام حڪومت ۾ ان جي ايجنسين سان تعاون ڪرڻ ڇڏي ڏيندو. جيڪا ڳالهه اڳتي هلي انتهائي هاڃيڪار نتيجا ڏيندي. ان ڪان اڳ جو سنڌ جا ماڻهو به بلوچستان جي عوام وانگر انتها تي پهچن، سنڌ ۾ بي گناهه ماڻهن کي اغوا ڪري گم ڪرڻ وارو سلسلو بند ڪيو وڃي. گم ٿيل ماڻهو بازياب ڪرايا وڃن. ان عمل ۾ ملوث ڌرين کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي.

(ڇپيل: 13 ڊسمبر 2014ع)

شگر ملز مالڪن جي هٿ ۾ پريشان آبادگار

ڪمند جا آبادگار ڪمند جو بهتر اگهه نه ملڻ سبب پريشان آهن. هزارين ٽراليون شگر ملن آڏو

بيٺيون آهن، پر ڪارخاندار ڪمند خريد ڪرڻ لاءِ تيار
ناهن. شگر ملز مالڪ حڪومت طرفـان ڪمنـد جـو
مقرر ڪيل اگهه 182 روپيـا ڏيڻ ڪـان انڪـار ڪـري
رهيا آهن. ان سبب ڪمند جـو بحـران شـدت اختيـار
ڪــري ويــو آهي. جنهن ســبب هڪ طــرف آبادگــار
پريشان آهن ته ٻئي طرف شگر ملز پـيڙائي شـروع
نه ڪئي آهي. ننڍو ۾ سجاول ضلعن جي 4 شگر ملن
مان اڄا تائين 3 ملون بند پيـل آهن، صـرف هڪ لاڙ
شگر مل ڪمند جي پـيڙاهي شـروع ڪـئي آهي پـر
حڪومت طرفان مقرر ڪيـل ڪمنـد جـو اگهـه 182
رپيه ڏيڻ بدران 155 رپيه في مڻ ڪمند خريد ڪرڻ
شروع ڪيو آهي. ملز مالڪن اهو موقف اختيار ڪيو
آهي ته اسان کي وڌيل اگهه جو نوٽيفڪيشن نه مليو
آهي. ٻي طرف باقي ٽن شگرملز طرفان ڪمند جي
پيڙاهي شـروع نـه ڪـرڻ سـبب ٻنهي ضـلعن جي 9
تعلقن ۾ 3 لـک ايڪــڙ تيـار ڪمنـد سـوڪهڙي جــو
شڪار ٿي رهيـو آهي، جـڏهن تـه 3 لـک ايڪـڙ زمين
خالي نه ٿيڻ سبب ڪڻڪ پوڪـائي بـه نـه ٿي سـگهي
آهي. سـاڳي صـورتحال خـيرپور ضـلعي ۾ بـه آهي.
جتي شگر ملن حڪومت طرفان مقرر ڪيـل ڪمنـد
جو اگهه 182 روپيـه في مڻ آبادگـارن کي ڏيڻ ڪـان
انڪار ڪري ڇڏيو ۾ شگر مل تي اينـدڙ ڪمنـد 155
روپيــه في مڻ ونڻ لڳــا آهن. جنهن خلاف خــيرپور
ضلعي جي آبادگـارن ڊي سـي هـائوس تي ڊي سـي
خيرپور منور علي مٺياڻي سان ايم پي اي نعيم احمد
ڪرل ۾ آبادگار اڳواڻ محمود کهـڙو ، چـوڌري فقـير
حسـين ، لعـل بخش سـيال جي اڳـواڻي ۾ ملاقـات
ڪئي ۾ ڊي سي خيرپور کي ٻڌايو ته خيرپور ضــلعي
جون شگر ملون آبادگارن سـان نـا انصـافي ڪنـدي
حڪومت پاران مقرر ڪيـل اگهـه نـه ڏنـو وڃي .

جڏهن ته ڊي سي خيرپور شگر مل مالڪن سان فون تي رابطو ڪيو ته خيرپور شگر مل ۽ راڻيپور شگر مل انتظاميا ڊي سي خيرپور کي ٻڌايو ته آبادگار غلط بياني ڪري رهيا آهن . حڪومت ڪو به ڪمند جو اگهه مقرر نه ڪيو آهي نه وري اهڙو ڪو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو . جنهن بعد ڊي سي خيرپور بيوس ٿي خاموش ٿي ويو ۽ آبادگارن کي چيو ته اوهان نوٽيفڪيشن جي ڪاپي ڏيکاريو پوءِ شگر مل مالڪن سان ڳالهائيندس.

آبادگارن موجب حڪومت ڪمند جو نئون اگهه مقرر ڪري نوٽيفڪيشن ڪڍيو آهي پوءِ به ڪمند جو مقرر اگهه نه ڏنو وڃي ۽ مل مالڪ پنهنجو ڏاڍ ڏيکاريندي 155 في مڻ تي ڪمند خريد ڪري رهيا آهن . آبادگارن چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن شگر مل مالڪن ڪمند جو اگهه 182 نه ڏنو ۽ گذريل سيزن ۾ ڏنل ڪمند جي رقم جي ادائگي نه ڪئي ته 15 ڊسمبر تي آبادگار قومي شاهراه تي ڌرڻو هڻندا. ٻئي طرف ٽنڊو محمد خان ۾ باٿر ڌر جي شوگر مل جي انتظاميه پاران سنڌ آبادگار شوگر ملز سميت مختلف شوگر ملن جون زوري سيڪٽر آفيسون بند ڪرائي سوين ملازمن کي بيروزگاري ڪرڻ واري عمل خلاف ترقي پسند پارٽي پاران تحريڪ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي غريب ۽ هيٺين 70 سيڪڙو طبقي جو گذر سفر ٻني ٻاري تي آهي پر افسوس جو موجوده ڪجهه ملز مالڪ هڪ هٽي قائم ڪري سنڌ جي معيشت کي تباهه ڪرڻ جو طئي ڪيو آهي. جنهن ڪري هزارين ماڻهو بي روزگار ٿيا آهن. آبادگارن اعلان ڪيو آهي ته جيڪڏهن 24 ڪلاڪن اندر ملز جي حوالي سان سمورا مسئلا حل نه ڪيا

ويا ته انتهائي سخت قدم کنيا ويندا ۽ پهرين مرحلي ۾ اڄ سومر جي ڏينهن 15 ڊسمبر تي ڊي سي آفيس آڏو احتجاج ڪري ايندڙ لائحه عمل جو اعلان ڪنداسين . هر سال آبادگارن ۽ مل مالڪن وچ ۾ ڪمند جي اگهه تان ڇڪتاڻ ٿيندي آهي آبادگارن جي مرضي هوندي آهي ته ڪين اهو اگهه ملي جيڪو سنڌ سرڪار مقرر ڪري ٿي جڏهن ته مل مالڪن جي خواهش هوندي آهي ته سرڪار آبادگارن جو ته خيال رکي ٿي پر مل مالڪن جي مرضيءَ کانسواءِ ڪنڊ جو اگهه مقرر ڪيو وڃي ٿو جيڪو ڪين قبول ناهي. هن پيري به آبادگارن ۽ مل مالڪن وچ ۾ هلندڙ تڪرار جي نتيجي ۾ شگرملون شروع نه ٿي سگهيون آهن. آبادگارن جون ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽراليون ۽ ٽرڪون هزارين مڻ ڪمند ڪٽي سنڌ جي مختلف شگرملن آڏو گڏ ٿي چڪيون آهن پر اڃا تائين فيصلو نه ٿيڻ ڪري آبادگارن کي سخت نقصان پهچي رهي آهي. اسان حڪومت کي صلاح ڏينداسين ته اها آبادگارن جي حقن جو تحفظ ڪندي شگرملن جي مالڪن جي ناجائز مطالبن آڏو گوڏا نه کوڙي. سنڌ جي معيشت کي رسندڙ نقصان جو هڪدم ازالو ڪيو وڃي.

(چپيل: 14 ڊسمبر 2014ع)

نئين ۾ باوقار قيادت کي وانجهيل سنڌ

سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ ڪرپشن، پنهنجا نوازي ۾ اهليت جي لتاڙ پنهنجا پير پختا ڪري چڪي آهي. خاص ڪري سنڌ ۾ اهليت جي جنهن نموني متي پليت ڪئي پئي وڃي، ان هن سماج جون پاڙون ڪوڪليون ڪري ڇڏيون آهن.آپيشاهي، ڪرپشن ۾ ناانصافيءَ تي پاڙيندڙ پاڪستاني حڪمرانن قائداعظم کان وٺي جنهن حڪومتي طريقئه ڪار کي چونڊيو، تنهن انگريزن جي هڪ سؤ سالن جي محنت سان قائم ڪيل سڄي سسٽم جي پيچ ڊاهه شروع ڪئي. بهرحال پاڪستاني حاڪمن طرفان ڪنيل تمام تر غير قانوني ۾ غير آئيني قدمن باوجود انگريز دور ۾ قائم ڪيل ادارا

تقريبن ويهارو سال پوءِ به پنهنجي مضبوط جوڙجڪ ذريعي منفي ۽ عوام دشمن هٿڪنڊن آڏو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ مزاحمت فراهم ڪندا رهيا. پر جڏهن حاڪم طبقن ڪن خاص قومن، گروهن ۽ ادارن جي بالادستيءَ ڪي ملڪ مٿان مڙهي ڇڏيو ته انصاف، احتساب، قاعدي ۽ سرشتي جي جاءِ تي آهستي آهستي ڏاڍ، ڦرلٽ، لاقانونيت ۽ افراتفري جا عنصر سگهارا ٿي ويا. نتيجي ۾ ڏنبا راڄ هن ملڪ جو مقدر بڻجي ويو. هن وقت اسان بدبودار سماج جو ڳريل ۽ ڏپ ڪري ويل لاش پنهنجي ڪلهن تي کڻي هن ملڪ جي تعمير ۽ ترقي جا سڪٽا ۽ ڪوڙا نعرا هڻي رهيا آهيون.

ملڪ جي رعايت يافته حاڪم طبقن جاگيردار، گادي نشين پير ۽ ڪاموري ذريعي مُلڪ ۾ مراعات يافتا هڪ اهڙو طبقو سگهارو ڪيو آهي، جنهن حڪومتي اشارن تي نه رڳو عوامي خواهش کي ضابطي هيٺ رکيو، پر گڏوگڏ نمائندگي ۽ ليڊرشپ وارو ڪردار به پاڻ وٽ رکي ڇڏيو آهي. اهڙي طرح جاگيردار ۽ ڪاموري جي ناپاڪ اتحاد سان سڄي ملڪ ۾ هڪ اهڙو حلقو پيدا ٿيندو رهيو آهي، جنهن جو مقصد فقط اهو ئي هو ته جائز يا ناجائز طريقي سان پيسو ۽ پاور هٿ ڪجي ۽ پوءِ انهن ٻنهي هٿيارن جي سگهه تي عوام مٿان مسلسل حڪمراني ڪندو رهجي. ڦورو طبقن جو ايجاد ڪيل اهو فارمولو هر حوالي سان سڄي ملڪ ۾ ڪاميابي ماڻيندو رهيو. حڪومتي سرشتو ڏنبا راڄ وارو هجي، جمهوري هجي يا عبوري، مذڪوره ڦورو طبقن جي هر دور ۾ چاندي رهي آهي. پارليامينٽ ۽ انتظاميا ان طبقي جي هٿ ۾ هئڻ ڪري هو وڏي حد تائين عدليا تي به غالب رهيو. جنهن جي نتيجي

۽ قانون ناهڻ، ان تي عمل ڪرائڻ ۽ تڪراري فيصلي ڪي پنهنجي حق ۾ ڪرائڻ سندس ڏائي هٿ جو ڪيل ٻڌجي ويو.

بدقسمتي سان سنڌي سماج جي نئين دور ۾ نمائندگي ڪندڙ طبقن جي ڪارڪردگي ۽ ڪردار به سواليه نشان هيٺ اچي ويا آهن. خاص طور گذريل صديءَ جي ستر واري ڏهاڪي تائين جيئن ئي سينيئر قيادت منظر عام تان هٽندي وئي، تيئن وڏيرن، ڪاپي ڪلچر جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل ڪامورن، پيٽ پرست اديبن، ليکڪن ۽ جذباتي شاگرد ليڊرن جي صورت ۾ جيڪا ڪم فهم، ڪرپٽ، حاسد ۽ جاهل قيادت سنڌ کي نصيب ٿي، تنهن جي ڪرتوتن ٿيهن سالن ۾ سنڌ کي انهيءَ حالت تي پهچايو آهي، جو هينئر زندگيءَ جي جديد رُخن ۾ پيشقدمي ته ٿي بعد جي ڳالهه، روايتي انداز سان واجبي ترقي ماڻڻ وارو عمل به نظر نٿو اچي. بلڪه هن خطي ۾ امڪاني جاگرافيائي ۽ سياسي تبديلين دوران جيڪڏهن سنڌ پنهنجو سالم وجود برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿئي ته به وڏي ڳالهه ٿيندي. اڄ جيڪا سگهارين ڌرين جي اشارن جي منتظر سياسي قيادت، ڪرپشن کي عبادت سمجهندڙ ڪامورا شاهي، غداري ۽ ابن الوقتيءَ جو ماڊل وڏيراشاهي، تعليم جو ٻيڙو تباهه ڪندڙ ماستر شاهي، ذهن ۽ ضمير وڪڻندڙ ليکڪ لڏو اوهان جي اڳيان هلي ٿو ۽ ڪاروڪاري، قبيلائي دهشتگردي، جهالت ۽ ترقيءَ کان وانجهيل سنڌ واري جيڪا اسان جي سڃاڻپ آهي، سا سنئون سڌو نتيجو آهي پاڻ کي مليل ان قيادت جي ”شاندار ڪارنامن“ جو، جيڪا قيادت اسان جي سماج کي اڄوڪي بدتر صورتحال ۾ وٺي آئي آهي.

اهـا صـورتحال وڏيڪ شـدت سـان انهيءَ ڪـري محسـوس ٿيڻ لڳي آهي جـو سـنڌ ڏينهـون ڏينهن وڌيڪ بحرانن جي ور چڙهندي پئي وڃي.
(چپيل: 16 ڊسمبر 2014ع)

عوام جو دهشتگردن خلاف مزاحمتي مورچو

پشـاور ۾ سـفاڪ ۽ رهـزن ٽـولن طرفـان معصوم ٻارڙن کي شهيد ڪرڻ واري سانحي سـڄي ملڪ جي عوام سميت سياستدانن کي متحـد ڪـري ڇـڏيو آهي. ملڪ جو عـوام بنا ڪنهن رنگ، نسـل، مذهب ۽ فرقي جي دهشـتگردي خلاف پنهنجيـايڪي جو ثبـوت ڏنـو آهي. هن سـانحي سـبب ئي تحـريڪ انصـاف پنهنجـو حڪـومت خلاف جـاري ڌرڻـو ختم ڪـرڻ جــو اعلان ڪيــو آهي. جــڏهن تــه ڪالهــه وزيراعظم جي سڏايل آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ مـڙني پارليامـاني پـارٽين سـرڪت ڪـري دهشـتگردن کي نياپو ڏنو آهي ته سندن مقابلو فقـط حڪـومت ۽ ان جي رياستي ادارن سان نه پر سڄي قـوم ۽ ان جي قيـادت سـان آهي. ٻن ڏينهن انـدر ڪشـمير کـان ڪراچي تائين عوام احتجاج ڪري دهشتگردن خلاف مـــزاحمت جـــو اعلان ڪيـــو آهي. وزيراعظم نواز شريف جي صدارت هيٺ پارليامـاني پـارٽين جي اجلاس ۾ تحـريڪ انصـاف سـميت ملڪ جي سـمورين سياسـي پـارٽين دهشـتگردن خلاف

ڪـــارروائيون جـــاري رکڻ پشـــاور واقعي خلاف قومي اسيمبلي گڏيل ٺهراءُ پاس ڪـرڻ تي اتفـاق ڪري روتو آهي. جڏهن ته عمران خـان دهشـتگردي کي روڪڻ لاءِ ڪميٽي جوڙڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. پشـــاور معصـــوم گلن جهـــڙن ٻـــارڙن کي دهشتگردي جو نشانو بڻائڻ ڪانپوءِ وزيـر اعظم نـواز شـــريف جي صـــدارت هيٺ سياســـي پـــارٽين جـــو هنگـامي اجلاس پشـاور جي گـورنر هـائوس ٿيـو. وزيـر اعظم نـواز شـريف چيـو تـه عـدالتن کي بـه حفــاظتي خدشــا آهن. جنهن جي ڪـــري جج عـــدم تحفظ جو شڪار آهن. ان معـاملي جـو حـل ڳـڏجي ڪڍڻ گهرجي. هن چيو ته دهشتگرد گرفتـار ٿين ٿـا، اهي آزاد ٿي وڃن ٿا جيڪي بعد وري ساڳين ٽولن شـامل ٿي وڃن ٿـا. اجلاس ڪـانپوءِ گـڏيل پـريس ڪانفرنس ڪندي وزيـر اعظم نـواز شـريف چيـو تـه پشاور واقعي جي جيـتري مـذمت ڪجي گهٽ آهي، هن واقعي سان اسان جا جذبا مجـروح ٿيـا آهن. هن چيو ته اجلاس ڪيـترائي اهم فيصـلا ڪيـا ويـا آهن جن تي عمــل ڪيــو وينــدو. وزيــر اعظم ٻــڌايو تــه اجلاس پشاور سانحي تي ڏک ڪاوڙ جـو اظهـار ڪيـو ويـو آهي. دهشـتگردي انتهـا پسـندي خلاف جنگ اسان جي جنگ آهي. هن چيو ته اجلاس فيصلو ڪيو آهي ته دهشتگردي خلاف لائحه عمل جوڙي ان تي عمل ڪيو ويندو. هن چيو ته هاڻي سٺن خراب طالبـــان جـــو فـــرق نـــه رکيـــو وينـــدو. ملڪ جي ڪــروڙين مــاڻهن جي خــواهش آهي تــه پاڪستان سڄي خطي کي دهشـتگردي جي لعنت کـان پـاڪ ڪيـو وڃي. دهشـتگردن جي خلاف مـوثر عـــــدالتي ڪـــــارروائي جي ضـــــرورت آهي. جن دهشتگردن کي گرفتـار ڪيـو وڃي ٿـو اهي ڪمـزور

پراسيڪيوشن ۽ جاچ سبب پنهنجون ضمانتون ڪرائي وٺن ٿا ۽ دهشتگردن کي موت جي سزا نٿي ملي. دهشتگردي جي خاتمي جي عدالتن کي به سنگين خطرا درپيش آهن ۽ انهن جي ڀٽتي ختم ڪرڻ لاءِ قدمن جي ضرورت آهي. سنگين ڏوهن ۾ دهشتگردن جي ڪيسن کي اڪلائڻ لاءِ خصوصي عدالتن جي ضرورت آهي. قانونسازن کي ان معاملي جو جائزو وٺڻ گهرجي ۽ فيصلو ڪرڻ گهرجي. وزيراعظم جي منظوري ڪان پوءِ سڄي ملڪ ۾ موت جي سزا حاصل ڪندڙ 17 قيدين جون صدر طرفان رحم جون اپيلون رد ڪيون ويون آهن. حڪومتي ذريعن جو چوڻ آهي ته 10 ڏوهارين جو تعلق پنجاب ۽ 6 ڄڻن جو تعلق سنڌ ۽ هڪ ڄڻي جو تعلق خيبرپختونخواهه سان آهي. وزيراعظم پاڪستان گذريل ڏينهن دهشتگردن کي انجام تائين پهچائڻ لاءِ سزا موت تان پابندي هٽائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي هئي ۽ ان حوالي سان قانوني ڪارروائي جو آغاز ٿي ويو آهي. جنهن جي ملڪ جو عوام آجيان ڪندو. ڇاڪاڻ ته سڀ ماڻهو ان تي متفق آهن ته دهشتگردن سان ڪابه رعايت ملڪ ۽ ان جي عوام سان سنگين غداري هوندي.

(چپيل: 19 ڊسمبر 2014ع)

دهشتگردن جون نرسريون ختم ڪرڻ جي ضرورت

حڪمرانن پياري پاڪستان ۾ پوکيل نفرتن جو تيار ٿيل فصل هاٽي لٽڻ شروع ڪيو آهي. ٻج پوکيندڙ هاٿي پنهنجي پڪل فصل جو لابارو ڪري رهيا آهن. ان لاباري جي شروعات انتهاپسندن ۽ دهشتگردن کي ڦاسي تي لٽڪائڻ سان ڪئي وئي آهي. ڪجهه دهشتگردن کي ڦاسي ڏني وئي آهي ۽ ٻين کي انت تي پهچائڻ لاءِ ڦاسي گهاٽ تيار ڪيا پيا وڃن. پشاور جي اسڪول سانحي کان پوءِ حڪمرانن کي ڪل پئي آهي ته دهشتگرد سڀ قاتل، سفاڪ ۽ بي رحم هوندا آهن. انهن ۾ ڪوبه چڱو ۽ خراب نه هوندو آهي. سڀ هڪ جهڙا هوندا آهن. جن لاءِ سزا به ساڳي هجڻ گهرجي.

هن بدنصيب ملڪ ۾ دهشتگردن جهڙي مخلوق ڪا آسمان مان نازل نه ٿي آهي. پاڪستان ۾ هي سڀ ڪجهه اوچتو نه ٿيو آهي، پر دهشتگردي ۾ ملوث ڌرين کي ڪيترن ئي ڏهاڪن کان مچائي مهوڙ ڪيو ويو. ضيا شاهيءَ واري دور کان پنجاب ۾ بنياد پرستي ۽ فرقيواريت جي پوت کي ميدان خالي ڪري ڏنو ويو. پوءِ ڏسندي ڏسندي پنجاب جي هر وسندي ۽ واهڙ ۾ اهڙا مذهبي مرڪزن جي نالي تي دهشتگردي جا اهڙا اڏا قائم ڪيا ويا، جيڪي ظاهري طور تي ته مدرسن جي نالي سان سڃاتا پئي ويا،

پر اصل ۾ اهي دهشتگردن جون نرسريون هيون، جتي نوجوان نسل کي افغان جهاد ۽ ڪشمير ۾ جهاد جي نالي تي لشڪرن جي صورت ۾ تيار ڪيو ويو. انهن کي هٿيار پنهوار ڏئي، پر وارن ملڪن ۾ موڪليو ويو. جن اتان واندڪائي ملڻ بعد پنهنجي ئي ملڪ کي ٽانڊا ڏيڻ شروع ڪيا. تحريڪ طالبان، لشڪر جهنگوي، لشڪر طيبه، جيش محمد ۽ ٻيا ڪوڙ سارا هٿياربند گروپ مذهب جي نالءَ تي پنهنجن ئي مسلمان ڀائرن جا ڪنڌ ڪورڻ لڳا. شيعا، سني، بريلوي، ديوبندي جي نالي تي اهڙا ته ممڻ مچايا ويا جو شيطان کي به شرم اچڻ لڳو. هر گروپ ٻئي کي ڪافر قرار ڏيندي دير ئي نه ڪرڻ لڳو. هر گروپ وٽ فتوی جو پروانو کيسي ۾ پيل هو، پوءِ جيڪو به ماڻهو سندس اطاعت قبول نه ڪرڻ لڳو ته ان کي ڪافر قرار ڏيندي ڪابه ندامت محسوس نه ڪئي وئي. پنجاب جو پٽيون ڪافر ڪافر جي نعرن سان ڪاريون ٿيڻ لڳيون. هر گروپ فقط پاڻ کي مسلمان سمجهڻ ۽ ٻئي مسلمان کي واجب القتل قرار ڏيڻ لڳو.

ملڪ جي وڏي آبادي واري صوبي مان لشڪر پرتي ڪري جهاد جي نالي تي سڄي ملڪ ۾ موڪليا ويا، پوءِ موت ۾ هر شهر خودڪش بمبارن جي باهه ۾ سڙڻ لڳو. معصوم ماڻهو مرڻ لڳا، بازارون ۽ وسنديون سڙڻ لڳيون. پر پنجاب جا حڪمران انهن لشڪرن خلاف ڪابه ڪارروائي ڪرڻ کان ڪترائڻ لڳا. لشڪرن جي ڪڌن ڪرتوتن جي پرده پوشي ڪئي وئي. کين ڳجهه ڳوهه ۾ هٿيار پنهوار ۽ ڏوڪڙ پئسا فراهم ڪيا ويا، جيئن پروارن ملڪن کي ٽانڊا ڏئي سگهجن. انهن ملڪن ۾ پنهنجي حامي گروپن کي اقتدار ۾ آڻي سگهجي. هاڻي پنجاب جي

حڪمرانن جا تيار ڪيل اهي پورس جا هاٿي ڪين ڪي لتاڙي رهيا آهن. ٻين لاءِ ٻاريل باهه هاٿي سندن ئي گهر ڪي ساڙي رهي آهي. پشاور سڙي پيو، راولپنڊي ٻري پئي، فيصل آباد ۾ گولين جو مينهن پيو وسي ۾ حڪمران پنهنجو ئي پوکيل فصل لڻي رهيا آهن. هن وقت جڏهن ملڪ جا والي وارث سڏائيندڙ ان ڳالهه کي تسليم ڪرڻ لڳا آهن ته هاٿي سٺن ۾ خارب طالبان ۾ فرق رکڻ نه گهرجي ته ان موقعي تي اسان جي اها به گذارش آهي ته ماضيءَ ۾ سٺن طالبان (دهشتگردن) جي نالي تي جيڪي لشڪر آٽي ملڪ ۾ آباد ڪيا ويا ۾ خاص ڪري ڪراچي ۾ ڪين ڪالونيون اڏي ڏنيون ويون، انهن ڪي اتان نيڪالي ڏيڻ لاءِ تڪڙا اپاءَ وٺن گهرجن، جيئن دهشتگردن جون نرسريون ختم ٿي سگهن. جيستائين پناهگير ڪئمپن جي نالي تي سڄي ملڪ ۾ دهشتگردن جون نرسريون ختم نه ٿيون ڪيون وڃن، ان وقت تائين ڪوبه آپريشن نتيجا ڏئي نه سگهندو.

(چپيل: 23 ڊسمبر 2014ع)

سنڌ جو وفاق خلاف عدالت ۾ وڃڻ جو اعلان

سنڌ حڪومت وفاق طرفان گئس تي ڊولپمينٽ سيس جي رقم مان حصو نه ڏيڻ تي سپريم ڪورٽ جو دروازو ڪڙڪائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڪالهه وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جي صدارت هيٺ هڪ اجلاس ۾ اهڙو فيصلو ڪيو ويو. ان موقعي تي بريفنگ ڏيندي خزاني واري وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ کي گئس انفرا اسٽرڪچر ڊولپمينٽ سيس جي مد ۾ انتهائي گهٽو مالي نقصان ڏنو پيو وڃي، وفاقي حڪومت سنڌ جي مشوري کانسواءِ ماڙي گئس جي قيمتن ۾ تبديلي ڪئي آهي. هن چيو ته وفاقي حڪومت 2011ع ۾ اهو چئي گئس انفرا اسٽرڪچر ڊولپمينٽ سيس وصول ڪيو هو ته ان جي رقم پاڪ – ايران گئس پائيپ لائين منصوبي تي خرچ ڪئي ويندي پر بعد ۾ سپريم ڪورٽ ان فيصلي کي رد ڪيو، وفاقي سرڪار ڊولپمينٽ سيس جي مد ۾ 100 ارب روپين کان 135 ارب روپين تائين سيس جي مد ۾ وصولي ڪئي آهي ان ڪري ان رقم تي صوبن جو حق ٿئي ٿو جيڪو انهن کي نه پيو ڏنو وڃي. جڏهن ته اجلاس کي خطاب ڪندي وڏي وزير قائم علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت ڪڏهن به ڪنهن به شعبي ۾ پنهنجي آئيني حق تان هٿ نه ڪڍندي، ايڊووڪيٽ جنرل ۾ سينيئر وڪيلن جي مدد سان وفاقي حڪومت خلاف سپريم ڪورٽ ۾ الڳ الڳ پٽيشنز داخل ڪرايون وڃن. هن چيو ته اسان اهي سڀ معاملا سي سي

آءِ ۾ ڪٽنداسين جن سان صوبن جي حق تلفي پئي ٿئي، سنڌ سميت مڙني صوبن کي نقصان کان بچائڻ گهرون ٿا ۽ چاهيون ٿا ته کين پنهنجا پنهنجا حق ملن.

ان کان اڳ سنڌ جي وڏي وزير وزيراعظم وٽ اها به درخواست ڪئي هئي ته وفاق طرفان سنڌ حڪومتڪجي هلندڙ ٽارگيٽيڊ آپريشن جي لاءِ 20 ارب رپيا جاري ڪيا وڃن، واضح رهي ته هڪ مهينو اڳ پڻ سنڌ ۾ امن امان ۽ آپريشن جي لاءِ 20 ارب رپيا گهريا ويا هئا پر وفاقي حڪومت هن وقت تائين رقم جاري نه ڪئي، جنهن ڪري سنڌ حڪومت آپريشن لاءِ جديد سهولتون حاصل ڪري نه سگهي، جڏهن ته آپريشن تي سنڌ حڪومت 4 ارب رپيا خرچ ڪري چڪي آهي، وفاقي حڪومت جي خاطري باوجود ڪو به فنڊ جاري نه ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ وڏي وزير خط ۾ ڄاڻايو آهي ته بجلي جو ڪنٽرول سنڌ حڪومت جي حوالي ڪيو وڃي. ڪراچي ۾ مڙني ڪوشش باوجود آپريشن پنهنجا گهربل نتيجا نه ڏئي رهيو آهي. ريجرز تي ڪروڙين روپين جي بجيٽ خرچ ڪرڻ باوجود ڳالهه اتي جو اتي آهي، جتان شروع ٿي هئي.

ڪراچي شهر ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ جا ماڻهو رهن ٿا. خاص ڪري غيرقانوني پرڏيهين کي هتي ڪابه جهل پل ناهي. افعانستان ۽ خاص ڪري هندستان مان غير قانوني طور آيل ماڻهن کي شهر جي ڪجهه سياسي گروپن جي حمايت حاصل آهي. ان ڪري هن شهر ۾ حڪومتي رٽ قائم ٿي نه ٿي سگهي. غير قانوني پرڏيهين سبب ڪراچي هاڻي امن وارو شهر نه پر بدامني وارو شهر بڻجي ويو آهي ۽ روزانو قتل عام ڪراچي شهر جو حصو بڻجي

چڪو آهي. هن شهر ۾ روڊن تي، گهٽين ۾ يا ڪاروباري علائقن ۾ هاٽي ڪنهن جو لاش بند ٻوري ۾، ڪنهن جو لاش سڙيل، ڪنهن جو لاش چچريل ته ڪنهن جو لاش ڌڙ سسيءَ کان ڌار ملي رهيو آهي. اصل ۾ ڪجهه ڌريون چاهن ٿيون ته ڪراچي شهر تي سندن قبضو هجي، ان بنياد تي شهرين جو رت وهايو پيو وڃي.

اصل ۾ وفاقي حڪومت ڪراچي آپريشن کان اڳ جيڪي اعلان ڪيا هئا، انهن تي سختيءَ سان عمل جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ ڪوبه سياسي دٻاءُ شهر جي حالتن کي وڌيڪ خراب ڪري ڇڏيندو. وفاق کي سنڌ سان مالي متڀيد ختم ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري گئس جي ڊولپمينٽ سيس جي مد م سنڌ کي پنهنجي حصي جي رقم جاري ڪئي وڃي. سنڌ سان ڪنهن به قسم جو انياءُ وفاق ۾ صوبي جي بهتر لاڳاپن تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو. وفاقي ڪامورا شاهي اهڙي صورتحال پئدا ڪرڻ اڇهي ٿي جيئن وفاق ۾ موجوده نواز حڪومت خلاف پريشانيون پئدا ٿين. جنهن جو وزيراعظم کي نوٽيس وٺڻ گهرجي.

(ڇپيل: 2 جنوري 2015ع)

مبارڪون وقت کان وٺو

ملڪ جي ٻنهي ايوانن ڪالهه ملڪ ۾ فوجي عدالتون قائم ڪرڻ بابت آئين ۾ 21 ترميم ۾ آرمي ايڪٽ ۾ ترميم جا بل منظور ڪري ورتا آهن. ملڪ ۾ مارشلا جي غير موجودگي ۾ فوجي عدالتون قائم ڪرڻ جو شايد ملڪ ۾ هي نرالو ۾ پهريون مثال هجي. پشاور سانحي بعد دهشتگردن خلاف اثرائتي ڪارروائي لاءِ ڪي خاص اپاءَ وٺڻ لاءِ ملڪ جي سياسي قيادت ڪافي ڏينهن ڪان هڻ وٺ ۾ هئي. پر نيٺ ان جاکوڙ اهڙو مثال قائم ڪيو، جنهن جا اڳتي هلي نتيجا شايد مثال قائم ڪندڙن کي به ڀوڳڻا پون. ملڪ جا سڀ ماڻهو بنا ڪنهن شڪ جي ان ڳالهه تي متفق هئا ۾ آهن ته انتهاپسند دهشتگرد گروپن خلاف سخت ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. پر هنن اهڙو ڪوبه مطالبو نه ڪيو هو ته ان لاءِ اهڙا قدم کنيا وڃن، جنهن سان ملڪ مان جمهوريت جي ٽڏا ويڙهه لاءِ ميدان سازگار ٿئي يا پارليامينٽ پنهنجي اختيارن تان سرينڊر ڪري. پر اهو سڀ ڪجهه ملڪ کي دهشتگردن کان بچائڻ لاءَ ڪيو ويو، جنهن تي چونڊيل نمائندا مبارڪن جا مستحق آهن.

ڪالهه اسلام آباد ۾ ملڪ جي اعلى ايوانن اندر ويٺل چونڊيل نمائندن جيڪو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، ان تي هو مبارڪ جا مستحق آهن. سندن ان اهم اڳڀرائي تي ڪين ان وقت ئي سينيٽ ۾ داد ملي ويو، جڏهن ملڪ ۾ جمهوريت لاءِ بي مثال قربانيون ڏيندڙ پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ رضا رباني پنهنجي عمل تي شرمساري جو اظهار ڪندي روئي ڏنو. سندس زبان ۾ ڪيئي لفظ اٽڪي بيهي رهيا، هو گهڻو ڪجهه چوڻ پيو چاهي، پر سندس زبان جذبات جي شدت سبب سندس ساٿ نه ڏنو.

هن جي اکين ۾ اٿلي آيل ڳوڙهن گهڻو ڪجهه سمجهائي ڇڏيو. ملڪي سياسي قيادت طرفان پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻڻ جو جيڪو قدم کنيو ويو آهي. ان بابت هو پاڻ به چڱي پر آگاهه آهن، پر سندن ٻانهن ۾ اهو ٻل ناهي جو اها مٿان پوندڙ بار سهي سگهي. ان ڪري سيني اهو چوندي ترميمون منظور ڪيون ته هنن مجبوري ۾ زهر جو ڪڙو ڍڪ پريو آهي. هاڻي اهو زهر جمهوريت جي صحت تي ڪڏهن ٿو پنهنجو اثر ڇڏي، ان لاءِ ڪين مستقبل جو انتظار ڪرڻ کان سواءَ ٻيو چارو ناهي. هونئن به ڪڏهن ڪڏهن ڪن فيصلن جي مبارڪ وقت ڪان ونڻي پوندي آهي، ان ڪري شايد وقت اڳتي هلي مبارڪون ڏيندو. سنڌ جا ماڻهو ته اڳ ئي هن ملڪ جا ڪارا آهن، انهن جي صحت تي ڪوبه اثر نه پوندو. ڇاڪاڻ ته سندن مٿان ته اهي قدم به لاڳو هوندا آهن، جن جو آئين ۾ شڪ جي بنياد تي به ذڪر نه هوندو آهي. ان ڪري هن ديس جي ماڻهن لاءِ قانونن جو ٺهڻ يا ڊهڻ ڪا معنى نه ٿو رکي. فڪر انهن کي ڪرڻ گهرجي، جيڪي وفاداري جو ثبوت ڏيندي ڏيندي پنهنجا سر فدا ڪرائڻ گهرن ٿا.

مذهب جي نالي تي دهشتگردي جو خاتمو، انتهاپسندي جو انت، فرقيواريت جو جن بوتل ۾ بند ڪرڻ هن ملڪ جي حقيقي معنى ۾ خير خواهه ماڻهن جو مطالبو رهيو آهي. ملڪ منجهه مڙني ماڻهن جو بنا ڪنهن مذهب، رنگ ۽ نسل جي عزت پريو جياپو سنڌ سميت سڄي ملڪ جي باشعور ماڻهن جو مقصد رهيو آهي، ان لاءِ هن ملڪ جي ماڻهن پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن، پر سندن اها خواهش ان ايجندا جو ڪاڄ نه بڻجڻ گهرجي، جنهن سان رهيون ڪهيون آزاديون به ختم ڪيون

وجن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ملڪ □ جمهوريت کي ڪمزور ڪرڻ بدران ان کي وڌيڪ سگهارو ڪيو وڃي. جمهوري ادارن □ آزاد عدليه جو مان مٿانهون رهڻ گهرجي.

(ڇپيل: 7 جنوري 2015ع)

ڪالاباغ ڊيم جو نئون رينگٽ

وفاقي حڪومت، تڪراري ڪالاباغ ڊيم جي مئل گهوڙي کي وري جيئارڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڪالهه پاڻي □ بجلي جي وزارت قومي اسيمبلي کي لکت □ آگاهي ڏني آهي ته اتفاق راءِ پيدا ٿيڻ بعد ڊيم تي ڪم شروع ڪيو ويندو. قومي اسيمبلي کي پاڻي □ بجلي واري وزارت پاران لکت □ آگاهي ڏني وئي ته ڪالاباغ سميت ٻين ڪيترا ئي ڊيم اڏڻ جو

منصوبو جوڙيو آهي. لکت ۽ آگاهي موجب ڪالاباغ ڊيم جي تفصيلي ڊيزائن ۽ دستاويز مڪمل آهن، اتفاق راءِ پيدا ٿيڻ بعد منصوبي تي ڪم شروع ڪيو ويندو. پاڻي ۽ بجلي واري مملڪتي وزير عابد شير علي جو چوڻ آهي ته داسو ڊيم منصوبو جلد مڪمل ڪيو ويندو ۽ ان حوالي سان تياريون ڪري ڇڏيون آهن.

ڪالاباغ ڊيم هڪ مئل گهوڙو آهي، جنهن ڪي جيئارڻ ممڪن ئي ناهي. گذريل اسيمبلي متفقه طور ان منصوبي ڪي اڳ ئي تڪراري قرار ڏئي رد ڪري چڪي آهي. اها اسيمبلي جنهن جو حصو مسلم ليگ (ن) پڻ هئي، ڪالاباغ ڊيم جيئن ته ملڪي سالميت لاءِ خطري مثل هڪ منصوبو آهي، تنهن ڪري سياسي عقل ۽ دانش ته ڪنهن به صورت ۾ اهڙي تڪراري منصوبي ڪي اڳتي وڌائڻ جي اجازت نه ٿيون ڏين، جنهن سان ملڪ جا بنيادن ئي لڏي وڃن. ڪالاباغ ڊئم جنهن ڪي ملڪ جي ٽن صوبن تڪراري منصوبو قرار ڏيندي ان ڪي ملڪ جي سالميت خلاف قرار ڏنو آهي، هن تڪراري منصوبي ڪي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ لاءِ ٽنهي صوبن جن ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد صوبو شامل آهن انهن جي آئين ساز ادارن صوبائي اسيمبلين مختلف وقتن تي ٺهراءَ منظور ڪري ڪالاباغ ڊئم رٿا ڪي مڪمل طور تي رد ڪيو آهي. اهڙي منصوبي تي ٻيهر ڳت ڏيڻ ملڪ سان ڪا خيرخواهي چئي نه ٿي سگهجي.

ڏنو وڃي ته ڪالاباغ ڊيم اهو منصوبو آهي، جيڪو سنڌ ڪي مڪمل طرح سڪائيندو ۽ خيبرپختونخواهه ڪي ٻوڙيندو، اهوئي سبب آهي جو هيءُ منصوبو ٻنهي صوبن ۾ اتان جي عوام لاءِ

زندگي ۾ موت جـو مسـئلو آهي. گڏوگـڏ بلوچسـتان جيئن ته گڊوءَ کان هيٺ سنڌوءَ مـان پـاڻي کـڻي ٿـو، تنهن کـــري ڊيم جي صـــورت ۾ ســنڌ ســکڻ جي امڪانن سبب طئي آهي ته بلوچستان کي به جيڪي پاڻي 1991ع واري ٺاهـه تحت ملي رهيـو آهي، سـو به ملڻ بند ٿي ويندو، اهو ئي سبب آهي جـو سـنڌ ۾ خيبرپختونخواهــه ســان گڏوگــڏ بلوچســتان بــه هن منصـــوبي جـــو نـــه رڳـــو مخـــالف آهي پـــر ان کي اسيمبليءَ جي ذريعي رد به ڪري چڪو آهي. صرف پنجاب ئي ورهين کان وٺي ڪالاباغ ڊيم جي وڪـالت ڪـنـدو رهيـو آهي. پنجـاب جي بـه پـاپولر سياسـي جماعت مسلم ليگ (ن) جو جيـتري قـدر تعلـق آهي ته اها به ماضيءَ جي موقـف جي پيٺ ۾ هينـئر اهـو ئي چٽـو موقـف رکي ٿي تـه تکــراري ڊيم ٺهڻ نــه گهرجي.

جـــڏهن ملک جـــا ٽي صـــوبا ۾ اهم سياســـي جمـاعتون بشـمول حکمـران جمـاعت جـڏهن هن منصوبي جي حق ۾ نـاهن تـه پـوءِ اوچتـو ئي اوچتـو هيءُ منصـوبو ڇـو اپـاريو ويـو آهي؟ هيءُ منصـوبو جنهن جمـاعت طرفـان اٿـاريو ويـو آهي. تنهن جي پنهنجي صـفن ۾ بـه هن منصـوبي تي شـديد اختلاف آهن. مسلم ليگ (ن) سـنڌ جي قيـادت ان منصـوبي خلاف آهي ۾ هو اهڙي منصـوبي جي حمـايت ڪـرڻ بدران پارٽي کي ٽي طلاقـون ڏئي سـگهي ٿي. نـواز ليـگ حڪـومت طرفـان تکـراري ڪالابـاغ دئم جي اڏاوت کي چئـــني صـــوبن جي رضـــامندي ســـان مشروط ڪرڻ وارا بيان به چڻ ٽن صوبن جي عوام تي ٺٺولي برابر آهن. ان ڪـري ملڪي سـالميت کي نظر ۾ رکندي ان قسم جي راڳڻي بند ٿيڻ گهرجي.

(ڇپيل: 8 جنوري 2015ع)

ٿر لاءِ اعلان اثر ڇو نه ٿا ڪن؟

ٿر ۾ وزيرن، ڪامورن ۽ سياستدانن جي آوت جاوت جاري آهي. پر ٿرين جي قسمت ۾ ڪابه تبديلي نه اچي سگهي آهي. ٻارڙا ٻه موت جي منهن ۾ وڃن پيا، عورتون ۽ ٻڍڙا ٻه سڏڪي سڏڪي ساهه ڏين پيا. هاڻي ته ڏڪار جي راڪاس ٿر جون سرحدون اورانگهي ٻين علائقن تي ٻه حملو ڪيو آهي. ٿرپارڪر ڪانپوءِ ڪوهستان ۾ اڇڙي ٿر ۾ ٻه سوين ٻارڙا وبائي بيمارين ۾ وڃي ويا آهن. ڏُڪاريل ڏيهه ٿر ۾ معصوم گلن جي ڪومائجڻ جو سلسلو رُڪجي نه سگهيو، وڏيڪ ڇئن نينگرين جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ سئو ڏينهن دوران فوتي ٻارڙن جو انگ وڌي 339 تي ويو آهي. مٺي سول اسپتال ۾ تازيون 3

ٻارڙيون فوت ٿي ويون، جن ۾ اڪبر جـوڻيجي جي 8 ڏينهن جي ڌيءَ بيـبي، ڳــوٺ گوديــار جي رهواســي رحم علي جي ڌيءُ حســينا ۽ ڳــوٺ ڏيٿــا پيــل جي رهواسي ڪِسـرو جي ٻن ڏينهن ٻـارڙي شـامل آهي. ڪلوئي جي ڳوٺ حاجي خان لـُنڊ ۽ عبدالرزاق جي ٻن ڏينهن جي ڌيءُ رضـوانا لــُنڊ فـوت ٿي وئي. آواز نيــوز ڪي مليــل انگن اڪـرن مــوجب اڄــوڪي ڏينهن دوران وڌيڪ چئن ٻــارڙين ڄَي فــوت ٿيڻ بعــد 100 ڏينهن دوران فوتي ٻارڙن جو انگ وڌي 339 ٿي ويــو آهي. هوڏانهن ڏُڪار سـبب ڏک، بـک ۽ بيمـارين جي گهــيري هيٺ آيــل وڌيڪ ڪيــترائي معصــوم ٻــارڙا اسپتالن ۾ زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تي بيٺل آهن. جــڏهن تــه ســموري حڪومــتي مشــينري، سياســي ســماجي تنظيمن ۽ ٻين ادارن جي ٿــر ۾ موجــودگي باوجود ڏڪار ســتيل مــاڻهن جي حـالت بهـتر نـه ٿي، مـــٺي جي آس پـــاس ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رهنـــدڙ اقليتي برادرين وٽ ڪير به نه پهتــو، صــرف ڪجهــه ماڻهن وٽ امدادي سامان پهچايو ويو. ٿر جا هــزارين مــاڻهو اڄــا تــائين حڪومــتي امــداد جــا منتظــر آهن، ڪروڙين روپيا امداد جي اعلانن باوجود ماڻهو بکن ۾ پاهــه ٿي ويــا، بـک ۽ بيمـارين وڌيڪ ٽن ٻـارڙن کـان زندگيون کسي ورتيون، سوين ٻارڙا اسپتالن ۾ داخل ڪيا ويا آهن. سنڌ حڪومت پاران فــوتي ٻــارڙن جي وارثن لاءِ اعلاينــل 2_2 لـک روپيــا ڪنهن هڪ متــاثر کي به اڃان تائين نه مليا ۽ نه وري فوت ٿيل ٻــارڙن جي لسٽ تيار ڪئي وئي آهي. ٿــر جي ڏڪــار متــاثر ڪيترن ئي ڳــوٺن ۾ امــدادي ســرگرميون شــروع ئي ناهن ٿيون، نالي ماتر امدادي ٽيمون تــوڙي ميــڊيڪل ڪئمپون به رڳو شهرن تائين محدود آهن، ماڻهو کــاڌ خــوراڪ وٺڻ لاءِ ڪيــترائي ميــل پنــڌ ڪــري شــهرن

ڏانهن اچي رهيا آهن. ڏورانهن علائقن جا ماڻهو پـاڙو نه هئڻ ڪري شـهرن ۾ قـائم امـدادي ڪئمپن تـائين پهچڻ کان به لاچار بڻيل آهن، جهن ڪري سندن ٻــار بيمــارين وگهي فـوت ٿي رهيـا آهن. امـداد جي وڏن وڏن اعلانن باوجود ٿر جي ڏڪار متاثر علائقن ۾ اجـا تائين صورتحال انتهائي خراب آهي، جتي مارو ماڻهو کاڌ خوراڪ جو سامان ۽ پيئڻ جو پاڻي نه هئڻ سبب بک ۾ اڃ ۾ پاهـه ٿي رهيـا آهن. ڏڪــار متـاثر علائقن جي ماڻهن جي امـدادي سـامان نـه ملڻ ڪـري وڏي انگ ۾ لڏپلاڻ جاري آهي، وڏيڪ ڪيترائي ڳوٺ خالي ٿي ويا آهن. حڪومتي اعلانن بـاوجود ڏڪـار متـاثرن کي اجــا تــائين ڪڻڪ مڪمــل طــور تي نــاهي ملي سگهي، جنهن ڪري گودامن ۾ پيل ڪڻڪ بــه ســڙي خـــراب ٿي رهي آهي، ڪڻڪ نـــه ملڻ خلاف ڏڪـــار متاثرن مختلف علائقن ۾ احتجاج پڻ ڪيو آهي. سـنڌ جي وڏي وزيـــر ســيد قـــائم علي شـــاهه ٿـــر پهچي ڪامورن سان گـڏجاڻيون ڪيـون آهن. اجلاسـن بعـد ٿيل اعلان ته وڏو آٿت ۽ ڏڍ ڏيندڙ آهن، پـر سـرزمين تي ڪجهه نه نظر نه ٿـو اچي. هي صـورتحال ٻـڌائي ٿي ته اسان جا حڪمران ۽ ڪامورا ايڏا تـه بي حس آهن جو ڏڪار جهڙين حالتن ۾ به هو روايتي سستي ۽ لاپرواهي ڇـڏڻ لاءِ تيـار نـاهن. يـا تـه هنن ڪـڏهن هنگامي حالتن ۾ ڪم ڪرڻ سکيو ئي ناهي يا سندن من ۾ مـاڻهپي نـالي ڪابـه شـيءَ موجـود نـاهي. ان ڪــري مــاڻهو مــرن پيــا، هــو اجلاس ڪـــرڻ ۾ اعلان ڪـرڻ ۾ پورا آهن. امداد رڳو اعلانن ۾ نظر اچي ٿي، مسڪين ماڻهن تائين ڪير به نه ٿو پهچي.

(ڇپيل: 9 جنوري 2015ع)

سنا دهشتگرد خراب دهشتگرد

موجوده حڪومت طرفان جڏهن ملڪ جي اترين علائقن طالبان دهشتگردن خلاف آپريشن شروع ڪيو ويو هو ته ان وقت حڪمرانن طرفان “سنا خراب طالبان” جو اصطلاح متعارف ڪرايو ويو هو. جنهن بعد ملڪ جي ڪجهه حلقن منجهه اهو خيال پختو ٿيڻ لڳو هو ته بي گناهه ماڻهن کي ماريندڙ طالبان دهشتگردن به درجي بندي ٿي سگهي ٿي هو به ٻن ڪيٽيگرين سٺن خراب ورهائي سگهجن ٿا. اترين علائقن آپريشن دوران اهو به تاثر پئدا ٿيو ته حڪمران فقط انهن دهشتگردن خلاف ڪارروائي چاهين ٿا، جيڪي خراب طالبان آهن، يعني انهن ئي طالبان کي مارڻ جو ٽاسڪ هيو، جيڪي موجوده حڪمرانن جي سوچ ايجنڊا کان الڳ هيا، پر انهن طالبان کي ڪجهه به چوڻو نه هيو، جيڪي حڪمرانن وٽ پسنديده هئا يا حڪمرانن جي ايجنڊا تحت ڪم هلائي رهيا هئا. حڪمرانن جي ان سٺي خراب طالبان واري ڪيٽيگري خلاف عوام منجهه سخت ڪاوڙ پکڙجڻ لڳي موجوده حڪمرانن جي ان عمل خلاف تنقيد واڌارو اچڻ لڳو. بعد پشاور معصوم ٻارڙن جي وحشياڻي قتل بعد حڪمرانن کي پاڻ اهو اعلان ڪرڻو پيو ته هاڻي سٺن خراب طالبان ڪوبه

فرق نه ڪيو ويندو، سڀني خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. خاص ڪري پشاور سانحي بعد وزيراعظم جي اهڙي بيان بعد اهو شڪ پڪ ۾ تبديل ٿي ويو ته حڪمرانن طالبان دهشتگردن ۾ پاڻ اها ڪيٽيگري مقرر ڪئي هئي.
هن وقت جڏهن آئين ۾ 21 ترميم ڪري سڄي ملڪ ۾ دهشتگردن خلاف ڪارراوئي جو اعلان ڪيو ويو آهي ته ان وقت به حڪمران ساڳي غلطي ورجائي رهيا آهن. هن وقت به دهشتگردن ۾ به ڪيٽيگريون مقرر ڪيون ويون آهن. جن موجب هڪ سٺا دهشتگرد آهن ۾ ٻيا خراب دهشتگرد آهن، ان ڪري هاڻي سڄي ملڪ ۾ آپريشن فقط انهن دهشتگردن خلاف ڪيو ويندو، جيڪي خراب دهشتگرد آهن، ڦاهيون به انهن دهشتگردن کي ڏنيون وينديون، يا سندن ڦاهين جي سزا تي عمل ڪيو ويندو، جيڪي خراب دهشتگرد هوندا. پر سٺن دهشتگردن کي هن آپريشن مان ڪو به پوءَ يا پولو ڪرڻ نه گهرجي، جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن سٺي دهشتگرد کي ڪنهن عدالت ڦاهي جي سزا ڏني به آهي ته ان تي عمل نه ڪيو ويندو. دهشتگردن ۾ هي تفاوت ثابت ڪري ٿو ته حڪمران هن آپريشن ۾ به انهن دهشتگردن کي نشانو بڻائڻ گهرن ٿا، جيڪي سندن ايجنڊا خلاف ڪم پيا ڪن يا حڪمرانن جي ”گڊ بوڪ“ ۾ سندن نالو موجود ناهي. اهو ئي سبب آهي جو جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان حڪومت جي 21 هين آئيني ترميم تي ڪاوڙيل نظر پيو اچي ۾ دهشتگردن وچ ۾ درجابندي کي ملڪ ۾ عوام خلاف هاجيڪار عمل قرار ڏئي رهيو آهي. مولانا صاحب کي خدشو آهي ته هن آپريشن دوران ڏاڙهي وارن ۾ بي ڏاڙهين ۾ فرق رکي فقط هڪ

مخصوص ڌر کي نشانو بنـايو وينـدو. جـڏهن تـه ٽيڻ
ايئن گهرجي ته جيڪو به ماڻهو يا ڌر هٿيارن جي زور
تي عـوام کي يرغمـال بنـائي ويـٺي آهي سـندس
عسڪري ونگ معصوم ماڻهن جي خـون جي پياسـي
آهن، ان خلاف ڪـــارروائي ٿيڻ گهـــرجي. قاتـــل
رهـزن ڏهـاڙي سـان هجي، يـا بنـا ڏاڙهي جي، ان
خلاف قانون سـاڳي ريت حـرڪت اچي. پشـاور
بم ڦاڙيندڙ لاهـور يـا ڪـراچي مـاڻهو مارينـدڙ
ڪوبـه فـرق نـه رکڻ گهـرجي. جيڪـڏهن “سـٺن
خراب طالبان” وانگـر دهشـتگردن بـه ڪـارروائي
دوران اها ڪيـٽيگري مقـرر ڪـئي وئي تـه ملڪ کي
دهشتگردي مان نجات ڏيارڻ وارو خواب ساڀيان ٿي
نه سگهندو. معصوم ماڻهو مرندا رهندا، جنازا کڄنـدا
رهندا، پوءِ اها قيامت ڪڏهن لاهور تي ڪڙڪندي تـه
ڪـڏهن ڪـراچي مـائرن جـون جهوليـون خـالي
ٿينديون.

(ڇپيل: 10 جنوري 2015ع)

ڪاش بدنصيب بس جا ماڻهو ڪراچي واسي هجن ها!

ڪراچي جي ملير واري علائقي □ بدترين روڊ حادثي □ 62 ماڻهو سڙي فوت ٿيڻ تي سڄي سنڌ سوڳ □ ورتل آهي. ڪالهه رات هن انتهائي ڏکوئيندڙ □ جيءُ جهوريندڙ حادثي □ 62 ماڻهو سڙي فوت ٿي ويا، جن □ 8 ڪن عورتون □ ڪجهه ٻار شامل آهن. بدنيصب ڪوچ ڪراچي ڪان شڪارپور وڃي رهي هئي ته ملير جي علائقي □ ٽينڪر جي ٽڪر سبب بس کي باهه لڳي وئي. جنهن سبب بس □ ويٺل باهه جي شعلن جي ور چڙهي ويا، جنهن وقت بس کي باهه لڳي ته علائقي جي ماڻهن □ بس جي ڇت تي ويهڻ سبب بچي ويل ماڻهن انتظاميه کي حادثي بابت هڪ ڪان ڪيئي ڀيرا اطلاع ڏنو، پر اطلاع ڏيڻ باوجود انتظاميه جو ڪوبه ماڻهو واقعي واري هنڌ نه پهتو. جنهن سبب بس □ ڦاٿل ماڻهو ٻن ڪلاڪن تائين باهه جي شعلن □ سڙندا رهيا. ڪين ڪوبه بچائڻ نه آيو. حادثو ڪو اهڙي هنڌ تي ڪونه ٿيو هو، جتي پهچي نه سگهجي يا پهچڻ □ ڪو وقت لڳي پر هي سانحو سنڌ جي گادي واري شهر □ ٿيو هو. سڌ پنڌ تي اسٽيل مل جون فائر برگيڊ موجود هيون، پر اطلاع باوجود اهي حادثي واري هنڌ نه موڪليون ويون. اسٽيل مل انتظاميه باهه □ سڙندڙ ماڻهن کي بچائڻ لاءِ فائر ٽينڊرز موڪلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اسٽيل مل ڪا آفريڪا □ نه هئي، نه وري علائقي غير □ هئي جو اها معصوم ماڻهن کي بچائڻ کان انڪاري هئي. سنڌ جي سرزمين تي قائم اداري جي انتظاميه کي اها همت ڪيئن ٿي جو ان سنڌ

جي ماڻهن کي بچائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اسٽيل مل انتظاميه جي هن وحشپڻي ۾ انسانيت کان عاري عمل جو هن وقت تائين ڪنهن به حڪومتي عملدار نوٽيس نه ورتو آهي. جڏهن ته هن وقت انڪار ڪندڙ عملدار معصوم ماڻهن جي قتل جي الزام ۾ جيل ۾ هجڻ گهرجن ها.

بدنيصب بس سان حادثي ۾ 62 جانيون ضايع ٿيڻ واري دکدائڪ واقعي بعد سنڌ حڪومت جو ڪردار به انتهائي شرمناڪ رهيو. ڪراچي جي انتطاميه به حادثي واري هنڌ وقت سر فائر برگيڊ موڪلڻ ۾ غفلت جو مجرماڻو مظاهرو ڪيو. جيڪڏهن وقت سر فائر برگيڊ پهچي ها ته ڪيتريون ئي حياتيون بچائي سگهجن پيون. پر شايد ڪراچي ۾ سنڌ حڪومت جو وس نه هلندو آهي يا شهر ته ڪنهن ٻئي ٽولي جي حڪمراني آهي، جنهن کي هنن معصوم ماڻهن جي جانين بچائڻ سان ڪوبه سروڪار نه هيو. حڪومت جو ڪوبه چونڊيل نمائندو، وزير يا خود وڏو وزير واقعي واري هنڌ نه پهتا، نه وري اسپتال ۾ به ڪو حڪومتي عملدار يا چونڊيل نمائندو نظر آيو. فوتين جا وارث انهائي بي وسي جي عالم ۾ پنهنجن پيارن بابت ڄاڻ وٺڻ لاءِ دربدر ٿيندا رهيا. ڏورانهن علائقن سکر، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعي کان ايندڙ سوڳوارن جي ڪنهن به مدد نه ڪئي. ڪراچي ۾ هڪ سياسي ڌر جي هڙتال سبب ٽرانسپورٽ بند هجڻ ڪري فوتين جا وارث قائد آباد ۽ سهراب ڳوٺ ۾ پهچڻ بعد اسپتال تائين پهچڻ لاءِ پريشان رهيا، پر حڪومت ڪٿي به نظر نه آئي، ڪيترائي ماڻهو پنهنجن پيارن جا لاش يا سندن خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ پيرين پنڌ اسپتال پهتا. حڪومت طرفان سڀ وسيلا هجڻ باوجود

متاثرن کي اسپتال پهچائڻ تائين ٽرانسپورٽ به مهيا نه ڪئي وئي. اسپتال پهتل سوڳورا به هڙتال سبب دربدر ٿيندا رهيا. هڙتال سبب سندن اهنجن ۾ ويتر اضافو اچي ويو. ٿيڻ ته ايئن گهرجي ها ته ڪراچي شهر ۾ 62 ماڻهن جي فوت ٿيڻ بعد واسطيدار ڌر طرفان خالص انساني بنيادن تي هڙتال جو سڏ واپس ورتو وڃي ها، پر ايئن نه ڪيو ويو. جنهن سبب سانحي جا متاثر ماڻهو ويتر تڪليفن ۾ ڌڪيائين جو شڪار رهيا.

بدنصيب بس سان حادثي ۾ سڙي ويلن جو ڏوهه فقط اهو هو ته هو ڪراچي جي ڪنهن ڪالوني جا رهواسي نه هيا، سندن اهو به ڏوهه هيو ته هو شڪارپور، سکر، جيڪب آباد ۾ ٻين شهرن کان ڪراچي ڇو آيا هئا؟ ان ئي گناهه سبب سندن ڪنهن به واهر نه ڪئي. ڪوبه ڪين بچائڻ نه آيو. ڪنهن وزير ڪبير کي فوتين جي وارثن جا ڳوڙها اگهڻ جو وقت نه مليو. فوتين جو ڏوهه اهو به هو ته هو لاوارث قوم جا فرزند هئا، هو سياسي طور لاوارث هئا. هو بولٽن مارڪيٽ ۾ ٽمبر مارڪيٽ جي سڙيل دڪانن جي ڪاٺ جيتري به اهميت رکندڙ نه هئا، جو سندن سڙڻ ته سنڌ حڪومت کي پنهنجي جياپي جو خطرو ورائي وڃي ها ۾ سنڌ سرڪار کي سندن لاءِ پريشان ٿئي ها. هو ته اهڙي سادي سودي قوم جا بدنصيب فرزند هئا جنهن قوم کي بليڪ ميلنگ ته ڇڏيو پر پنهنجي موت ۾ حياتي جي معاملن تي به ڪجهه ڪرڻ جو خيال به ورهين کان پوءِ يانصيب هوندو آهي. (چيپل: 12 جنوري 2015ع)

وفاق کي سنڌ ڇو نه ٿي وڻي؟

سنڌ جا معدني وسيلا باقي ملڪ لاءِ ته فائديمند رهيا آهن، پر انهن جي فائدن کان اصل ڌٽي محروم آهن. آئين ۾ 18 ترميم بعد معدني وسيلن جي مالڪي صوبن حوالي ٿي هئي، پر ان ته به مڪمل طور عمل ٿي نه سگهيو. هاڻي وفاقي حڪومت سنڌ کان پنهنجي گئس تي مالڪي جو اختيار کسڻ گهري ٿي. وفاقي وزير اهڙا سربات پيا ڪن ته گئس وفاق جي ملڪيت آهي. ان سلسلي ۾ آئين ۾ ترميم ڪرڻ جي تيارين جا به پڙاڏا ٻڌڻ ۾ پيا اچن. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي سنڌ جا معدني وسيلا تيل، گئس ۽ ڪوئلو هتان جي ماڻهن جي ملڪيت تسليم نه ٿي ڪئي وڃي. قدرت اهي نعمتون جن ماڻهن کي عطا ڪيون آهن، انهن کان انهن کي محروم ڪيو ويو آهي. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هيل تائين سنڌ جي تيل، گئس، بجلي، بندرگاهه ۽ ٻين گذرسفر جي وسيلن تي هڪ مخصوص گروهه قابض آهي. ان قبضي ڇڏائڻ لاءِ سنڌ جا ماڻهو هر دور ۾ پرامن ۽ جمهوري انداز ۾ جدوجهد ڪندا آيا آهن، پر ان جو حڪمران نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهن. حڪومت ڪٽي ڪنهن جي به هجي پر سنڌ جي ماڻهن کي سک نصيب نٿو ٿئي. پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اهي سورن ۾ زندگي گهاري رهيا آهن، دانهون ڪوڪون ڪرڻ جي باوجود انهن جي ڪيس جي شنوائي ئي نٿي ڪئي وڃي. سنڌ جون زمينون نيلام ڪري ٻاهرين ماڻهن کي وڏا مالي فائدا رسايا ويا، ساحلي علائقن تي به وڏا قبضا ٿي چڪا آهن جڏهن ته وڌيڪ قبضا ڪرڻ جي لاءِ ترقي جي نالي تي نوان منصوبا جوڙيا پيا وڃن.

سنڌ مان نڪرندڙ تيل ۽ گئس جا زخيرا به مال غنيمت سمجهي استعمال ڪيا پيا وڃن. انهن جو ڦل جيڪو مڪاني ماڻهن کي ملڻ گهرجي، اهو ملڻ ته نهيو پر جيڪي قانوني طور تي ٺاهه ڪيا ويا آهن انهن تي به عمل نه پيو ڪيو وڃي. دستاويزن مطابق هر ڪمپني کي سنڌ جي تيل توڙي گئس وارن علائقن ۾ ساليانو 30 کان 35 ڪروڙ خرچ ڪرڻو آهي پر اهي ڪمپنيون مخصوص رقم جو 60 سيڪڙو ته خرچ ئي نٿيون ڪن، باقي رقم به غير تعميراتي ڪمن تي خرچ ڪن ٿيون. تيل ۽ گئس ڪڍندڙ ڪمپنيون مخصوص فنڊ جو 60 سيڪڙو رقم استعمال نٿيون ڪن باقي رقم به ماڻهن جي ترقي بدران وڏين آفيسن جي قيام توڙي فرنيچر جي خريداري ۽ ٻين غير ترقياتي عملن تي خرچ ڪيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ تيل ۽ گئس ڪڍندڙ ڪمپنيون پنهنجي مرضيءَ سان ڪم ڪن ٿيون جنهن جو علائقن جي عوام کي فائدو نٿو ٿئي. سنڌ ۾ تيل ۽ گئس ڪمپنين جي خلاف وڏي نفرت پکڙجي رهي آهي. اسان سمجهون ٿا ته تيل ڪمپنين سان ڪيل ٺاهن تي عمل ڪرائڻ حڪومت جي ذميواري آهي، ماڻهو آمراڻن دورن ۾ ته ظلم ۽ ڏاڍايون سهندا رهن ٿا پر جڏهن ساڳيو رويو جمهوري حڪومتن دوران به جاري رکيو وڃي ٿو ته کين صدمو رسي ٿو ۽ جمهوريت به هنن جي لاءِ اجنبي بڻجيو وڃي ٿي. هن وقت جڏهن اقتدار ڌٽي به سمجهن ٿا ته سنڌ جي ماڻهن سان معدني وسيلن جي مالڪي، انهن وسيلن تي روزگار جي سلسلي ۾ ارهه زورائي ٿي رهي آهي، ته ان جو تدارڪ ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته ان ئي ناانصافي خلاف بلوچستان ۾ باهه ٻريل آهي، اتان جا ماڻهو هاڻي حق ڇني وٺڻ واري واٽ اختيار

ڪــري چڪــا آهن. چاڪــاڻ تــه جــڏهن عــوام جي
جمهوري جدوجهد کي مان نـه ڏنـو وينـدو يـا ان کي
ڏنڊي جي زور تي دٻايو وينـدو تـه اهـا پنهنجـا گس □
پيچــرا پــاڻ ڳولينــدي آهي. هن وقت جــڏهن ســنڌي
ماڻهن جي پرامن آواز کي مان نه ٿو ڏنو وڃي ته ان
جا نتيجا به اهڙا نڪــري ســگهن ٿــا، جيڪي هن ڪــان
اڳ دنيا اندر نڪتا آهن. سنڌ جي قــدرتي وســيلن تي
وفاق طرفان ڌاڙي جي ڪهاڻي پراڻي آهي. سنڌ 70
سيڪڙو روينيو ملڪي معيشــت □ پــول ڪــري ٿي □
موٽ □ ان کي ڇــا تــو ملي؟ گئس جي رائلــٽي وارو
مامرو اجا اتڪيل ئي آهي ته وفاق جو اهو موقف ته
گئس تي صوبن نه پر وفاق جو اختيــار آهي ٻرنــديءَ
تي تيل هارڻ برابر عمل آهي. لڳي ٿو تــه وفــاق کي
ســنڌ جــو وجــود □ ان جــو پاڪســتاني وفــاق □ هجڻ
پانءِ نه ٿو پوي.

(چپيل: 13 جنوري 2015ع)

ڪمند جو بحران ۾ حڪومت جي خاموشي

سنڌ ۾ ڪمند جو بحران شديد ٿي رهيو آهي. شگر ملز مالڪن جي هٺ ڌرمي سبب سنڌ جي زرعي معيشت تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪي آهي. خاص ڪري ڪمند پوکيندڙ آبادگار سخت پريشان آهن، ڪين ڪمند جي خريداري نه ٿيڻ سبب اربين روپين جي نقصان جو خطرو آهي. مل مالڪ ڪمند جو سرڪاري اگهه ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. ڪالهه سنڌ اسيمبليءَ اجلاس دوران ڪمند جو اگهه نه ملڻ تي مخالف ڌر سخت احتجاج ڪيو. ان موقعي تي حڪومت ۾ مخالف ڌر جي ميمبرن ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي ۾ مخالف ڌر ايوان مان واڪ آئوٽ ڪيو.. ڪالهه ڪمند جي سرڪاري اگهه تي عمل نه ٿيڻ بابت ڳالهائڻ تي اجازت نه ملڻ تي اپوزيشن ليڊر شهريار مهر احتجاج ڪيو. شهريار مهر چيو ته سنڌ جي آبادگارن جو مسئلو آهي، ايوان ۾ ڳالهائڻ کان نه روڪيو وڃي. نثار کهڙي چيو ته آبادگارن جي مسئلن جي ڄاڻ آهي، اپوزيشن پوائنٽ اسڪورنگ نه ڪري. ان موقعي تي شهريار مهر کي ڳالهائڻ جي اجازت نه ملڻ تي اپوزيشن ۾ حڪومتي ميمبرن ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي. اپوزيشن ليڊر چيو ته حڪومت طرفان ڪمند جو اگهه هڪ سئو 82 رپيا في مڻ مقرر ڪيو ويو آهي، پر شگر ملز انتظاميه ان تي عمل نه ڪري رهي آهي. نثار کهڙي چيو ته حڪومت شگر ملز بند ٿيڻ ۾ سرڪاري اگهه تي عمل نه ٿيڻ جو نوٽيس ورتو آهي. هن چيو ته حڪومت کي آبادگارن جي تڪليف

جو احساس آهي، سنجيدگي سان مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. سينيئر وزير چيو ته شگر ملز طرفان عدالت وڃڻ بعد مسئلا آهن ۽ شگر ملز مالڪن جي ڪيس تي عدالت ٻڌڻي لاءِ فيبروري جي تاريخ طئي ڪئي آهي. شهريار مهر چيو ته حڪومت شگر ملز مالڪن خلاف ڪهڙو ايڪشن ورتو آهي، جنهن تي نثار کهڙي چيو ته شگر ملز مالڪن ۽ آبادگارن وچ ۾ تڪرار سان ڪمند جو فصل تباهه ٿي ويندو. سيد سردار احمد چيو ته سپريم ڪورٽ اسٽي آرڊر نه پر ٻُڌڻي جي تاريخ مقرر ڪئي آهي، سنڌ حڪومت ڪي هاءِ ڪورٽ جي فيصلي تي عمل ڪرڻ گهرجي. سينيئر وزير نثار کهڙي جي بيان تي مخالف ڌر جي ميمبرن شيم شيم جا نعرا هنيا ۽ ايوان مان علامتي واڪ آئوٽ ڪيو.

شگر ملز مالڪن خلاف حڪومت جي خاموشي تي آبادگارن ۾ ڏينهون ڏينهن سخت تاءُ پکڙي رهيو آهي. ڪالهه ڪراچي ۾ آبادگارن ۽ سينئر سياستدانن جي اجلاس ۾ ڪمند جي اگهه نه ملڻ خلاف 27 جنوري تي حيدرآباد ۾ سپر هاءَ وي تي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. آبادگار اڳواڻ حڪومت کي چتاءُ ڏنو آهي ته ڪمند جو سرڪاري اگهه نه ملڻ خلاف هو تحريڪ کي وڌيڪ وسيع ڪندا. ڪمند جي معاملي تي حڪومت جي لڳاتار خاموشي افسوسناڪ آهي، سنڌ جي آبادگارن کي نقصان رسي رهيو آهي، پر ان معاملي کي هرويرو اينگاهيو پيو وڃي. جيڪڏهن اڄ آبادگارن کي شگر ملز مالڪن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو ته سڀاڻي سنڌ ۾ ڪمند جي پوک ڏسڻ لاءِ به نه ملندي. پوءِ شگر ملز مالڪ پنهنجون چمنيون ڪيئن دکائيندا.

هي معاملو انتهـائي حسـاس آهي، ان کي جيکـڏهن حل نه ڪيو ويو ته سياڻي ڪنڊ جو بحران پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي.

(ڇپيل: 22 جنوري 2015ع)

سنڌ کي پابندي مڙهيل تنظيمن کان بچايو

دهشـتگرديءَ □ رڱيـل هٿ ڪـٽي ڏيهـه تـوڙي پرڏيهه □ پيل ڪندڙ اُهي ماڻهو يا تنظيمون جن بـابت سالن کان عام طور تي چيـو وينـدو هـو تـه انهن جـا

ڪردار انسان سوز ۽ ذلت آميز آهن پر اسان جي
حڪومت کي خبر ناهي ڇو اهي ڳالهيون سندن ذهن
توڙي ضمير کي نه ٿي آئڙيون. حافظ سعيد جو نالو
رڳو ممبئي واقعي سان ملوث نه هو پر انهيءَ
ڪانپوءِ به هو پنهنجي ڪرت کي جاري رکڻ لاءِ، نيٽ
ورڪ کي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ جون
ڪوششون ڪندو رهيو آهي. انهيءَ دوران اسان ڏٺو
آهي ته خاص طور تي سنڌ جي مختلف شهرن
جهڙوڪ ماتلي، ٽنڊوآدم، مٺي ۽ ٻين جاين تي هن
پنهنجا ٽاڪ ناهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.
اطلاع آهن ته حڪومت پنهنجي پاليسيءَ نظرثاني
ڪندي، دهشتگرديءَ بابت جوڙيل ايڪشن پلان تي
تيزي سان ڪم ڪرڻ لاءِ جماعت الدعوه ۽ حقاني
نيٽ ورڪ جا ڪالعدم تنظيم طور انهن جا اثاثا ۽
بئنڪ اڪائونٽ منجمند ڪرڻ سان گڏوگڏ حافظ
سعيد جي سفر تي پابندي وجهڻ جو پڻ اعلان ڪيو
آهي. ملڪ جي پرڏيهي ترجمان تسنيم اسلم پنهنجي
هفتيوار بريفنگ دوران مختلف سوالن جا جواب
ڏيندي چيو آهي ته هاڻ گڏيل قومن طرفان جماعت
الدعوه سميت ڪجهه تنظيمن کي پابندي مڙهيل
تنظيمن جي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو آهي تنهن
ڪري پاڪستان هڪ ميمبر ملڪ طور انهن کي
ڪالعدم قرار ڏيڻ جو پابند آهي. هڪ سوال جي
جواب ۾ هن اهو به چيو ته "پاڪستان تي
دهشتگرديءَ جا الزام اُهي ماڻهو هڻن ٿا جيڪي نٿا
چاهين ته دهشتگردي خلاف جاري آپريشن ڪامياب
ٿئي ۽ پاڪستان سميت سڄي خطي ۾ امن قائم
ٿئي."
پرڏيهي ترجمان جي مٿي ڏنل بيان مان ظاهر ٿئي
ٿو ته پشاور سانحي ڪانپوءِ جيتوڻيڪ دهشتگردي

خلاف ايڪشـــن پلان ضــرور جوڙيــو ويــو آهي ان
تحت غـير آئيـني طـور فـوجي عـدالتن جـو قيـام پڻ
عمل هيٺ آندو ويـو آهي پـر انهيءَ بـاوجود اهـو نٿـو
لڳي ته ڪو ملڪ جي اصل حڪمرانن ماضـيءَ مـان
ڪجهــه ســکيو آهي. ٺيڪ اُن وقت جــڏهن عــالمي
سطح تي اهي بحث ٿي رهيـا آهن تـه هڪ ملڪ جي
حيـثيت سـان هـاڻ. پاڪسـتان دهشـتگردن جي هڪ
اهـڙي نرسـري بڻجي ويـو آهي جـتي سـندن آبيـاري
ڪئي پئي وڃي پوءِ انهن کي تيـار ڪـري دنيـا جي
مختلـف ملڪن خلاف ڪتب آنـدو ٿـو وڃي. ٺيڪ ان
وقت ملڪي سـرڪار کي ڳجهن طـاقتور وسـيلن
هجڻ باوجود اهـا خـبر نـٿي پـوي تـه مـذهب يـا غـير
مـذهب هجڻ جي بنيـاد تي ڪهـڙا مـاڻهو بـاڪردار
ڪهڙا بدڪردار آهن؟ اسـين سـمجهون ٿـا تـه اهـڙي
پرک پروڙ ڪرڻ لاءِ ضروري ناهي ته گڏيل قــومن
جـو ادارو آگاهـه ڪـري ملڪي انتظاميـا ايسـتائين
ستل رهي. بروقت قـدم نـه کڻڻ جـو نـتيجو اهـو ئي
آهي جــو اڄ پاڪســتان جــو نــالو دهشــتگردن جي
نرسريءَ طور سڃاتو وڃي ٿـو نرسـري مـان تيـار
ٿيل بدڪردار ماڻهو ڏيهـه تـوڙي پرڏيهـه انـدر پنهنجـا
ڪڏا مقصد حاصل ڪندا رهيا آهن.

هڪڙي پاليسي فوجي عدالتن جي قيام خلاف
ســپريم ڪــورٽ داخــل درخواســت شــنوائي لاءِ
منظور ڪئي وئي آهي ته وري ٻـئي پاسـي جمـاعت
الدعوه، حقـاني نيٽ ورڪ ٻين تنظيمن کي گـڏيل
قـومن جي احڪـامن تحت ڪالعـدم قـرار ڏنـو ويـو
آهي. ٻنهي رُخن جـا نتيجـا جيسـتائين سـامهون اچن
تيستائين اسين وفاقي توڙي صـوبائي سـرڪار سـنڌ
ڪان اهو مطالبو ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهون ٿـا تـه
مــٿي ذڪــر هيٺ آيــل دهشــتگرديءَ وارا نيٽ ورڪ

چاڪاڻ پنهنجا پير سنڌ تائين به پکيڙي چڪا آهن تنهن ڪري ضروري آهي ته انهن جي به ڪنهن ڪرڙي اک سان اسڪيننگ ڪئي وڃي ۽ گڏيل قومن جي ڪنيل قدمن موجب سندن اثاثا هڪدم منجمند ڪيا وڃن ته جيئن سنڌي ماڻهو اهڙن مامرن کان محفوظ رهن، چاڪاڻ ته سنڌ پنهنجي تاريخ ۾ امن، محبت ۽ پيار جو هڪ اهڙو اجهو رهيو آهي جتي رنگ، نسل، ذات پات کانسواءِ سڀ ماڻهو مذهبي رواداريءَ سان هڪ ٿي رهيا آهن.

(ڇپيل: 24 جنوري 2015ع)

وفاق جا فيصلا سنڌ خلاف ڇو ٿا وڃن؟

اقتصادي رابطا ڪميٽي سنڌ کي 4 لک ۽ پنجاب کي 8 لک ٽن ڪٽڪ پرڏيهه وڪڻڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. سبسڊي ۾ پنجاب کي وڏيک رعايت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جڏهن ته بجلي جي سموري لاڳت به قيمت ۾ شامل ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي. اقتصادي رابطا ڪميٽي جو اجلاس ناڻي واري وزير اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ٿيو، جنهن

۽ بجلي پيداوار تي ايندڙ لاڳت کي به قيمت جو حصو بڻائڻ جي منظوري ڏني وئي، ان لاءِ نيپرا کي پاليسي بابت حڪم جاري ڪيا ويا آهن. هن فيصلي سان فرنيس آئل جي قيمتن ۾ لاٿ جو فائدو عوام کي نه ملي سگهندو. بجلي ٽرانسميشن لائنون لڳائڻ ۾ خانگي شعبي کي سيڙپڪاري جي اجازت ڏيڻ جي تجويز به منظور ڪري ورتي. اقتصادي رابطا ڪميٽي سنڌ کي 4 لک ٽن ۽ پنجاب کي 12 لک ٽن ڪڻڪ پرڏيهه اماڻڻ جي به اجازت ڏئي ڇڏي. ڪڻڪ جي برآمد تي پنجاب کي 55 ڊالر في ميٽرڪ ٽن سبسڊي ڏني ويندي ۽ سنڌ کي 45 ڊالر في ميٽرڪ ٽن سبسڊي ملندي. ڪڻڪ توڙي ڪڻڪ مان تيار ٿيل شيون ٻاهران گهرائڻ تي به بندش لڳائي وئي آهي. وزيرستان مان لڏپلاڻ ڪندڙن ۾ ڪڻڪ ورهاست لاءِ خوراڪ جي عالمي اداري کي 30 هزار ٽن ڪڻڪ فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. اسان کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته هڪ طرف وفاق مڙني صوبن سان انصاف جو هوڪا ڏيندي نه ٿو ٿڪجي، ٻئي طرف فيصلا اهڙا ڪيا وڃن ٿا، جنهن سان وفاق ۽ صوبن ۾ ناراضگيون وڌن. پنجاب ۽ سنڌ لاءِ الڳ الڳ فيصلا ڇو پيا ڪيا وڃن. ڇا پنجاب ئي اصلي پاڪستان آهي ۽ ٻيا صوبا اها حيثيت نه ٿا لهڻن.

سنڌ حڪومت اقتصادي رابطا ڪاميٽي جي فيصلي کي رد ڪندي، ان کي سنڌ سان ناانصافي قرار ڏنو آهي. سنڌ حڪومت وفاق پاران ڪڻڪ خريد نه ڪرڻ واري معاملي تي ڳالهائڻ لاءِ ٽاسڪ قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ سيد خورشيد شاهه کي ڏئي ڇڏيو، وڏي وزير سيد قائم علي شاهه چيو آهي ته وفاقي حڪومت سنڌ کان 4

بدران 5 لک ميترڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪري.. وزيراعليٰ هائوس ڪراچي ۾ وڏي وزير سيد قائم علي شاهه سان مخالف ڌر جي اڳواڻ سيد خورشيد شاهه ۽ پ پ اڳواڻ زمرد خان ملاقات ڪئي. ملاقات جي موقعي تي وفاق پاران سنڌ کان ڪڻڪ گهٽ خريد ڪرڻ واري معاملي تي غور ويچار ڪيو ويو. ملاقات ۾ سنڌ حڪومت پاران اقتصادي ڪائونسل جي سنڌ کان 4 لک ميترڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ واري فيصلي کي رد ڪيو ويو .. ان موقعي تي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه خورشيد شاهه کي ٽاسڪ ڏنو ته هو وفاقي حڪومت سان ڪڻڪ واري معاملي تي ڳالهائي.. وڏي وزير چيو ته وفاقي حڪومت سنڌ کان 5 لک ميترڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪري.ان موقعي تي زمرد خان وڏي وزير کي ڪراچي ۾ سوئيٽ هوم قائم ڪرڻ بابت بريفنگ ڏني.

سنڌ سرڪار کي وفاق طرفان ٿيندڙ ناانصافين خلاف مضبوط ڪيس جوڙي اڳيان اچڻ گهرجي. هر قسم جي انياءَ خلاف هر فورم تي آواز ٿارڻ گهرجي. آخر سنڌ سان هن ملڪ ۾ اهڙو سلوڪ ڇو پيو ڪيو وڃي. ان سان صوبن ۾ وفاق خلاف بدگمانيون پيدا ٿينديون.

(ڇپيل: 25 جنوري 2015ع)

دهشتگردن جو پوليس خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن

ڪراچي ۾ دهشتگردن جو سنڌ پوليس خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن جاري آهي، گذريل ڪجهه ڏينهن اندر درزن کن پوليس اهڪارن کي ٽارگيٽ وڻي شهيد ڪيو ويو آهي. اهي وارداتون شهر جي انهن علائقن ۾ ٿيون آهن، جتي گذريل ٻن ٽن ڏهاڪن کان هڪ ئي ڌر جو اثر رسوخ رهيو آهي. ناظم آباد، لالو کيت، بهار ڪالوني، شاهه فيصل ڪالوني ۾ ڪجهه ٻين علائقن ۾ چونڊي چونڊي انهن پوليس اهلڪارن کي ماريو پيو وڃي. جن جو واسطو سنڌ جي اندرين علائقن سان آهي. ان جو مقصد هڪ ئي ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه ڌريون اهو تاثر ڏيڻ گهرن ٿيون ته سنڌ جي گادي واري شهر ۾ سنڌ سان نسبت رکندڙ ڪنهن به پوليس يا ڪنهن ٻئي کاتي جي عملدار کي برداشت نه ڪيو ويندو. پوليس کي جنهن نموني ٽارگيٽ ڪيو پيو وڃي، ان مان اهو باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته شهر جا مخصوص

علائقا سنڌ حڪومت جي عملدارن لاءِ نو گو ايرياز بڻيل آهن.

سنڌ جي گادي واري شهر کي وقت بوقت دهشتگردي جو نشانو بڻائيندڙ ڪنهن کان به ڳجها ناهن، سندن ايجنڊا به لڪل ناهي. ڪراچي ۾ هي ڪو پهريون واقعو ناهي جو دهشتگردن پوليس کي نشانو بنايو هجي، پر هن کان اڳ به اهڙا واقعا ٿيندا رهيا آهن. هن ئي بدنصيب شهر ۾ وڪيلن کي زنده ساڙيو ويو، سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس کي شهر ۾ اچڻ کان روڪڻ لاءِ سندس استقبال لاءِ ويندڙ وڪيلن کي ماريو ويو ۽ چيف جسٽس کي ڪراچي هوائي اڏي اندر يرغمال رکيو ويو هو. ان کان سواءِ به شهر ۾ اهڙو ڪو ڏينهن خالي نه رهيو آهي، جنهن ڏينهن دهشتگردن طرفان عام شهرين، سياسي مخالفن ۽ ٻولي جي فرق سبب بي گناهه ماڻهن کي نه ماريو هجي. پر ايترن سارن واقعن باوجود اڄ تائين وقت جي حڪمرانن انهن دهشتگردن جي رستا روڪ ڪرڻ لاءِ ڪا اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي آهي. جنهن سبب قاتلن ۽ رهزنن جا حوصلا وڌيل آهن.

شهر ڪراچي ۾ دهشتگردن کي ڇوٽ ڏيڻ ۾ نه فقط حڪومت ملوث رهي آهي، پر ان ڏوهه کان قانون لاڳو ڪندڙ ٻين ادارن کي به آجو ڪري نه ٿو سگهجي. ڪراچي ۾ دهشتگردي جون تازيون وارداتون ٻڌائين ٿيون ته آپريشن باوجود دهشتگرد قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي پڪڙ ۾ اچي نه سگهيا آهن. خطرناڪ ڏوهاري اڄ به آزاد آهن ۽ هو جنهن وقت به چاهين شهر کي باهه ۾ اڇلي سگهن ٿا. حڪومت ڪراچي کي دهشتگردن کان آجو ڪرڻ لاءِ بي رحم آپريشن ڪري. انهن مڙني جوابدارن کي

قــانون جي گــرفت ۾ آنــدو وڃي، جيڪي معصــوم
ماڻهن کي مـارڻ ۾ ملـوث آهن، جيڪـڏهن هـاٿي بـه
سياســي مصــلحتن کي آڏو آڻينــدي ڪــراچي کي
دهشــتگردن جي رحم ڪــرم تي ڇــڏيو تـه پــوءِ هي
شهر سڙي پسـم ٿي وينـدو. ڪجهـه قوتـون شـهر ۾
پنهنجي هڪ هـٽي چـاهين ٿيـون. انهن ڌرين طرفـان
مخالفن کي نشانو بنـائي شـهر تي قبضـي کي پختـو
ڪــرڻ جي ڪوشــش آهي. جنهن کي حڪــومت کي
عوام جي مدد سان ناڪام بنائڻ گهرجي.

جڏهن حڪومت جي چئي مطـابق ڪـراچي ۾
آپريشن جـاري آهي. پـوءِ هي قاتـل ۽ رهـزن ڪـيئن
پنهنجن ٻرن مان ٻاهر نڪري آيا آهن. ٽارگيٽ ڪلــرز
جو ٻيهر سرگرم ٿيڻ ٻڌائي ٿـو تـه موجـوده آپريشـن
دوران شهر کي رت ۾ وهنجارينـدڙ ڌوهـاري پڪـڙ ۾
نه اچي سگهيا آهن ۽ هـو باسـلامت آهن. ڪين فقـط
وقت جو انتظار آهي، جيئن ئي ڪين موقعــو ملي ٿــو
ته هو ٻيهر سرگرم ٿي وڃن ٿا. هوڏانهن قانون لاڳــو
ڪندڙن تازو اهو اعتراف ڪيو آهي ته ڪراچي ۾ اڃا
به ڪيترائي نوگوايرياز موجــود آهن. هنن ٻــڌايو آهي
ته نوگوايرياز جون فهرستون تيار ڪيون ويــون آهن،
جلد اتي ڪارروائي ڪري علائقا ڪليئر ڪرايا وينــدا.
قانون لاڳو ڪندڙن جي بيان سان اهو ثـابت ٿـئي ٿـو
ته ڪراچي ۾ هلند ڙ آپريشن اڃا پنهنجا نتيجا ڏئي نه
سگهيو آهي ۽ وقت گذرڻ سان معاملو ٿڌو ٿيندو پيو
وڃي يا ان کي سـرد خـاني حـوالي ڪيــو پيــو وڃي.
جيڪڏهن آپريشـن فقـط ليـاري تـائين محـدود رکٽـو
آهي ۽ باقي شهر لاءِ ممنوع قـرار ڏنـل آهي تـه پـوءِ
ان جـو باضـابطا اعلان ٿيڻ گهـرجي. جـيئن معصـوم
ماڻهو ڪنهن غلط فهمي ۾ نه رهن.

(ڇپيل: 26 جنوري 2015ع)

ڪمند جو مامرو □ سنڌ حڪومت جي بي وسي

سنڌ سرڪار طاقتور شگر ملز مالڪن اڳيان بي وس بڻجي چڪي آهي. گذريل هڪ مهيني کان آبادگار ڪمند جو سرڪاري اگهه نه ملڻ خلاف احتجاج تي آهن، پر حڪومت پنهنجي ئي اعلان تي عمل ڪرائڻ □ گوٺتات ڪان ڪم وٺي رهي آهي. هاڻي جڏهن آبادگارن جي تحريڪ وڌيڪ سگهاري ٿي آهي □ اڄ آبادگارن طرفان حيدرآباد ٽول پلازه تي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ته ان کان ٺيڪ هڪ ڏينهن اڳ وڏي وزير کي آبادگارن جي اهنجن جو احساس ٿيو □ پاڻ سڳوري معاملي جو نوٽيس ورتو. جنهن بعد شگر ملز کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. شگر ملز جا طاقتور مالڪ انهن نوٽيسن جو جواب ڏيندا يا نه، پر اها سڀني کي خبر آهي ته هتي حڪومتي نوٽيس وٺڻ □ ڏي جواب، وٺ جواب وانگر معاملو حل ڪرڻ بدران اينگهائيندا آهن.

آبادگارن کي ڪمند جو حڪومت پاران مقرر ڪيل اگهه نه ملڻ خلاف ڪيترن ڏينهن کان هلندڙ احتجاج ڪانپوءِ سنڌ حڪومت 28 شوگر ملن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن نوٽيس □ چاٽايو ويو آهي ته شوگر ملون حڪومت پاران مقرر ڪيل اگهه

تي عمل نه ڪرڻ تي سندن خلاف سخت ڪارروائي ڪندي. ٻئي طرف آبادگارن جي سربراهه ۽ نواز ليگ جي اڳواڻ ڊاڪٽر راحيلا مگسي شگر ملز کي نوٽيس واري معاملي کي حڪومت جي چال قرار ڏنو آهي ۽ اعلان ڪيو آهي ته اڄ هر صورت ۾ ڌرڻو هنيو ويندو. هن چيو آهي ته سمورن آبادگارن سان رابطو ڪيو ويو آهي. پر هنن وڏي وزير سان ملاقات ڪرڻ بابت ڪابه ڄاڻ ناهي ڏني. حڪومت آبادگارن جي تاريخي ڌرڻي کي ناڪام ڪرڻ جي لاءِ افواهون پکيڙي رهي آهي. آبادگار ۽ سياسي تنظيمون حيدرآباد ٽول پلازه وٽ تاريخي ڌرڻو هڻي حڪومت جي هٺ هٽي کي ختم ڪندي. هن چيو ته سڄي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن کان آبادگارن ۽ هارين جا جٿا ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندا. ٻئي طرف سنڌ جي اطلاعات ۽ بلديات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪمند جي اگهه ۽ آبادگارن جي آڙ ۾ سياست ڪندڙن کي ڪوبه فائدو نه ٿيندو. اهي سڀئي اسان جا ووٽرز آهن ۽ ڪين ان ڳالهه جي چڱي ريت خبر آهي ته سنڌ حڪومت انهن لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪري رهي آهي، جيڪو حڪومت کي انهن لاءِ ڪرڻ گهرجي. جيڪي ملون انهن آبادگارن ۽ هارين کان حڪومت جي مقرر ڪيل 182 رپيا في مڻ ڪمند جي حساب سان خريد ناهن ڪري رهيون، انهن کي وزيراعليٰ سنڌ جي هدايتن تي ڪين ڪمشنر جي ذريعي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪمند جي مسئلي تي وزيراعليٰ سنڌ سيد قائم علي شاهه جو واضح موقف آهي ته سنڌ حڪومت پاران مقرر ڪيل 182 رپيا في مڻ ڪمند جي حساب سان شگرملز آبادگارن کان ڪمند خريد ڪنديون. هن چيو ته ان

كانپوءِ ملز مالڪ عدالتن □ هليا ويا □ هاڻ به اهو معاملو سپريم ڪورٽ □ التوا هيٺ آهي، جڏهن ته وزيراعليٰ سنڌ گذريل ڏينهن ڪين ڪمشنر کي تاڪيد ڪئي آهي ته هو ملز مالڪن کي ان حوالي سان نوٽيس جاري ڪري ته هو آبادگارن □ هارين کان ڪمند سرڪاري مقرر ڪيل اگهه تي خريد ڪن. هن چيو ته آبادگارن □ هارين جي نالي تي ڪجهه سياستدان پنهنجي سياست چمڪائڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهيا آهن، پر ڪين مايوسي كانسواءِ ڪجهه حاصل نه ٿيندو. هن چيو ته ان کان اڳ به جڏهن شگرملن پاران ڪرشنگ سيزن جي شروع ٿيڻ جي باوجود ملون نه شروع ڪيون ويون، تڏهن به اسان ئي ملن کي ڪرشنگ شروع ڪرڻ جا حڪم ڏنا هئا. هڪ سوال جي جواب □ شرجيل ميمڻ چيو ته پهريان وفاقي حڪومت ڪنڊ تي سبسڊي ڏيندي هئي، جيڪا هاڻ ختم ڪئي وئي آهي، جنهن سان به 6 کان 8 رپين جو فرق آيو آهي. هڪ ٻي سوال جي جواب □ هن چيو ته وزيراعليٰ سنڌ پاڻ سمورن آبادگارن سان مسلسل رابطي □ آهي □ آبادگارن کي به ڄاڻ آهي ته پيپلز پارٽي □ سنڌ حڪومت انهن سان گڏ آهي. هن چيو ته ڪمند جي فصل سان لاڳاپيل آبادگار اسان جي زرعي آمدني جو سڀ کان وڏو ذريعو آهن □ اسان کي سندن مشڪل □ پريشانين جو به احساس آهي. اسان صوبائي حڪومت جي نيت تي شڪ ڪرڻ وارا ڪير ٿيندا آهيون، پر اها ڳالهه پڌري آهي ته سنڌ سرڪار هن معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪي سنجيده اپاءَ نه ورتا آهن. جنهن ڪري سنڌ جي معيشت کي ڪاپاري ڌڪ رسي رهيو اهي. جيڪڏهن

هن معاملي کي اجا به اينگهايو ويو ته پوءِ سنڌ جي زرعي معيشت تباهي جي ڪنڌي تي پهچي ويندي.
(ڇپيل: 27 جنوري 2015ع)

سنڌ جي آبادگارن جو تاريخي احتجاج

سنڌ جي هزارين آبادگارن ۽ ٻين گهڻ گهرن حيدرآباد ٽول پلازه تي تاريخي ڌرڻو هڻي، شگر ملز مالڪن جي هٺ ڌرمي ۽ ان کي تحفظ مهيا ڪندڙ حڪومت کي وڏو چئلينج ڏئي ڇڏيو آهي. هاڻي بال حڪومت جي ڪورٽ ۾ آهي ته هو پنهنجي جمهوريت پسندي ۽ عوام دوستي جو ثبوت ڏيندي، سنڌ جي ماڻهن جي جائز گهر کي مان ڏئي ته آباگارن کي ڪمند جو فقط اهو اگهه ملڻ گهرجي، جيڪو سرڪار سڳوري پاڻ مقرر ڪيو آهي. اهو اگهه به ڪائين جي اگهه ڪان به سستو آهي، پر افسوس جو ڪمند پوکيندڙن جو فصل سڪل ڪاٺين جيترو به ملهه نه ٿو لهڻي.
حيدرآباد ٽول پلازه تي ڌرڻو هڻي سنڌ جي سياستدانن، قومپرستن، آبادگارن ۽ هارين مطالبو ڪيو آهي ته گورنمينٽ جي نوٽيفيڪشن مطابق 182 روپيا ڪمند جو اگهه آبادگارن کي ڏنو وڃي، ملز طرفان 10 کان 30 سيڪڙو ناجائز ڪٽوتي ختم ڪرائي وڃي، ڪمند تي آبادگارن کي ڪوالٽي پريميم ڏياري وڃي، هٿرادو زوننگ ختم ڪرائي وڃي. 15 آڪٽومبر 2014 ع کان ملز نه هلائيندڙ خلاف روزانو جي بنياد تي ڏنڊ وڌو وڃي، شگر ملز

مـالڪن ڪـان 2013ع ۽ 2014ع جــون بقاياجــات آبادگارن کي ڏياريون وڃن. ڪالهه ڄامشوروسپرهاءِ وي تي 8 ڪلاڪن تائين ڌرڻو هڻي سـپر هـاءِ وي کي ٻنهي پاسن کان بند ڪيو ويو ڌرڻي ۾ هزارين مــاڻهن جي شرڪت ڪئي. ڌرڻي سبب گاڏين جون قطارون لڳي ويـون، 11 فيـبروري تي ٻيهـر سـاڳئي جـاءِ تي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو. ان کان پهرين ڪراچي ۾ ڪمند ، سارين، ڦٽين، ڪٽڪ، بصر ۽ ٻئي فصل جا صحيح اگهه نه ملڻ بابت ڪانفرنس ڪوٺـائڻ جـو پڻ اعلان ڪيـــــــــــــــو ويـــــــــــــــو.

سنڌ حڪومت ۽ سـنڌ هـاءِ ڪـورٽ جي حڪمن جي باوجود سنڌ ۾ ڪمند جو سرڪاري اگهـه 182 روپيـا نــه ڏيڻ ســنڌ جي آبادگــارن کي معاشــي نقصــان پهچائي ڪمـزرو ڪـرڻ برابـر آهي. سـنڌ ۾ سـارين، بصر، ڪٽڪ ۽ ڪپهه جـا اگهـه صـحيح نـه ملڻ خلاف سنڌ جا آبادگار وڏي وقت کان دانهين رهيـا آهن. پــر سندن ڳالهه اهي چونڊيل نمائندا به نٿا ٻڌن، جن کي هنن ئي چونڊي ايوانن ۾ موڪليو آهي.

هاءِ ڪورٽ 182 روپيا ڪمند جـو اگهـه مقـرر ڪيو آهي ۽ سنڌ حڪومت بـه ان تي آمـاده آهي پــر ان باوجود آبادگارن کي جائز حق نـه پيـو ڏنـو وڃي. گـــذريل 7 ســـالن ڪـــان وٺي ســـنڌ جي زراعت ۽ آبادگارن سان ظلم ڪيو پيو وڃي. ڪمند جو اڄوڪو مسئلو نه آهي. هي گذريل حڪومت کان هٺ ڌرمي جـاري آهي سـنڌ ۾ گـذريل 7 سـالن ڪـان صـنعتن، انڊسٽريز تي قبضا ڪيا ويـا آهن پـر صـنعتڪارن کي صـنعتون ۽ انڊسـٽريز ڪـولڻ نٿـا ڏين. لڳي ٿـو تــه حڪمران ڳـالهين ۽ دليلن سـان ڪجهـه بـه مڃڻ لاءِ تيار نه آهن.

اسان چاهيون ٿا ته سنڌ جي آبادگارن جا مسئلا مستقل طور تي حل ٿين. هن ڌرتي ۽ سنڌ جي زراعت بچائڻ لاءِ جيڪو جذبو ظاهر ڪيو ويو آهي اهو رائيگان نه ويندو. سنڌ جا حڪمران عوام کان ماني ڦريو ڦري ۽ خالي پيٽ تي لت ڏئي رهيا آهن. گورنمينٽ جي نوٽيفيڪشن مطابق 182 روپيا ڪمند جو اگهه آبادگارن کي ڏنو وڃي، ملز طرفان 10 کان 30 سيڪڙو ناجائز ڪٽوتي ختم ڪرائي وڃي، ڪمند تي آبادگارن کي ڪوالٽي پريميم ڏياري وڃي، هٽرادو زوننگ ختم ڪرائي وڃي، 15 آڪٽومبر 2014 ع کان ملز نه هلائيندڙ خلاف روزانو جي بنياد تي ڏنڊ وڌو وڃي، شگر ملز مالڪن کان 2013ع ۽ 2014ع جون بقاياجات آبادگارن کي ڏياريون وڃن.

(چپيل: 28 جنوري 2015ع)

سي پي ايل سي ۽ چنائي ڪير آهن؟

سنڌ جا ماڻهو ڪافي وقت کان ان ڳالهه تي حيران آهن ته ڪراچي □ سنڌ حڪومت □ ان جي قانون لاڳو ڪندڙ ڪاتن جي موجودگي □ به ڪا قوت متبادل حڪومت هلائي رهي آهي. شهري ڪاميٽين □ شهري فورسز جي نالي تي خانگي ادارا پنهنجو متبادل نظام قائم ڪيون ويٺا آهن. جن ڪراچي □ شريف شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. اهي خانگي يا نيم خانگي فورسز اڳوڻين حڪومتن طرفان هڪ سياسي ڌر کي خوش ڪرڻ لاءِ قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، جيڪي هن وقت به نه صرف متحرڪ آهن، پر سياسي مخالفن کي شهري امن جي نالي تي پنهنجو نشانو بڻائي رهيا آهن.

ڪالهه ان جي هڪ پڪي شاهدي تڏهن ملي، جڏهن رينجرز هڪ شهري جي چوڻ تي سٽيزن پوليس لائيزن ڪاميٽي جي سربراهه احمد چنائي جي اڏي تي ڇاپو هڻي. سندس وٽ يرغمال ڪيل ماءُ □ پٽ کي بازياب ڪرائي ورتو □ پتي لاءِ آندل 15 لک روپيا رقم به هٿ ڪري ورتي . هڪ شهري ڪالهه رينجرز کي خط لکي اطلاع ڏنو ته سندس پٽ لاريب کي رينجرز جي ٽاسڪ فورس بغير پتي جي بازياب ڪرايو هو. پر سندس بازياب ٿيل پٽ □ زال کي سي پي ايل سي □ روڪيو ويو هو. لاريب جي والد پاران ڊي جي رينجرز کي لکيل خط □ چيو ويو ته اسان رينجرز جي سيل کان علاوه سي پي ايل سي □ به پٽ لاريب جي اغوا جي رپورٽ داخل ڪرائي هئي. سي پي ايل سي جي عهديدارن گهرواري □ پٽ کي چيو ته توهان ڪيڏانهن به نه وڃو، اسان ڪارروائي ڪري رهيا آهيون. ان کان پوءِ هنن گهرواري □ پٽ کي روڪيو ويو □ سندن

15 لک روپيا رقم بہ احمد چنائي پاڻ وٽ روڪي ڇڏي. جيڪا هو پتي طور وصول ڪرڻ گهري پيو.

آخر اها سٽيزن پوليس لائيزن ڪاميٽي سندس سربراهه احمد چنائي ڪير آهن، جيڪي پوليس جي موجودگي پنهنجو ٿاڻو هلائي رهيا آهن ٻڌي چوڙي جا ڪم ڪري رهيا آهن. آخرڪار سنڌ حڪومت ان متبادل پوليس نظام کي چو پئي خاموشي سان برداشت ڪري ان تي بندش لاڳو چو نہ ٿي ڪئي وڃي. هي سپ ڪجهہ ڪنهن جي چوڻ تي ٿي رهيو آهي. احمد چنائي ڪهڙي قانون تحت ماڻهو بازياب ڪرائي ٿو يا سٽيزن پوليس جي نالي تي پاٽاريداري قائم ڪيو ويٺو آهي. سنڌ هي قانون جو ٻٽو نظام قائم ڪرن جو ڪهڙو مقصد آهي، اهڙي نظام سان ڪنهن کي فائدو ٿي رهيو آهي. اهو ادارو ماضيءُ ڪنهن جي چوڻ تي ٺاهيو ويو هو. ان پويان ڪهڙا مقصد هئا. عوام کي اهو ٻڌائڻ گهرجي. ان سان گڏ سنڌ جو هر قانون پسند شهري اهو مطالبو ٿو ڪري تہ سي پي ايل سي کي هڪدم بند ڪري ان جي سربراهه کي پاٽاري هلائڻ جي ڏوهہ هيٺ سوگهو ڪيو وڃي.

(ڇپيل: 29 جنوري 2015ع)

دهشتگردن جو سنڌ تي حملو

بي رحم ۾ انسانيت جي ويري دهشتگردن سنڌ جي ثقافتي شهر شڪارپور کي رت ۾ باهه ۾ ڏڪي ڇڏيو آهي. گذريل سال سنڌ جي صوفي بزرگن جي درگاهن تي حملن بعد ڪالهه شڪارپور شهر جي امام بارگاهه ۾ بم ڌماڪو ڪري 57 معصوم ماڻهن کي موت جي منهن ۾ ڌڪيو آهي، جڏهن ته 50 کان وڌيڪ شهري سخت زخمي ٿي اسپتالن پيڙا ٿيا آهن. جن جي حالت به انتهائي نازڪ ٻڌائي وڃي ٿي. سنڌ ۾ بمن جا مسلسل حملا ٻڌائين ٿا ته مظلوم ماڻهن جو وطن دهشتگردن جي خاص نشاني تي آهي. بم ڌماڪن جي صورت ۾ ٿيل خوني حملا پنهنجي اندر سنڌ جي ماڻهن لاءِ هڪ پوائنٽو پيغام کڻي آيا آهن. ڪجهه وقت کان سڄي ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ فرقي وارانيون ڪارروايون وڌنديون ڏسڻ ۾ اچي رهيون آهن، ههڙن واقعن پڄاڻان جيڪا پرتشدد فضا جنم وٺي ٿي ان ۾ واقعي خلاف رد عمل، ٽوڙ ڦوڙ ۾ فرقي وارانئي سهپ واري ماحول کي سخت ڇيهو رسندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. بظاهر لڳي به ائين رهيو آهي ته هن قسم جا واقعا ڪرڻ يا ڪرائڻ جو بنيادي ڪارڻ به سنڌ ۾ هڪ اهڙي تضاد کي هٿي ڏيئي ممڻ مچائڻو آهي جيڪو اصولي طور سنڌ جي سماج ۾ ڪو وڏو وجود نه ٿو رکي.

ملڪ جي سياسي تاريخ ۾ سنڌ سوين سياسي ناٽڪ ۾ جڙتو تضاد اکين ڏٺا آهن، جن ذريعي سنڌ جي پرامن معاشري کي ڊانوان ڊول ڪري پنهنجا وقتي مفاد پورا ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن، انهن ڪوششن ۾ سنڌ جي سهپ، پائيچاري ۾ اجتماعي ڏاهپ ۾ تاريخ جي ڏگهي تجربي مان حاصل ڪيل صوفيائي ۾ سيڪيولر

ڪلچر ڪي مذهبي يا فرقي واراڻي تضاد هيٺ هٿرادو
طريقي سان نوڙي مان نانگ ٺاهڻ واريون حرڪتون
بہ شامل آهن. ضياءَ الحق جي زماني ڪان هيل
تائين ٿيندڙ اهڙين سمورين ڪوڙڪين ڪان سنڌ پاڻ
کي بچائيندي آئي آهي، ان ۾ نہ رڳو سنڌ جي عام
لوڪ، سياسي پارٽين، سماج سڌارڪن پر سنڌ جي
مذهبي ڌرين جو بہ وڏو ڪردار رهيو آهي، جو تہ
سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ مذهبي جماعتن جا اڳواڻ ۽
ڪارڪن پڻ سنڌ جي انهي ضمير ۾ مٿي مان جڙي
راس ٿيل آهن، جنهن ۾ تشدد ۽ خونريزي لاءِ تمام
گهٽ گنجائش موجود آهي، ان ڪري هزار
ڪوشش باوجود سنڌ اهو دڳ اختيار نہ ڪيو آهي.
هن صورتحال ۾ سڄي سنڌي سماج جي اها
ذميواري ٿئي ٿي تہ هو اهڙن واقعن پنيان خطرناڪ
مقصدن ڪي پنهنجي اجتماعي شعور ۽ ڏاهپ جي
بنياد تي سمجهي اهڙين سمورين ڪوشش کي
ناڪام بڻائي ۽ سنڌ جي سونهن ۽ سهپ تي ٻڌل
معاشري جي رکوالي ڪري. خاص ذميواري سنڌ
سرڪار مٿان اچي ٿي تہ اها پنهنجيون ذميواريون
پوريون ڪري، انهن واقعن پنيان لڪل هٿن تائين
پهچي ۽ سنڌي سماج کي ان باهہ ۾ ڪرڻ کان
بچائي، ڇاڪاڻ تہ انهن واقعن مان لڳل باهہ مان
جيڪي شعلا نڪرڻا آهن، سي سڄي سنڌ کي تہ
لهس ۾ آڻيندا، پر انهن جي تپش کان سنڌ سرڪار
پاڻ بہ نہ بچي سگهندي.
ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ سنڌ جا ماڻهو
نفرتن جي بدران پيار ۽ امن جا امين رهيا آهن ۽ ان
ڏس ۾ صوفين جو بہ اهم ڪردار رهيو آهي. مذهب،
فرقي، ٻولي، نسل ۽ قوميت جي بنياد تي سنڌين
ڪڏهن بہ ڪنهن سان نفرت نہ ڪئي آهي نہ ئي

نفرت جو جواب نفرت سان ڏنو آهي. ڪافي عرصي کان سنڌ جي وحدت کي نسل، ٻولي ۽ فرقي جي بنيادن تي نفرتون پکيڙي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي ۽ اهي اڪثر ناڪام ٿينديون رهيون آهن، مهاجر صوبي جا نعرا ۽ ڪراچي سميت سنڌ جي ٻين شهرن ۾ دهشتگرد حملا به ان سلسلي جون ڪڙيون آهن. اسان سمجهون ٿا ته امن امان قائم ڪرڻ ۽ ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي پر صوبائي توڙي وفاقي حڪومت اها نڀائڻ ۾ ناڪام رهي آهي. سڄي دنيا ڄاڻي ٿي ته دهشتگردن جو نرسريون ڪٿي ڪٿي ڪم ڪري رهيون آهن حڪومتي عهديدار چڱيءَ ريت ڄاڻن ٿا ته دهشتگردن جي چرپر رڳو پنجاب مان نه پئي ٿئي ۽ انهن جا اڏا ٻين هنڌن تي به آهن، خاص ڪري ڪراچي ۾ جيڪي نسل پرست دهشتگرد روز ڊزن جي حساب سان ماڻهو ماري رهيا آهن، انهن بابت حڪمران ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ لاءِ تيار ناهن. ان ڪري حڪومت کي الزام تراشي ڪرڻ بدران پنهنجون ذميواريون ادا ڪرڻ گهرجن. سنڌ کي دهشتگردن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ اثرائتو آپريشن ڪيو وڃي. غير قانوني پرڏيهين کي نيڪالي ڏني وڃي. ان سان ئي دهشتگردي جا دڳ بند ڪري سگهجن ٿا.

(ڇپيل: 31 جنوري 2015ع)

سنڌ تي حملو ڪندڙ جا پيرا وزيرستان ۾ ڳولڻ گهرجن

شڪارپور واقعي سنڌ جي وجود کي لوڏي چڏيو آهي. هن افسوسناڪ سانحي بعد سنڌ جو هر شهر، ڳوٺ، مارڪيٽ ۽ بازار، مسجد، امام بارگاهه، مندر ۽ ڪليسا غير محفوظ بڻجي وئي آهي. سنڌ جا معصوم ٻچا اسڪولن سميت راند جي ميدان ۾ به غير محفوظ ٿي ويا آهن. سنڌ تي حملو ڪندڙ يقينن هن ديس جا واسي ٿي نه ٿا سگهن. چاڪاڻ ته مذهب جي نانءَ تي دهشتگردي ڪندڙن جو سنڌ سان پري پري جو به واسطو ناهي، پر هو ملڪ جي ٻين علائقن کان هتي آيا آهن. هن خطي ۾ سنڌ ئي

اهـڙو وطن رهيـو آهي، جـتي برصـغير جي ورهـاڱي کان اڳ مذهبي جنونيت، فرقيواريت ۽ دهشـتگرديءَ جو پري پري تائين ڪوبه نالو نشان موجـود نـه هـو. سنڌ جي ماڻهن پنهنجي صـدين جي تـاريخ ۾ ڪـڏهن به ڪنهن پرائي ديس تي قبضو نه ڪيـو آهي. زور ۽ زبردسـتي ڪنهن جـو در نـه اورانگهيـو آهي، ڪنهن ڌارئي ديس جي ڌرتي تي والار نه ڪـئي آهي. سـنڌ جي پنج هزار سال کان وڌيڪ پراڻي تاريخ ٻـڌائي ٿي ته دنيا ۾ سـنڌ ئي اهـڙي قـوم جـو وطن رهيـو آهي، جنهن قوم پنهنجي يا پرائي ڪي مذهب جي مٿڀيد تي خون نه ڪيو آهي. هندو، مسلمان، ٻڌ ۽ جين مت جا پوئلڳ هن ئي ديس ۾ امن، پـائيپي ۽ رواداري سـان رهيا آهن. شيعا، سني، بريلوي يا ديوبنـدي جي بنيـاد تي سنڌي ماڻهن ڪـڏهن بـه پنهنجـا عبادتگاهـه الـڳ ڪونه ڪيا آهن. آپگهاتي بم ڌماڪـا ڪـرڻ، مسـجدن ۾ امام بارگاهن، مندرن ۾ ڪليسائن ۾ عبادت دوران جيڪـڏهن ڪنهن جنـوني پنهنجي مخـالف جـو ڪنـڌ ڪوريو ته اهو سنڌ جي مٽيءَ سان واسطو رکندڙ نه رهيو آهي. سـنڌي مسـلمان تـه سـنڌي هنـدن سـان هولي به ڳڏ ملهائيندا آهن تـه وري سـنڌي هنـدو پٽ ڌڻي جي ميلي، سـچل جي درگاهـه ۾ شـاهه عنـايت جي ننگريءَ ۾ پيار ۽ محبت ونڊڻ ۾ مسـلمانن ڪـان ڪڏهن به پوئتي نه رهيا آهن. سنڌي ماڻهن لاءِ سـڀ عبـادت گـاهون ۽ آسـتان، سـڀ مـذهب ۽ نظريـا ڪــڏهن بــه انســانيت ڪــان مٿانهــان نــه رهيــا آهن، جيڪڏهن ائين چئجي تـه ان ڳالهـه ۾ ڪوبـه وڌاءُ نـه ٿيندو ته سنڌ جا ماڻهو مسلمان، هنـدو، ٻـڌ، شـيعا ۽ سني ڪان اڳ انسـان هجڻ ۾ پختـو يقين رکن ٿـا تـه ان ڳالهه ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو. پوءِ سـيڪيولر سـنڌ ڪي انتهاپسنديءَ جون هيءَ امـاڙيون ڪنهن بچـايون

آهن، جــو ســنڌ مــذهب جي بنيــاد تي مــاڻهن کي
ماريو پيو وڃي.
اسان سنڌ جا ماڻهو لطيف، سـچل سـاميءَ
جا وارث ڪنهن جا مدا نه رهيـا آهيـون تـه پـوءِ آخـر
اســان جي ديس کي بمن ســان پســم ڪــرڻ جــا
ســانباها ڪنــدڙ ڪــير آهن؟ ســنڌ جي مــاڻهن انهن
جنونين جا پيرا ڪٽي سندن ٺاڪن وٺاڻن کان اڳ به
حڪمرانن کي آگاهه ڪيو هو هاڻي به چـون ٿـا تـه
ٻيلي سـنڌ پهتـل ڌارين جـون لـوڌون ئي سـنڌ کي
ساڙي پسم ڪرڻ گهرن ٿيون. انهن آڏو بند ٻڌو.سنڌ
 مذهبي انتهاپسندي جي پيرن جـا نشـان سـوات
وزيرستان وڃي دنگ ڪن ٿا. اسان کي بــارود جي
باهه ســاڙيندڙ اهي مــاڻهو آهن جن کي اسـان جي
حڪمرانن ملڪي پائيچاري جي نانءُ تي اسان مٿــان
مڙهيو آهي. هتــان جي ديس ڌٽين کي هــاڻي پنهنجي
وطن جي سلامتي لاءِ سـڀ لاڳاپـا لاهي اڳيـان اچڻـو
پوندو. سنڌ ان معاملي تي ڪي به ٻه موقف ناهن
ته سنڌ بدامني، جنونيت دهشـتگردي ٻــاهران
آيـل مــاڻهو ملــوث آهن. اســان هيــل تــائين ڇڙوڇــڙ
نموني مختلف پارٽين جي الڳ الڳ پليٽ فارمن تــان
اها جدوجهد ڪئي آهي ته سنڌ کي ڌارين کـان پــاڪ
ڪيو وڃي. پر هاڻي خطرا اسان جي سر مٿان لامارا
ڏئي رهيا آهن. سنڌ جي مائرن، ڀينرن، پــائرن پٽن
جون حياتيون بچائڻ لاءِ هاڻي ان کـان سـواءِ ٻي ڪـا
واهه نه رهي تـه سـنڌ کي ڌارين کـان مڪمـل پـاڪ
ڪيو وڃي، ان لاءِ رڳو حڪومت تي پاڙڻ بدران هڪ
قوم جي حيثيت اسان کي به پنهنجون ذميواريــون
ادا ڪرڻ گهرجن.
(ڇپيل: 1 فيبروري 2015ع)

سنڌ دهشتگردن جي اطاعت قبول نه ڪندي

شڪارپور ۾ دهشتگردن جي شرمناڪ ڪارروائي خلاف سنڌ جي ڪروڙين ماڻهن احتجاج ڪري ثابت ڪيو آهي ته هو ڪنهن به انتهاپسند ٽولي کي سنڌ مٿان پنهنجي ايجنڊا مڙهڻ نه ڏيندا. سنڌ جا ماڻهو مذهب، فرقي، نظرئي يا ڪنهن سوچ جي بنياد تي الڳ نه پر هڪ آهن. هو سڀ شيعي، سني، بريلوي، هندو ۽ مسلم ڪان اڳ فقط ئي فقط سنڌي آهن. سنڌ سنڌين جي محبتن جو مرڪز آهي. سنڌ ئي هن ديس جي ماڻهن جي جياپي جي اميد ۽ آسرو آهي. هو ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن به مٿي قرئي دهشتگرد، وحشي ۽ جهنگلي ٽولي جي بندوق جي زور تي اطاعت قبول نه ڪندا. شاهه، سچل ۽

ســامي جي هن ديس جــو ٻچــو ٻچــو وحشــتن جي رڪوالن اڳيان پنهنجو ڪنڌ نـه جهڪائينـدو. پلي لکين ۽ ڪــــــــــــــروڙين ڪنـــــــــــــڌ ڪٽجي وڃن. بم ڌماڪن سان صدين جي تهـذيب رکنـدڙ هن قـوم کي فنا ڪري نه ٿو سـگهجي. هيءَ قـوم مـوهن جي دڙي جيان دٻجي به اوچي رهندي، ارغـونن، ترخـانن ۽ مغلن جــو ناجــائز اولاد پنهنجي ابن ڏاڏن جيــان نيست ۽ نابود ٿي ويندو. شڪارپور ۾ معصوم ماڻهن جي رت مـان جيڪي گلاب ڦٽنـدا، اهي سـڄي سـنڌ مهڪائي ڇڏيندا. سنڌ جو صـوفي تشـخص نـه فقـط برقـــرار رهنـــدو، پـــر هن خطي ۾ امن، رواداري، پائيچاري کي وڌيڪ سگهارو ڪنـدو. ملڪ جي اتـرين علائقن مان پنهنجي ايجنـڊا کـٽي سـنڌ پهتلن کي هن ديس جا ماڻهو شڪست ڏئي تڙي ٻـاهر ڪڍنـدا. هن وطن جـــا ٻچـــا پنهنجي جـــانين جي قربـــاني ڏئي انتهاپســـندن کي پنهنجي مــادر وطن کــان ڌکي ڌار ڪندا. شڪارپور حملو سنڌ جي صـوفياڻي اجتمـاعي شـعور تي حملـو آهي. جنهن جـو مقـابلو ڪـرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ جي مڙني گهڻ گهرن کي گڏجي هنن هچائن مان جند آجي ڪرائڻ لاءِ گڏيل جدوجهـد ڪرڻ گهرجي. ڪنهن به فرقي پرست ٽولي کي هن واقعي جي بنياد تي سنڌ کي ڪنهن ٻئي جهنم ڏانهن ڌڪڻ کـان پاسـو ڪـرڻ گهـرجي. ڇاڪـاڻ تـه هيءُ حملو ڪنهن فرقي يا ان جي مذهبي مقدس جاءَ تي نه ٿيو آهي. پر هي سڄي سنڌ تي وار ڪيو ويو آهي. جنهن جو ڪا هڪ ڪميونٽي نه پر سڄي سنڌ گڏجي مقابلو ڪندي.

شڪارپور واقعي بعـد اهـا ڳالهـه وڌيڪ پـڌري ٿي بيٺي آهي ته سـنڌ کي پنهنجي جنـگ پـاڻ وڙهـڻي پوندي، ان جو ڪوبه پرجهلو نه ٿيندو. ڪوبه سـندس

ڏي نــه ٻڌجنــدو. هنن ڪي پنهنجن پيــارن جــا لاش بــه
اڪيلي ســر کڻڻــا آهن تــه ويــرين ســان ويڙهانــد بــه
هيڪلي ئي ڪــرڻي آهي. چاڪاڻ ته شڪارپور واقعي
بعد سنڌ ڪــان ســواءَ ملڪ جي ڪنهن بــه ڪنــڊ مــان
ڪوبه نڌيرو يا وڏيرو سندن لڙڪ اگهڻ نه آيــو. ڪي
پي ڪــي، پنجــاب ۽ بلوچســتان جي حڪمــرانن ڪي
رسمي ســوڳ جــو اعلان ڪــرن جي بــه خــدا تعــالى
توفيــق نــه بخشــي. ايــتري قــدر جــو وزيــراعظم بــه
ڪـــراچي ۾ هونـــدي پنهنجي ٻچن جـــا جنـــازا ڪڻنـــدڙ
سنڌين جو ڪلهي ڪانڌي نــه ٿيــو. رســمي طــور تي
ملڪ ۾ سوڳ جو اعلان ڪــرڻ جي به حڪمرانن ڪي
توفيق نــه ٿي. ملڪ جي محبت ۾ ڳوڙهــا ڳاڙينــدڙن،
ڌرڻــا هڻنــدڙن ۽ اســلامي اخــوت ۽ پائيچــاري جــون
ڳالهيون ڪندڙن ڪي بــه ســنڌين جي غم ۾ شــرڪت
لاءِ وقت نـــه ملي ســـگهيو. هن ســـانحي تي ملڪي
استحڪام ۽ پائيچــاري جــون ڳــالهيون ڪنــدڙن ســنڌ
ڪي اڪيلو ڪــري ڪين سوچڻ ته مجبور ڪيو آهي تــه
ڇا هو به هن ملڪ جا شهري آهن يا نه؟
(ڇپيل: 2 فيبروري 2015ع)

سنڌ ۾ امن لاءِ ڌارين جي بيدخلي جي ضرورت

سنڌ اسيمبليءَ شڪارپور سانحي خلاف گڏيل مذمتي ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪري ورتو آهي، ميمبرن واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائڻ ۾ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ صوبائي سطح تي انٽيليجنس ادارو قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو. ٺهراءَ ۾ ميمبرن چيو ته شڪارپور واقعو قومي سانحو آهي، شهيدن جي معاوضي ۾ واڌ ۾ زخمين کي بنا دير معاوضو ڏنو وڃي. ٺهراءَ ۾ مطالبو ڪيو ويو ته سنڌ ۾ حفاظتي قدم سخت ڪرڻ ۾ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ صوبائي سطح تي انٽيليجنس ادارو قائم ڪيو وڃي. اسيمبلي ميمبرن،چيف جسٽس آف پاڪستان کان پاڻمرادو نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪندي چيو ته شڪارپور واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي. ميمبرن سنڌ ۾ افغانين ۾ ٻين پرڏيهين جي وڌندڙ آبادڪاري تي ڳڻتي جو اظهار پڻ ڪيو. ميمبرن ان ڳالهه تي به ڏک جو اظهار ڪيو آهي ته وزيراعظم ۾ گهرو وزير جي ڪراچي ۾ موجودگي باوجود متاثرن سان رابطو نه ڪرڻ افسوسناڪ آهي. امتياز شيخ مطالبو ڪيو ته

چيف جسٽس معاملي جو پاڻمرادو نوٽيس وٺي واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وجي. هن اهو به مطالبو ڪيو ته سنڌ حڪومت شهيدن جي وارثن لاءِ معاوضو وڌائي 50 لک رپيا ڪري ۾ سندن پوئنرن کي سرڪاري نوڪريون ڏئي. نصرت سحر عباسي چيو ته شڪارپور واقعي کان 3 ڏينهن اڳ ڌمڪي وارا پمفليٽ ورهايا ويا، پر ان باوجود امام بارگاهه تي سڪيورٽي نه ڏني وئي رڳو هڪ پوليس اهلڪار مقرر ڪيو ويو. هن چيو ته صحت کاتي ۾ پرتي ٿيل ڊاڪٽر پرڏيهه ۾ ملازمتون ڪري رهيا آهن،جڏهن ته صحت کاتي ۾ ڪرپشن به دهشتگردي آهي. اپوزيشن ليڊر شهريار مهر چيو ته شڪارپور ۾ ڏوهارين ۾ مذهبي انتهاپسندن ۾ ڳٺ جوڙ ٿي چڪو آهي.

شڪارپور ۾ جن جنونين رت جي راند ڪئي سنڌ جي ماڻهن انهن جنونين جا پيرا ڪٽي سندن ٺاڪن ۾ وٺاڻن کان اڳ به حڪمرانن کي آگاهه ڪيو هو ۾ هاڻي به چون ٿا ته پيلي سنڌ ۾ پهتل ڏارين جون لوڏون ئي سنڌ کي ساڙي پسم ڪرڻ گهرن ٿيون. انهن آڏو بند ٻڌو. هاڻي اها ڳالهه ڪنهن کان به لڪل ڪونهي ته شڪارپور ۾ ڌماڪا ڪندڙن جي پيرن جا نشان سوات ۾ وزيرستان ۾ وڃي دنگ ڪن ٿا. اسان کي بارود جي باهه ۾ ساڙيندڙ اهي ماڻهو آهن جن کي اسان جي حڪمرانن ملڪي پائيچاري جي نانءُ تي اسان مٿان مڙهيو آهي. خود سنڌ حڪومت جي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سنڌ مان جيڪي به دهشتگرد بارود سميت سوگها ڪيا آهن، انهن جو تعلق ملڪ جي اترين علائقن ۾ خاص ڪري سوات، وزيرستان ۾ پنجاب سان ٻڌايو ويو آهي ته پوءِ اها عجيب ڳالهه چئبي جو هر ڌماڪي

بعد حڪمران وڏي نڪ جي پڪائي سان جاچ جو حڪم ڏيندا آهن. اصل ۾ جاچ ان ڳالهه جي ٿيندي آهي، جيڪا لڪل هجي، جنهن جو ڪو کر ۽ پير نه ملندو هجي. پر هتي ته سڀ ڪجهه پڌري پٽ پيو آهي ته پوءِ سنڌ کي سلامت رکڻ ۽ هتان جي ماڻهن جون حياتيون بچائڻ لاءِ تڪڙا اپاءُ ڇو نه ٿا ورتا وڃن. سنڌ جا ماڻهو بم ڌماڪن ۾ ملوث ماڻهن خلاف اثرائتي ڪارروائي نه ٿيڻ تي ان راءِ جا آهن ته سنڌ کي هٿ وٺي پنهنجي سيڪيولر سوچ جي سزا ڏني پئي وڃي، هن ديس جي ماڻهن کي پنهنجا حق گهرڻ تي مذهبي جنونيت جا پوت بچايا پيا وڃن. شڪارپور سانحو سنڌ جي ماڻهن لاءِ به سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ جا نوان سامان ڪٺي آيو آهي. هتان جي ديس ڌٽين کي هاڻي پنهنجي وطن جي سلامتي لاءِ سڀ لاڳاپا لاهي اڳيان اچڻو پوندو. سنڌ ۾ ان معاملي تي ڪي به ٻه موقف ناهن ته سنڌ ۾ بدامني، جنونيت ۽ دهشتگردي ۾ ٻاهران آيل ماڻهو ملوث آهن. اسان هيل تائين ڇڙوڇڙ نموني مختلف پارٽين جي الڳ الڳ پليٽ فارمن تان اها جدوجهد ڪئي آهي ته سنڌ کي ڌارين کان پاڪ ڪيو وڃي. پر هاڻي خطرا اسان جي سر مٿان لامارا ڏئي رهيا آهن. اڄ شڪارپور کي گهايو ويو آهي، سڀاڻي حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي سان به ساڳي ويڌن ٿيڻ جو انديشو موجود آهي. پوءِ ڇو نه هاڻي کان ئي اسان کي هڪ ٿي جدوجهد لاءِ سندرا ساهڻ گهرجن.

(ڇپيل: 3 فيبروري 2015ع)

سنڌ جي وجود کي خطرا

کنهن به معاشري جي اندر جيڪڏهن سماجي معاهدو ڪمزور يا بي اثر ٿي پوي ته اهو معاشرو تنزلي ۽ ويڳاڻپ جو شڪار ٿئي ٿو. هي سماجي معاهدو فردن ۽ رياست ٻنهي لاءِ اهم ٿئي ٿو ۽ ان جي پاسداري فردن ۽ رياستن ٻنهي جي ذميداري آهي. اڄ جيڪڏهن نظر ڊوڙائجي ته خبر پوي ٿي ته اسان جو سماج هن معاهدي کان وانجهيل آهي، ڪو ته فرد پنهنجي ذميداري کڻڻ لاءِ تيار نه آهي، رياست ته هوندئن ئي کوکلي ۽ ويڳاڻپ جو شڪار آهي، ان ڪري اها پنهنجي اهڙي صورتحال ۾ عام فرد جو ڪردار ۽ اهميت معاشري جي بقا لاءِ اهم آهن پر اسان جي سماج ۾ عام ماڻهو به پنهنجي فرد ۽ ڪردار کان وانجهيل ۽ اڻ ڄاڻ آهن. اڄ اسان سماجي تنزلي جي ان حد تي اچي بيٺا آهيون. جو اسان ترقي ۽ خوشحالي ۽ برابري جهڙا لفظ صرف ڪتابن ۾ لڀن ٿا، سماجي برائيون جهڙوڪ جهالت، حسد، ناانصافي، حقن جي پائمالي ۽ عورت جي تذليل اسان وٽ گهر ڪري چڪيون آهن، قبائلي جهيڙا، ڦرون، اغوا، ڌاڙا، ڪاروڪاري ۽ اسڪولن جون ويرانيون، سياسي دولاب ۾ ٺڳيون روز جو معمول بڻيل آهن، انهن سڀني برائين جو ڪارڻ فردن ۽ رياست جو سماجي معاهدي تان هٽڻ ۽ پنهنجا فرض نڀائڻ نه آهي.

اسان جي رياست عملي طور تي ويڳاڙپ جو شڪار آهي ته عام ماڻهو پنهنجي ذميدارين کان اڻواقف آهي، هن بي حسي جو ادراڪ جيڪڏهن جلد نه ڪيو ويو ته اسان جي وجود کي خطرا لاحق ٿي سگهن ٿا هونئن به حقيقت پسندي جي تناظر ۾ ڏٺو وڃي ته اسان گهڻو ڪجهه وڃائي چڪا آهيون، اسان جا پنهنجا قدرتي وسيلا، پنهنجا شهر ۽ پنهنجيون حڪومتون اسان جي هٿن کان نڪري چڪا آهن. پاڻي لاءِ سڪندڙ درياءَ جي هڪ ٻوڏ اسان جي هزارين خاندانن کي دربدر ڪري پناهگيرن وانگر رهڻ تي مجبور ڪري چڪي آهي، اسڪول اوطاقون بڻيل آهن ته استاد ڪمداري ۾ خوش آهن، مڪتب ويران ۽ هوٽلون آباد آهن، معمولي ڳالهه تي جهيڙا ڪنڌارپ ۽ خون ڪرڻ کي غيرتمندي جو نالو ڏنو ويو آهي.

سنڌ ۾ اڄ مذهبي انتهاپسندي جيڪا صدين تائين اسان کان دور هئي پڻ اسان ۾ گهر ڪري چڪي آهي. اهڙي صورتحال ۾ ضروري آهي ته معاشري جي فردن کي پنهنجي ذميدارين کان آگاهه ڪيو وڃي، فرسوده ۽ ناڪاره بڻيل سماجي معاهدي بدران هڪ نئون سماجي معاهدو آندو وڃي، رياست کي اهو احساس ڏياريو وڃي ته اسان کي اسان جي حقن تي جائز مالڪي تسليم ڪئي وڃي. تعليم ۽ ترقي جي رستن تي اسان جو جائز حق مڃيو وڃي تعليمي ادارن ۾ آندل بگاڙ، امن امان جي خراب صورتحال ۽ بنيادي سهولتن جي اڻاٺ کي فورن ختم ڪيو وڃي ته جيئن فردن کي پنهنجيون ذميداريون پوريون ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي، هن نئين معاهدي تحت رياست جي ڏنل جائز حقن جي نتيجي

۽ فـرد بـه سـهپ برداشـت، تـرقي پسـندي روشـن
خيالي ۽ جرات پسندي جو مظاهرو ڪندو.

اسان سماجي معاهـدي ڪي بگـاڙي اجتمـاعي
سوچ ڪي ڇڏي انفرادي ۽ گروپ بندي جا شڪار ٿي
ويا آهيون، اسان وٽ انجمن، سادات، اتحاد، سنگت،
بلوچ ۽ ڄـام گـروپ جهـڙن تنظيمن اسـان ڪي ذات
پات ۽ برادري جي رستي تي بند ڪــري ڇــڏيو آهي،
هن عام مسئلن جو حل هڪ نئين سـماجي معاهـدي
۾ ئي سمايل آهي، اسان ڪي پنهنجي عوام ۾ شـعور
پيدا ڪرڻو پوندو، هتي هڪ سوال اهو به پيدا ٿئي ٿـو
ته هن نئين سماجي معاهـدي جـو خـاڪو ڪـير تيـار
ڪندو، ان جا پڙ بنياد ڪـير ٻڌائينـدو. ان لاءِ ضـروري
آهي ته اسان کي پنهنجي صوفي بـزرگن جي ميعـام
مان رهنمائي حاصل ڪرڻ گهرجي. شاهه، سـچل ۽
ساميءَ جي پيغام کي عام ڪري ان تي عمل ڪـري
پنهنجو پاڻ کي جاڪوڙي، جدت پسند ۽ پڙهيـل لکيـل
ڪــري پنهنجي حقن جي حاصــلات لاءِ جــان بــازي
لڳائڻي آهي، هن نئين سماجي معاهــدي تحت ڪنهن
به فرسوده رسـم جهـالت، ناانصـافي، ڪاروڪـاري،
حق تلفي ۽ لچائپ جي اسان وٽ ڪا به گنجائش نه
هجڻ گهرجي، ان ۾ ئي اسان جي ڀلائي ۽ بقـا آهي.
سـنڌ ۾ وڌنـدڙ مـذهبي انتهاپسـندي آڏو بنـد ٻـڌڻ
گهرجن. ڇاڪاڻ ته ٻاهريون فرسـوده ڪلچـر اسـان
جي ريتن، رسمن، سـامجي قـدرن کي تباهـه ڪـرڻ
طرف اڳتي وڌي رهي آهي. جنهن آڏو بنـد ٻـڌڻ جي
ضرورت آهي. ان لاءِ اسان سڀني کي پنهنجو پنهنجو
ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

(ڇپيل: 4 فيبروري 2015ع)

سنڌ جو دهشتگردنۡ کي نياپو

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان کهي آيل ڌرتي ڌڻين شڪارپور پهچي، اتان جي دهشتگردي سبب متاثر مائرن، ڀينرن، ڀيئرن ۽ ڀائرن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو آهي ۽ ساڻن هن ڏک ۾ شريڪ ٿيندي، بزل ۽ بي رحم انتهاپسند ٽولن کي پيغام ڏنو آهي ته سنڌ جا ماڻهو سندن بندوق جي زور تي اطاعت قبول نه ڪندا. هوشو، هيمون، روپلي، دودي، دولهه دريا خان ۽ شاهه عنايت شهيد جيان پنهنجي جان ته گهورينداِ، پر دهشتگردن اڳيان گوڏا نه کوڙيندا. شاهه، سچل، سامي ۽ شيخ اياز جي فڪر جا وارث سنڌ جي ڪنهن به ڪنڊ کي وانا يا وزيرستان بڻجڻ نه ڏيندا.

شڪارپور ۾ دهشتگردي جي هيءَ ڪارروائي ڪا اوچتو عمل ۾نه آئي هئي، نه وري ڪو حادثو هيو. پر اهڙي دهشتگرديءَ جا انديشا ان ڏينهن کان موجود هئا، جنهن ڏهاڙي سنڌ جي ڌرتي تي ڀهريون ڌاريون ماڻهو داخل ٿيو هو. سنڌ واسين جا ڏوهه ته ان ڏينهن کان ڏکي رهيا هئا، جنهن ڏهاڙي سنڌ حڪومت جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ افغانستان کان آيل افغان پناهگيرن کي ڪراچيءَ سميت سنڌ جي ٻين شهرن ۾ آباد ڪرڻ جا سانباها ڪيا هئا، جڏهن اسان جي معيشت جي مرڪزي شهر ۾افغانين جون بستيون آباد ٿيون هيون ته ڌرتي ڌڻين ان سچي عمل کي سنڌ جي امن کي اماڙيون بچائڻ جي هيبتناڪ سازش قرار ڏنو هو. افغانين جي سنڌ ۾ آمد بعد هتان جا ماڻهو ڀهريون ڀيرو ڪلاشنڪوف

ڪلچر ڪان واقف ٿيا هئا. ڪابل ۾ قنڌار ۾ اسـتعمال
ٿيل بارود سرحدون ٽـپي پٽـائي جي امن واري ديس
کي گهـائڻ شـروع ڪيـو هـو، اسـان سـنڌ جـا مـاڻهو
جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا واري دور کـان وٺي
مسلسل اهي دانهون ڪنـدا رهياسـين تـه پيلي سـنڌ
جون سرحدون تاتارين، چنگيز خان ۾ مدد خــان جي
پــوئلڳن لاءِ نــه کوليــو، درنــدن ۾ وحشــين جــا اهي
لشڪر ماضيءَ وانگر سـنڌ کي سـاڙي پسـم ڪـري
ڇڏيندا، پر محڪوم بڻايل ماڻهن جي دانهن تي ڪنهن
به ڌيان نه ڏنو. پوءِ دنيا ڏٺو تـه سـنڌ سـميت سـڄي
ملڪ جا شهر ۾ وسنديون بارود سان واسجي ويون.
اسـان پنهنجن پيـارن جي ڪفن دفن ۾ مصـروف ٿي
وياسين.
جڏهن سـوات ۾ مالاڪنـڊ ۾ مـذهبي جنـونيت
خلاف فوجي آپريشن شروع ڪيو ويو ته ان وقت به
سنڌ جون سرحدون پناهگيرن جي ڪٽڪن لاءِ کـولي
امن ۾ رواداري واري ماحول کي سوليءَ تي چاڙهڻ
جا سنباها ڪيا ويا. سنڌ جي مـاڻهن دانهـون ڪيـون،
مظـاهرا ڪيـا، بـک هڙتـالون ڪيـون پـر اسـان جـا
حڪمران مهمان نوازيءَ جي نالي بدامني جا ڪوليـل
در بند ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيا. ڪي پي ڪي صـوبي جي
پهاڙن مان آيل پناهگير نه فقط سنڌ ۾ داخـل ٿيـا پـر
هنن پاڻ سان گڏ دهشت ۾ ڌهڪاءَ جا سـپ سـامان
هڙن ۾ ٻڌي آندا. لڪين سـواتين ۾ مالاڪنـڊين سـان
گڏ اهي دهشتگرد بــه منهنجي ڌرتيءَ تي پهچي ويـا،
جيڪي فوجي آپريشن بعد محفوظ هنـڌ جي تلاش ۾
هئا. حڪمـرانن سـوات ۾ مالاڪنـڊ کي تـه محفـوظ
بنـائڻ تي شـادمانا ملهايـا پـر انهن ان ڳالهــه ڏانهن
قطعن ڌيـان نـه ڏنـو تـه اهي وحشـي ۾ درنـدا سـنڌ
ديس ۾ کهـڙا اڇي هاڃـا ڪنـدا. اسـان سـوات ۾

مالاکنڊ کي محفوظ بنائڻ تي ارها نه هياسين پر ان امن جي قيمت تي منهنجي ديس کي ساڙڻ جا جيکي سانباها کيا ويا. ان ڏانهن اسان جي حکمرانن کو به ڌيان نه ڏنو. کراچي، حيدرآباد □ سکر جي معصوم ماڻهن کي جيئندان ڏيڻ لاءِ کي به اپاءُ نه ورتا ويا. اڄ اسان حکمرانن جي سنڌ دشمن پاليسين جو نتيجو ڏسي رهيا آهيون. شکارپور سانحي جا جيترا ذميوار دهشتگرد آهن، اوترا اهي حکمران به آهن، جن سنڌ جون سرحدون کولي سندن هن ڌرتي تي استقبال کيو هو.

(چپيل: 5 فيبروري 2015ع)

دهشتگردن جا حامي ملک جا خير خواهه ٿي نه ٿا سگهن

ملڪ جي قبائلي علائقن خاص ڪري وزيرستان ۾ جڏهن فوج طرفان طالبان خلاف آپريشن ڪيو ويو هو ته طالبان دهشتگردن جي سنڌ ۾ آمد ۾ وڏيڪ اضافو ٿيو. ان ئي وقت سنڌ جي ماڻهن اهو مطالبو ڪيو هو ته سنڌ ۾ دهشتگردن جي آمد کي روڪڻ لاءِ سنڌ جون سرحدون سيل ڪري پوليس ۾ رينجرز مقرر ڪري قبائلين کي سنڌ اچڻ نه ڏنو وڃي. ڇاڪاڻ ته هن کان اڳ به سوات ۾ آپريشن ڪانپوءِ اتان هزارين ماڻهن سميت دهشتگرد پڻ سنڌ منتقل ٿي ويا هئا، ان ڪري هاڻ اترين علائقن ۾ به فوجي آپريشن ڪيو پيو وڃي ۾ اتان به طالبان دهشتگردن جي ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اچڻ جو خدشو آهي، ان ڪري سنڌ جون سرحدون سيل ڪيون وڃن. سنڌ جون سرحدون اوباوڙو، جيڪب آباد، شهدادڪوٽ ۾ ٻين هنڌن تان سيل ڪري اتي پوليس ۾ رينجرز جون چوڪيون قائم ڪيون وڃن ۾ سنڌ ۾ قبائلي علائقن جي ماڻهن کي داخل ٿيڻ نه ڏنو وڃي، اينڊڙ وينڊڙ ماڻهن جي سخت چڪاس ڪئي وڃي، سپر هاءِ وي سان به فورسز جون چوڪيون قائم ڪيون وڃن، جڏهن ته ڪراچي ۾ موجود افغانين ۾ ٻين ڌارين جي آبادين جي سخت نگراني ڪئي وڃي ۾ ڌارين کي هڪ هنڌ رهڻ نه ڏنو وڃي، انهن جون آباديون وڌڻ نه ڏنيون وڃن.

سنڌ جي عوام جي ان مطالبي تي سنڌ سميت وفاقي حڪومت ڪوبه ڌيان نه ڏنو. جنهن سبب دهشتگرد سنڌ ۾ نه فقط ايندا رهيا، پر هنن هتي پنهنجي نيٽ ورڪ کي مضبوط ڪري ورتو. خود سنڌ حڪومت تسليم ڪري ٿي ته ڪراچي ۾ 35 لکن کان وڌيڪ ماڻهو غير قانوني طور ترسيل

آهن، جيڪي ڏوهن ۾ به ملوث ثابت ٿيا آهن. ڪجهه وقت اڳ هڪ اجلاس ۾ وڏي وزير سنڌ جي سمورن ايس ايس پيز کي هدايت ڪئي هئي ته هو پنهنجن پنهنجن ٿاڻن جي حدن ۾ ڌارين ماڻهن تي ڪڙي نگاهه رکن ۽ انهن جي رجسٽريشن لاءِ حد جي ايس ايچ او کي ذميوار ڪيو وڃي. پر ان تي به ڪو عمل نه ٿيو، جنهن سبب وزيرستان ۾ پين علائقن مان ايندڙ دهشتگردن جي ڪابه رستا روڪ نه ٿي سگهي.

سنڌ واسين طالبان دهشتگردن خلاف جنگ جي ان ڪري حمايت ڪئي هئي جو جيڪي رهزن اسان جي ٻچن جا قاتل آهن، جن اسان جي هر گهر ۾ تڏو وڇرايو آهي، سنڌي مائرن، ڀينرن ۽ ونين جي اکين ۾ لڙڪ آندا آهن، ملير، ٿر، ڪارونجهر، ڪاڇي، ٻڪي ۽ ڪڇي جا ماڻهو انهن کي ڪيئن ٿا پنهنجو دوست ۽ ڀاءُ سمجهي سگهن. سنڌ جا ماڻهو ته ان ڏينهن کان انهن دهشتگردن جا مخالف هئا، جڏهن آمريڪا ۽ پاڪستان سميت سعودي حڪمرانن اڳوڻي سوويت يونين سان نام نهاد جهاد لاءِ انهن کي مچائي مهوڙ ڪري ميدان تي لاٿو هو. اسان ته ان وقت به ملڪ جي مڙني ماڻهن کي خبردار ڪري رهيا هئاسين ته آمريڪي جنگ لاءِ جن دنيا جهان جي رهزنن کي هتي تاتي نپائي مهوڙ ڪيو پيو وڃي. اهي اڳتي هلي سنڌين، پنجابين، بلوچن ۽ پناڻن جا ڪنڌ لڻندا. اهي رهزن اسان جي درسگاهن ۾ پڙهندڙ معصوم نياڻين جو رت وهائيندا، معصوم ٻارن ۽ نياڻين کي چورو چنو ڪندا. سندن سر تان ماءُ ۽ پيءُ جو شفقت ڀريو هٿ هٽائيندا. منهنجي سنڌ کي رت ۾ وهنجاريندڙ دهشتگرد ڪنهن به رعايت جا مستحق ناهن، ساڻن پاڻپي ۽ برادريءَ جو

نـاتک رچائينـدڙ کنهن بـه طـرح هن ملک جـا خـير خواهه ٿي نه ٿا سگهن. سنڌ حکومت بنا کنهن ديـر جي سـچي سـنڌ طالبــان دهشــتگردن خلاف بي رحم آپريشــن جي شـروعات کــري. خـاص کــري کراچيءَ انهن جي محفوظ پناهه گاهن جو خـاتمو آندو وڃي. سـوات، وزيرسـتان ٻين اتـرين علائقن کان سنڌ آيل پناهگيرن کي هکــدم پنهنجن علائقن ڏانهن واپس کري. ان سان سنڌ کي محفوظ بڻـائي سگهجي ٿو.

(ڇپيل: 6 فيبروري 2015ع)

ٿر کول پراجيکٽ مقامي ماڻهن جا خدشا

سنڌ جي سجاڻ ڏرين ٿر ڪول ايريا متاثر ٿيندڙ مقامي ماڻهن جي خدشن کي ختم ڪرڻ ري سيٽلمينٽ پاليسي واضح نه ڪرڻ تائين ڪوئلي جي هلندڙ کوٽائي کي عالمي قانون موجب غيرقانوني غير انساني عمل قرار ڏنو آهي. ڌرتي ڌڻين گهر ڪئي آهي ته ٿرڪول ايريا ايندڙ زمين ملڪيتن کي لينڊ ايڪيوئيشن ايڪٽ جي تلوار لٽڪائي پڳڙن مٺ عيوض ڪمپنين حوالي ڪرڻ بدران ليز تي ورتو وڃي ري سيٽلمينٽ پاليسي جي ڊرافٽ عوام جي حقن جي تحفظ کي يقيني بڻائي ان کي عوام آڏو پڌرو ڪيو وڃي. ساڃاهه وندن اها به گهر ڪئي آهي ته ٿر ڪول پراجيڪٽ مقامي ماڻهن کي ترجيحي بنيادن تي روزگار ڏيڻ سان گڏ عالمي قانون موجب ماحولياتي اثرن بابت سروي ڪرائي ان جي بچاءُ کي يقيني بڻايو وڃي. تازو اسلام ڪوٽ مقامي سماجي تنظيم گليڪسي ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن پاران ٿر جي ڪوئلي سبب ٿيندڙ ترقي، اثر خدشا جي عنوان هيٺ ڪوئايل سيمينار اهڙا مطالبا ڪيا ويا آهن.

سنڌ جي ماڻهن کي ماضيءُ جي تجربي سبب اهي خدشا آهن ته ذوالفقار آباد ٿرڪول جهڙن منصوبن جي پردي پويان مقامي ماڻهن کي بيدخل ڪرڻ جي سازش سٽي وئي آهي. چاڪاڻ ته سنڌ جي سمورن ميگا منصوبن سبب متاثر ٿيندڙ عوام اڃان تائين دربدر آهي. ٿر جي عوام پڻ ترقي جي نالي پنهنجي ڌرتي تان بيدخل ٿي سگهي ٿو. حڪومت جون پاليسيون واضح نه هجڻ ڪري ٿر جو عوام خدشن جو شڪار آهن، اهي خدشا وقت بوقت حڪومت اڳيان مختلف صورتن آندا ويا آهن، پر ان جو ڪوبه نوٽيس نه ٿو ورتو وڃي. ان

ڪري حڪومت ڪي ٿرڪول ايريا جي متاثرن جي مستقل آبادڪاري سندن حقن جي تحفظ لاءِ پاليسي واضح ڪرڻي پوندي. ماهرن موجب ٿر جي ڪوئلي جي معاملي تي سنڌ حڪومت جو تيار ٿيل ري سيٽلمينٽ پاليسي وارو ڊرافٽ مايوس ڪندڙ آهي جيڪو متاثر ٿيندڙ آبادي جي حقن جو تحفظ نٿو ڪري سگهي..

سنڌ سان هي هڪ وڏو الميو رهيو آهي ته سنڌ کي معدني وسيلن تي حقيقي مالڪي نه ٿي ڏني وڃي ٿي. اڄ به توهان ڏسندو ته ٿر جي ڪوئلي جي حوالي سان اسلام آباد مان هدايتون جاري ٿين ٿيون. وفاق ڪجهه ماڻهو اهڙا به آهن، جن ٿر جي ڪوئلي تي ٿيندڙ ڪم کي رولڙي جو شڪار بڻايو آهي. ٿر جي ڪوئلي جي پروجيڪٽ جي حوالي سان ڪروڙين روپيه خرچ ٿي چڪا آهن، پر 19 سالن ڪوبه نتيجو نه نڪري سگهيو آهي. ٿر جي ڪوئلي تي سست رفتاري سان هلندڙ ڪم جي حوالي سان ڪڏهن مالي مسئلن جو عذر ڄاڻايو ٿو وڃي ته ڪڏهن جاپان سونامي اچڻ جديد مشينون نه ملڻ جو عذر ڄاڻايو ٿو وڃي ته ڪڏهن وري وفاق ويٺل ڪاموري، آفيسرن ٽيڪنوڪريٽ کي ذميوار قرار ڏنو ٿو وڃي ته اُهي ٿر جي ڪوئلي جي ڪوتائي واري عمل رڪاوٽ بڻيل آهن. هن وقت صورتحال اها آهي جو ٿر جي ڪوئلي تي ڪم ڪندڙ ادارا انهن ويٺل ماڻهو (آفيسر) ٿر جي ڪوئلي تي ٿيندڙ ڪم متعلق ڪجهه ٻڌائڻ کان لنوائي رهيا آهن. انهن مان ٿلهي ليکي سمجهڻ گهرجي ته ٿر جي ڪوئلي جي ڪوتائي واري عمل ڏريون رڪاوٽ بڻيل آهن

هن وقت سڄي ملڪ ۾ توانائي جو بحران آهي، جمهوري حڪومت جي قيام ڪانپوءِ ماڻهن ۾ هڪ اها اُميد جاڳي هئي ته موجوده جمهوري حڪومت پنهنجي 5 سالن جي عرصي ۾ توانائي جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪا سگهاري رٿابندي ڪندي. پر افسوس ٿو ٿئي ته موجوده جمهوري حڪومت توانائي جي بحران جو ڪو مستقل حل نه ڪڍي سگهي آهي. جيڪڏهن حڪومت ۾ ٿر جي ڪوئلي جي ڪوٺائي ۾ استعمال جي حوالي سان سگهارا قدم کنيا وڃن ها ته ملڪ ۾ هن قسم جو توانائي بحران نه هجي ها. ٿر جي ڪوئلي مان بجلي جي پيداوار 2012ع تائين ممڪن ٿي سگهندي يا نه، ٿرڪول پراجيڪٽ ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ملندو يا نه؟ ٿرڪول پراجيڪٽ جي حوالي سان متاثر ٿيڻ لاءِ ڪجهه ٿي سگهندو؟ جيڪي ماڻهو لڏپلاڻ ڪندا اُنهن کي متبادل اجها ڏنا ويندا يا نه؟ هي اهڙا سوال آهن جن جا جواب ڪٿان به ملندي نظر نٿا اچن. جڏهن سنڌ حڪومت سمجهي ٿي ڪوئلو سنڌ جي ملڪيت آهي ته سنڌ جي هن اهم وسيلي کي استعمال ۾ آڻڻ ۾ ڪوئلي تي ٿيندڙ ڪم تي سنڌ حڪومت کي سنجيدگي سان غور ڪرڻ گهرجي. ٿر جي ڪوئلي جي بدلي مقامي ماڻهن کي ڇا ملندو، ڪوئلي جي بدلي ۾ سنڌ کي سندس ڪمائي جو ڪيترو حصو ملندو؟ ڪوئلي مان ملندڙ رقم ٿر تي ڪيتري خرچ ٿيندي؟ ٿرڪول پراجيڪٽ جي حوالي سان جوڙيل انفرا اسٽرڪچر ڪڏهن مڪمل ٿيندو؟ انهن سمورن نقطن جي حوالي سان هڪ واضح پاليسي منظرعام تي آڻڻ گهرجي؟

(ڇپيل: 7 فيبروري 2015ع)

بلديا سانحو ۾ عوام جا ڏکندڙ ڏوهه

ڪراچي ۾ بلديا ٽائون ۾ فيڪٽري کي باهه ڏئي اڍائي سو ماڻهن کي زندهه ساڙي مارڻ وارن انڪشافن ملڪ جي مڙني ماڻهن کي سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو آهي. ماڻهو سوچڻ ته مجبور آهن ته ڇا پيٽ خاطر ايتري درندگي به ٿي سگهي ٿي. سنڌ رينجرز سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرايل هڪ جاچ رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته هڪ جوابدار پنهنجي ساٿين سميت فيڪٽري کي پتي نه ڏيڻ تان ڪيميڪل هاري ساڙي ڇڏيو. جنهن سبب اڍائي سو ماڻهو سڙي ڪوئلو ٿي ويا. ان ظالم ۽ سفاڪ جوابدار الزام هنيو آهي ته ان هيءُ عمل هڪ سياسي پارٽي جي چوڻ تي ڪيو. جڏهن ته اهڙي الزام بعد ايم ڪيو

ايم رابطا ڪميٽي پاران هڪ بيان ۾ انهيءَ ڳالهه جي سختيءَ سان ترديد ڪندي چيو ويو آهي تـه رضـوان قريشـي نـالي همراهـه جي حـوالي سـان ميـڊيا ۾ اطلاع اچي رهيو آهي ته ڇاٽايل همراهه بلديه تـائون جي فيڪٽري ۾ باهه ڏيڻ جي واقعي ۾ ملـوث آهي. جـڏهن تـه انهيءَ جـو ايم ڪيـو ايم سـان پـري پـري تائين ڪوبه تعلق ناهي. رابطا ڪميـٽي چيـو آهي تـه ايم ڪيو ايم جي ڪارڪنن جـو انـگ لکن ۾ آهي، اُن ۾ ڪوبه شامل ٿي پنهنجـو پـاڻ کي ڪـارڪن ظـاهر ڪري سگهي ٿو. رابطا ڪاميٽي موجب ايم ڪيو ايم ۾ دهشتگرد، ڀتا خـور ۾ ڏوهـاري لاءِ زيـرو ٽولـيرنس آهي. رابطا ڪميٽي حڪومت کان مطالبو ڪيــو آهي ته بلديه ٽائون سـانحي ۾ ملـوث وحشـي ظـالم کي آئين ۾ قـانون مـوجب بلديـه ٽـائون جي چـوڪ تي ڦاهي ڏني وڃي.

بلـديا سـانحي بـابت نـوان انڪشـاف اچڻ تي ملڪ جي سياسي قيادت طرفـان مطـالبو ڪيـو ويـو وڃي ته هن قتل عام ۾ ملوث ڌرين ۾ جوابدارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻي عبرتناڪ سـزا ڏني وڃي. تحـريڪ انصـاف جي چيـئرمين عمـران خـان، بلـديا فيڪـٽري سـانحي بـابت جي آءِ ٽي جي رپـورٽ کي افسوسـناڪ قـرار ڏينـدي چيـو آهي تـه سياسـي جماعتن جـون ويڙهـاڪ ۾ ڀـتي خـور ونگـز ختم ٿيڻ گهرجن. عمران خـان چيـو تـه بلـديا ٽـائون سـانحي بابت جي آءِ ٽي جي رپـورٽ تي ڪيس صـدمو رسـيو آهي، يقين نٿو اچي ته ڀتـو نـه ملڻ جي ڪـري ڪـير ايـڏي ڦهـري ڪـارروائي ڪـري سـگهي ٿـو. هن جـو وڌيڪ چوڻ هو ته بيحس حڪمرانن وٽ عام مـاڻهوءَ جو ڪو به قدر ناهي. ٻئي طـرف جمـاعت اسـلامي جي سربراهه سراج الحق چيو آهي تـه بلديـه ٽـائون

فيڪٽري بابت رپورٽ حڪومت لاءِ امتحان آهي، اهـا ڪـارروائي سياسـي پـارٽي نـه ٿي ڪـري سـگهي، سياسي مـاڻهو ڪـڏهن بـه انسـان کي جيـئرو نـاهن سـاڙيندا. هن چيـو تـه بلديـه ٽـائون سـانحي جي ذميوارن کي پڌرو ڪيو وڃي، جيڪـا بـه پـارٽي ان □ ملوث آهي، ان بابت عوام کي آگاهه ڪيو وڃي. جي آءِ ٽي □ ايم ڪيـو ايم جـو نـالو اچڻ حڪـومت لاءِ امتحان آهي، سـانحي جـا متـاثر انتظـار پيـا ڪن تـه وزيـراعظم ڇـا ٿـو ڪـري. هن چيـو تـه دهشـتگرد دهشتگرد هونـدو آهي، ان جـو تعلـق ڪنهن مـذهب، فرقي يا نسل سان جوڙڻ غلط آهي، ڪابه سياسـي پارٽي ايڏي وڏي تعداد □ ماڻهن کي ساڙي مـاري نـه ٿي سگهي. سراج الحق جـو چـوڻ هيـو تـه ڪـراچي شهر وڏين ڏکيائين مـان گـذري رهيـو آهي 24 هـزار ماڻهن کي ماريو ويو آهي پر هڪ بـه قاتـل کي سـزا نـاهي ڏني وئي. سـيپٽمبر 2012ع تي ڪـراچي جي بلـديا وسـنديءَ □ ڪـپڙي جي فيڪـٽري □ باهـه لڳڻ سبب 289 پورهيت □ ملازم سڙي رک ٿي ويـا هئـا □ 600 کان مٿي زخمي ٿيا هئا. اهو واقعو ملڪ جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي فـوت ٿي وڃڻ واري ڏينهن ٿيو هئو. واقعي لاءِ بنا دير به سبب ٻـڌايا ويا هئا. هڪ، فيڪٽري □ بجلي جي شـارٽ سـرڪٽ سبب اها باهه لڳي □ ڪپڙن کي وڪوڙي ويـئي. ٻيـو تـه فيڪـٽري □ بـوائلر ڦـاٽڻ سـبب اهـا باهـه لڳي. جيڪي ڳالهيون وقت غلط ثابت ڪيون رينجرز پاران لکت □ پيش ڪيل رپورٽ □ اهو به چيو ويو آهي تــه پوليس مفاهمت سبب انهن واقعن تي پردو وجهندي رهي آهي. ان بابت سنڌ پوليس کي پنهنجي پوزيشن واضح ڪـرڻ گهـرجي. ان سـان گـڏ وفـاقي □ سـنڌ حڪــومت کي بــه هن معــاملي تي روايــتي چشــم

پوشي ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي. معاملي جي بي ريا جاچ ڪري اچا ڪارا پڌرا ڪرڻ گهرجن. فيڪٽري مالڪن کي ٻڌائڻو پوندو ته هنن ڪان پتو ڪنهن گهريو هو.

(چپيل: 8 فيبروري 2015ع)

قومي حقن ڪان انڪار سبب بحران

پاڪستان □ ننڍين □ پوئتي پيل قومن جون شڪايتون دور ڪرڻ □ کين زندگي جي هر ميدان □ انصاف ڏيڻ □ خوشحالي جي رستي تي آڻڻ لاءِ ڪي بنيادي انقلابي تبديليون آڻيون پونديون. اهي پاڻ نه ايندیون، پر انهن لاءِ ننڍين صوبن جي عوام کي موثر نموني آواز اثارڻو □ جدوجهد ڪرڻي پوندي. ان لاءِ پاڪستان جي وفاق کي مضبوط □ مستحڪم ڏسندڙن جو فرض آهي ته هو ننڍين قومن جي جائز مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ گڏجي جدوجهد ڪن. جيڪڏهن هيٺين ڪجهه بنيادي نقطن جي آڌار تي جدوجهد هلائي وڃي ته جيڪر پاڪستان جو وفاق مضبوط □ مستحڪم ٿيڻ سان گڏ خوشحال □ آسودو پڻ بنجي پوي □ قومن □ وڌندڙ نفرتون هميشه لاءِ ختم ٿي وڃن. پاڪستان □ چئن قومن

جي جداگانــه قــومي وجــودن کي تســليم کــري، پاڪستان کي هڪ گهڻ قومي ملڪ مجينـدي، چئـني قــومن جي وطنن)صــوبن) کي آزاد ۽ خودمختيــار رياســتن جــو درجــو ڏنــو وجي. پارليامــاني طــرز حڪومت جي مطابق پاڪستان جو هڪ اهـڙو وفـاق قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ بـالغ راءِ دهيءَ جي اصــول تي سڌو سنئون چونڊيل قانون ســاز اســيمبليءَ کي مڪمل بالادستي حاصل هجي ۽ وفاقي قـانون سـاز اسيمبليءَ ۾ مڙني قومن کي هڪ جيـتري نمائنـدگي ڏني وڃي. وفـاقي حڪـومت صـرف تي ڪاتـا دفـاع، پرڏيهي معاملا ۽ ڪرنسي پــاڻ وٽ رکي. جنهن جي انتظاميه ۾ چئـني قـومن جي هڪ جيـتري نمائنـدگي هجي. صـــوبن جي وچ ۾ ســـرمائي جي آزادانـــه منتقليءَ تي بنــدش وڌي وڃي ۽ وفــاقي يــونٽن کي پنهنجو الڳ بئنڪ سـرمايو محفـوظ ڪـرڻ جـو حـق هجي ۽ سندن لاءِ الڳ بئنڪ، بجيٽ ۽ مالياتي نظــام هجي. ٽيڪســن جي نفــاذ ۽ وصــوليءَ جــو اختيــار وفـاقي يـونٽن وٽ هجڻ گهـرجي ۽ وفـاق کي خـرچ پکي لاءِ يــونٽ هڪ جيــترو ٽيڪس ادا ڪن. اهــڙي طرح وفاق طرفان ملندڙ گرانٽون يا پيـون امـدادون هڪ جيـتري تناسـب سـان يـونٽن ۾ ورهـايون وڃن. وفاقي يونٽن کي پنهنجي نيم فوجي تنظيم (مليشـيا) رکڻ جــو اختيـار هجي. جنهن جي انتظـامي ڪمن ۾ وفاقي يـونٽ آزاد ۽ خودمختيـار هجن. چئـني قـومن جي ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي ۽ هر ٻوليءَ کي پنهنجي واسطيدار يـونٽ انـدر سـرڪاري توڙي خانگي لکپڙهـه جي ڪمن ۾ اسـتعمال ۾ آنـدو وڃي. اردو کي چئــني يــونٽن جي وچ ۾ رابطي جي زبان طور رهڻ ڏنو وڃي.

پياري پاڪستان ۾ جيستائين بنيادي نوعيت
جون تبديليون نه اينديون، تيستائين پائيچاري واري
فضا قائم رهي نه سگهندي. ان لاءِ ضروري آهي ته
فوج ۾ چئني قومن کي هڪ جيتري نمائندگي ڏئي،
فوج ۾ هڪ صوبي جي هڪ هٽيءَ کي ختم نه ٿو
ڪجي. صوبن جي وچ ۾ ٿيندڙ لڏپلاڻ بند ڪرائي نه
ٿي وڃي ۾ سنڌ ۾ بلوچستان ۾ ٻين صوبن جي آيل
ماڻهن کي واپس نه ٿو ڪيو وڃي ۾ انهن جون
ملڪيتون واپس ڪري مقامي رهواسين کي نه ٿيون
ڏنيون وڃن. هندستان مان آيل مهاجرن کي هتان
جي قومن ۾ ضم ٿي انهن جي ٻولي ۾ تهذيب کي
اپنائڻ تي مجبور نه ٿو ڪيو وڃي. ان بنياد تي ئي
پاڪستان کي متحد ۾ مستحڪم ڪري سگهجي ٿو.
جيڪڏهن هن وقت به وڏي بالادست قوم طرفان
ننڍين قومن جي سماجي ۾ معاشي حقن کي
نظرانداز ڪيو ويو ته ننڍيون قومون مجبور ٿي اهڙا
رستا اختيار ڪنديون، جيڪي وري ٻيهر هڪ ٿئي
سان ملي نه سگهندا. اسان هتي پ پ، نواز ليگ،
عوامي نيشنل پارٽيءَ، بلوچستان ۾ پ پ قيادت ۾
پنجاب جي عوام دوست ذرين کي وينتي ڪنداسين
ته هو هاڻي ملڪ کي بچائڻ لاءِ زباني ڪلامي
دعوائن ڪرڻ ۾ مظلوم قومن جي نالي تي دل
پشوري ڪرڻ وارن ترڪتالن کي ڇڏي اهڙا ديرپا
قدم کڻن، جن سان ماضي ۾ ٿيل ظلمن ۾ نانصافين
جي ڪاري باب جو هميشه لاءِ خاتمو ٿي وڃي.
قدرت هر پيري اهڙا موقعا مهيا نه ڪندي آهي.
(چپيل: 12 فيبروري 2015ع)

ٿر جي قسمت ڇو نه ٿي بدلجي؟

سنڌ جي انتهائي نظرانداز ڪيل علائقي ٿر ۾ جڏهن ڪوئلو هٿ آيو هو ته حڪمرانن خوشي وچان اهي اعلان ڪيا هئا ته ٿر مان ڪارو سون هٿ آيو آهي، جيڪو سڄي ملڪ جي قسمت تبديل ڪري ڇڏيندو. خاص ڪري ٿر جي عوام جا ڏک ۾ ڏولاوا ختم ٿي ويندا. پر ڪاري سون جي مالڪ ماڻهن جي قسمت ۾ ڪوبه ڦيرو نه آيو آهي. اٿلندو هو بکن ۾ بيمارين جي ور چڙهي ويا آهن. حڪمرانن سندن پرگهور لهڻ لاءِ تيار ناهن. ڪجهه وزير ڪبير ۾ اسيمبلي ميمبر ان صورتحال ڪي قدرت جو لکيو سمجهي پاڻ ڪي ذميوارين کان آجو سمجهي رهيا آهن. ٿر ۾ بدترين ڏڪار سبب بک جو شڪار ٻارن سان اسپتالون سڄي ويون آهن، ڏورانهن علائقن ۾ وڏيڪ ٻار مرڻ جو خدشو آهي. هر گهر ۾ معصوم ٻارڙا بيماري ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. ٿرپارڪر جي ٻهراڙي وارن ڳوٺن ۾ ڪي به صحت جون سهولتون نه هئڻ ڪري مسڪين ماڻهو پنهنجن گلن جهڙن ٻارڙن ڪي پرائيويٽ اسپتالن ۾ داخل ڪرائي رهيا آهن. علاج نه ٿيڻ توڙي غربت سبب پري پري وارن ڳوٺن جي ڪيترن ئي مائرن جا گل ڪومائجي ويا آهن.

ٿر ۾ انتظامي بي حسي جي انتها ٿي وئي، ظالم انتظاميه گودامن ۾ پيل ڪڻڪ خراب ٿيڻ ڏني

پر بک مرندڙ ماڻهن کي نه ڏني، وڏيک کيترائي ٻـار
بک سبب زندگي ۾ موت جي ٻه واٽي تي بيٺـل آهن.
سرکار ٿرين جي مدد کـرڻ بـدران سـندن ڦٽن تي
لـوڻ ٻـرکڻ ۾ کـا کسـر نـه ڇـڏي، ڏکـار سـٽيل
علائقن کي پيکج ڏيڻ بـدران کين پن جـا ٽکـر ڏئي
ٽٽولي کئي پـئي وجي. پـر جـڏهن معـاملو ٿـر جـون
حــدون اورانگهي ملکي ســطح تي پهتــو تــه نيٺ
حکومت ٿر ضلعي کي آفت سٽيل علائقو قـرار ڏنـو
۾ ٿـر لاءِ پيکيج جـو بـه اعلان کيـو آهي. ٿـر واسـي
هک پيرو ٻيهر يتيم بڻجي ويا، ڏکـار واري صـورتحال
سبب کيترائي ٻارڙا زندگي جي جنـگ هـارائي ويـا،
هزارين ماڻهو بک ۾ اج سبب زندگي جا آخري ڏينهن
گڙي رهيا آهن، سنڌ سرکار تـوڙي ضـلعي انتظاميـا
ڏکــار ســٽيلن ســان ســهکار کــرڻ بــدران وڏيک
پريشانيون پيدا کري ڇڏيون آهن. ٿر ۾ خوراک جي
خطرناک صورتحال ٿرين جا حـال هيٺـا ۾ سـور ٻيٺـا
کـري ڇـڏيا، انتظـامي لاپـرواهي سـبب کيـترائي
معصوم ٻارڙا زندگي جي جنگ هارائي ويـا، انتظاميـا
4 سـئو کـان وڏيک ٻـارڙن جـو مـوت بـه نارمـل
صـورتحال قـرار ڏئي ڇـڏي آهي. حکـومت طرفـان
ڏنل کٽک جون ٻوريون بـه گـودامن جي زينت بڻيـل
آهن، ڏکـار جي صـورت ۾ ٿـر واسـي مـال وکـري
کري زندگي جو گاڏو هلائيندا آهن، پـر اهـو وکـر بـه
ڏکر کڙکائي ورتو آهي. مارو ماڻهو ويـتر پريشـانين
۾ مبتلا ٿي ويـا آهن.. مــٺي اسـپتال ۾ داخـل کيـل
کيترائي ٻـارڙا پڻ زنـدگي ۾ مـوت جي ٻـه واٽي تي
بيٺل آهن، اسپتال ۾ سهولتن جي اڻهونـد ۾ انتظاميـا
طرفان ڌيان نه ڏيڻ کري وڏيک ٻارڙا فوت ٿيڻ جـو
خدشو وڌي ويو آهي. حکـومت ۾ انتظاميـا جي ٺلهن
دعوائن ۾ آسـرن ٿـر واسـين کي هن ڀـيري بـه يـتيم

بڻائي ڇڏيو آهي ، هر طرف موت جو راڪاس گهمي رهيو آهي. حڪومت کي سڪٽا اعلان ڪرڻ بدران هنگامي بنيادن تي ٿر ، ڪاڏي خوراڪ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. ميڊيڪل ٽيمون موڪلي انساني حياتيون بچايون وڃن. هي معاملو سياسي ڏوڙ جي پويان لڪجي وڃڻ نه گهرجي. هر روز انساني جانين جو زيان معمول جو مامرو بڻجڻ نه گهرجي. هي بي حسي ماڻهن جي دلين ، نفرتن جا ٿوهر پوکيندي. پوءِ انهن دلين منجهان حڪمرانن لاءِ خير جون دعائون نه ٿيون نڪري سگهن.

(ڇپيل: 12 فيبروري 2015ع)

سپ ڳجهه ظاهر ٿيڻ گهرجن

کراچي ۾ بلديا فيکٽري کي ساڙي 3 سئو
کن ماڻهن کي جيئرو ساڙي مارڻ ۾ 12 مئي تي
اڳواٽي چيف جسٽس افتخار چوڌري جي آمد تي
سندس استقبال لاءِ ويل ماڻهن تي حملو کري ڏيڍ
سو کان وڌيک شهرين کي گولين جو کاج بڻائڻ
وارن واقعن جي مبينا جوابدارن جي گرفتاري تي
ملک جو سياسي ماحول انتهائي گرم ٿي ويو آهي.
هک طرف الزام هيٺ آيل ماڻهو پنهنجي سياسي
وابستگي هک شهري تنظيم سان ظاهر کري رهيا
آهن ته ٻئي طرف ان سلسلي ۾ ترديدن ۾ وضاحتن
جو نه کٽندڙ سلسلو جاري آهي. تحريک انصاف جي
سربراهه عمران خان ايم کيو ايم جي سربراهه
الطاف حسين تي تنقيد کندي چيو آهي ته متحده
جي هٿياربند ونگ ختم کرڻ کانسواءِ ٽارگيٽ کلنگ
ختم نه ٿيندي. وزيراعظم بلديه ٽائون سانحي جي
متاثرن کي انصاف ڏياري، سڄي قوم الطاف حسين
جي دهشتگردي خلاف اُٿي بيهي. اسلام آباد ۾
پريس کندي عمران خان چيو ته ايم کيو ايم جو
سربراهه پي ٽي آئي جي عورتن بابت کريل زبان
استعمال کئي. هو بزدل ماڻهو آهي، موت کان ڊڄي
ٿو ۾ لنڊن ۾ ويهي پاکستان ۾ ماڻهن کي مارائيندو
آهي. عمران خان حکومت کي مخاطب ٿيندي چيو
ته بلديه سانحي ۾ پيتي لاءِ فيکٽري کي باهه ڏني
وئي. وزيراعظم بلديه ٽائون سانحي جي متاثرن کي
انصاف ڏياري ۾ جانچ ٽيم جي رپورٽ ۾ شامل
ماڻهن کي گرفتار کرائي. عمران خان اهو به
مطالبو کيو آهي ته بلديه ٽائون سانحو پشاور
سانحي جهڙو سانحو آهي. اُن جو کيس فوجي
عدالت ۾ هلايو وڃي. هن اُهو به مطالبو کيو ته

عمــران فــاروق قتــل كيس جي ٻنهي گــواهن كي برطانوي حكومت جي حوالي كيو وڃي.

ٻــئي طــرف ايم كيــو ايم عمــران خــان جي الزامن كي رد كندي چيو آهي ته عمــران خــان جي ڇڙ ڏيارينڊڙ تقرير جــو مقصــد كــراچي كي بــدامني ڏانهن ڌكڻ آهي. عمران خان طالبــان خلاف قــومي اتفاق راءِ كي تباهه كرڻ چاهي ٿــو ۽ متحــده قــومي موومينٽ جي رابطا كميٽي جي حيدر عباس رضوي جو چوڻ آهي عمران خان قائد الطاف حسين خلاف بازاري زبان استعمال كئي. حالتون ۾ واقعــا ٻــڌائي رهيا آهن ته عمران خان جي پريس كانفرنس ڊرٽي وانگــر كنهن طي ٿيــل منصــوبي جــو حصــو آهي. عمـران خـان جي تقريـر پهريـان كـان ئي طي ٿيـل هئي. ايم كيــو ايم خلاف جيكــو سلســلو هلي رهيــو آهي، عمــران خــان جي تقريــر اُن جــو حصــو آهي. عمران خان جي پــريس كــانفرنس انتهــائي مــذمت جوڳي آهي. حيدر عباس رضوي چيو ته عمران خــان الطاف حسين لاءِ نهايت كريل زبان استعمال كئي پر اُن جي باوجود اسان جي كاركنن انتهــائي صــبر جو مظاهرو كيو. هن چيو ته ملكي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو دهشتگردي خلاف سياسي پارٽين اتفاق كيو پر تحــريڪ انصــاف قــومي اتفــاق راءِ كي تباهــه كــري رهي آهي. عمــران خــان وزيــراعظم نوازشــريف ۽ آرمي چيف جــنرل راحيــل شــريف جي كــراچي جي دوري كان اڳ ۾ بدامني چاهي ٿو. عمران خان ملڪ ۾ سياسي افراتفري چاهي ٿو.

كـراچي ۾ گذريل چند ڏهاكن ۾ خاص كــري جنرل ضياءَ جي مارشل لا بعــد جيكي كجهــه ٿينــدو رهيو آهي، ان جي چند ڇاڻ ضــروري آهي. كــراچي ۾ بلــديا فيكــٽري كي ســاڙي 3 سـئو كن مـاڻهن كي

جيئرو ساڙي مارڻ ۾ 12 مئي تي اڳواٽي چيف جسٽس افتخار چوڌري جي آمد تي سندس استقبال لاءِ ويل ماڻهن تي حملو ڪري ڏيڍ سو کان وڌيڪ شهرين کي گولين جو کاڄ بڻائڻ وارن واقعن جي بي ريا جاچ ٿيڻ گهرجي. هن مامري کي سياست جي ور چاڙهڻ نه گهرجي، پر ملڪ ۾ عدالتون موجود آهن، انهن کي ئي فيصلو ڪرڻ جو موقعو ملڻ گهرجي. چاڪاڻ ته سياسي چڪتاڻ سان مامرا صاف ته نه ٿيندا، پر وڌيڪ مونجهاري جو شڪار ٿيندا. هن معاملي تي وفاقي حڪومت کي پنهنجي چپ جو روزو ٽوڙڻ گهرجي. خود سنڌ حڪومت کي به معصوم ماڻهن جي بي رحماڻي موت کي سياسي مفاهمت جي ور چاڙهڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته سڀ ڳجهه ظاهر ٿيڻ گهرجن. سياسي مفاهمت جا پردا چاڪ ٿيڻ کپن.

(چپيل: 10 فيبروري 2015ع)

دهشتگردي خلاف عوام جو آواز

پياري پاڪستان ۾ دهشتگردي جا ڪيترائي فيڪٽر موجود آهن. ڪنهن قوم ڪنهن گروه ڪنهن نسل کي غير قانوني غير آئيني طريقي سان ڌمڪي ڏيڻ انهن تي ظلم ڪرڻ، جيئن اهي پنهنجا جائز طريقي جي حقن تان هٿ ڪڻي وڃن اهو به دهشتگردي ۾ شامل آهي. جيڪڏهن ڏسجي ته دهشتگردي جا سڀ فيڪٽر ڪراچي ۾ موجود آهن

اهي پنهنجي طاقت جي زور تي ڪمزور مـاڻهون تي
ڏاڍ ڪن ٿا انهن ڪان پتو وصول ڪن ٿـا. اهي گروهـه
پنهنجي طاقت جي زور تي اڳتي وڌي رهيا آهن هڪ
شهر ڪان ٻـئي شـهر تـائين اهي پنهنجي طـاقت جي
ذريعي پيسـي جي ذريعي مـاڻهن ڪي پنهنجـو ڪـري
رهيا آهن. انهن نامعلوم ماڻهن جي پارٽي اچڻ جـو
رستو آهي پـر وڃڻ جـو ڪـونهي جنهن بـه ڪـارڪن
پارٽي ڇڏي اهـو مـاريو وينـدو. انهن جي خلاف ڪـير
سڄي شهر ڪو ڳالهائي ڪونه سگهندو. اهو عمـل
به دهشت گردي شمار ٿـئي ٿـو جـو ان شـهر جـو
عوام ان مخصوص گروه ڪان اهـڙو تـه ڊڄي ٿـو جـو
انهي جي خـامين ڪي خـامي، انهن جي دهشـتگردي
ڪي دهشتگردي چئي نه ٿو سگهي. ان جـو حـل اهـو
آهي ته رياست جي قانون ڪي قانون تي عمل ڪرڻو
پونـدو جـيئن رياسـت جي آرمي پـوليس رينجـرس
پنهنجو عمل، پنهنجو ڪم ايمانداري سـان ڪنـدي تـه
اها دهشتگردي ختم ٿي ويندي. پر شرط اهو آهي ته
رياست جو قانون قانون نافذ ڪرڻ وارا ايمانداري
ڪـــان ڪم وٺن .جـــيئن ان نـــامعلوم دهشـــتگرد ڪي
سوگهو ڪـري سـگهجي، ان جـا سرپرسـت سـوگها
ڪـــري ســـگهجن. جـــڏهن هڪ گـــروپ ڪـــراچي
دهشتگري ڦهلائي تيئن ڪجهه ٻين گروهن به ان جي
پوئلڳي ڪئي پر اجان بـه ننـڍي پيمـاني تي. جنهن
ليـاري گينـگ ٻيـا ڪيـترائي ننـڍا ننـڍا گـروه آهن.
جيڪـڏهن اسـان هـاڻي موجـوده دور ڏسـون تـه
ڪراچي شهر قانون انهن جي عمل خلاف ردعمل
ڏيکاريو ته سماج ڪيـتري خوشـي جي لهـر ڊوڙي
آهي. عام مـاڻهو هـاڻي انهن جي خلاف ڳالهـائي ٿـو،
ايتري حد تائين جو مـاڻهن ڏينهن بـه ڏينهن شـعور
وڌندو ٿو وڃي.

جڏهن رياست جي ماٺهو تعليم جي طرف گهٽي مان گهٽو ڌيان ڏيندا ته ان رياست جا ماٺهو دهشتگردي بي ايماني اٽبرابري کان پري ٿيندا ويندا. ان جو حاصل مقصد اهو آهي ته کنهن به مسئلي کي حل کرڻ لا۽ ان جي رياست کي تعليم جي طرف ۽ انسانيت جي طرف ڌيان ڏيٹو پوندو ته پو اها رياست ترقي جي طرف رخ کندي. ٻيو حل اهو آهي ته هن رياست جي ماٺهن کي پنهنجي صوفي بزرگن جي تعليم ڏي ڌيان ڏيٹو پوندو ۽ پنهنجي نئي ٿهي جي ٻارن کي انهن بابت ڄاڻ ڏيٽي پوندي صوفي بزرگن جي قول کلام سان ٻارن جي سوچ مان کٽرپڻو ختم ٿيندو اهي آزاد سوچ سان گڏ جيئندا دهشتگردي پيدا ٿيڻ جو سبب ئي پيدا نه ٿيندو جيترا به آزاد خيال ماٺهون هن رياست ۽ رهن ٿا جن به ماٺهن وٽ پاڪستان جي سنڌ جي صوفي بزرگن جي تعليم جو اثر آهي .اهي دهشتگردي کٽرپٽي فرقه پرستي جا سخت مخالف آهن چاهي اهي ماضي ۽ هجن يان حال ۽ ،هڪ پڙهيل لکيل آزاد سوچ رکندڙ انسان کي ئي اها ڄاڻ هوندي آهي ته رياست جي ڀلائي چا۽ آهي، تڏهن ته هن خطي جا بزرگ اها تعليم ڏئي ويا جنهن ۽ کٽرپٹو موجوده نه آهي.جنهن ۽ انسانيت جو سبق ڏنل آهي. انهن بزرگن ۽ اسان جو بابا بلي شاه، غلام فريد ،بابا رحمان، شاه لطيف، سچل، سامي، سائين بيدل، سائين رکيل شاهه، قاضي قادن ۽ شاه کريم سميت ٻيا به کيترائي نالا اچي وڃن ٿا. جن کي اها ڄاڻ هئي ته انسان ذات کي کهڙي راهه ڏسجي ته جيئن اهي گمراه نه ٿين هڪ ٻئي جو قتل عام نه کن. ان کري ضروري آهي ته صوفي بزرگن جي

تعليم تي عمل کندي دهشتگرديءِ جو مقابلو ڪرڻ گهرجي.
(چپيل: 19 فيبروري 2015ع)

عوام کان لا تعلق بڻيل حڪمران

ملڪ ۾ پ پ حڪومت هجي يا ليگي، ملڪ تي ڪو آمر حڪمران هجي يا جمهوريت پسند سياستدان پر مسڪين ماڻهن جي قسمت تبديل ٿيڻ جو نانءُ ئي نه ٿي وٺي. غريب ماڻهو بک، بدحالي کي منهن ڏين يا بدامني جي راڪاس جي چنبن مان بچڻ جي ڪوشش ڪن. ان امتحان ماڻهن جون متيون منجهائي ڇڏيون آهن. ملڪ ۾ اينڌڙ تبديليون ماڻهن جي قسمت تبديل ڪرڻ بدران سندن ڏک سور ٻيڻا ڪري رهيون آهن. اسان جي حڪمران سياستدانن کي عوام جو ڪوبه اونو نـاهي. هنن کي

ته اصل فڪر اقتدار بچائڻ جو آهي. ڪين جوڙ توڙ مان فرصت ملي ته پنهنجن ووٽرن جي به سار سنڀال لهن. هتي ته معاملا ان سطح تي وڃي پهتا آهن جو عام ماڻهو حڪومتي ڪاروهنوار کان الڳ ڪيو ويو آهي. سنڌ بدامني جي باهه ۾ سڙي رهي آهي. پوليس ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. پر ڪوبه خدا جي خلق کي انصاف مهيا ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. اهوئي سبب آهي جو ماڻهو حڪومتي معاملن کان لاتعلق بڻجندا پيا وڃن. سندن ووٽ جو تقدس پائمال ٿيڻ سبب هو ووٽ ذريعي تبديلي تان ارواح ئي کڻي ويا آهن. عوام کي ملڪي معاملن کان ايترو ته لاتعلق بڻايو ويو آهي جو هو حڪومت ۾ پاڻ کي الڳ الڳ تصور ڪن ٿا.

سنڌ مان روز مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهو اغوا ڪري پنگ بعد واپس ڪيا پيا وڃن. اغو جي انڊسٽري جي واڌ ويجهه تي حڪومت خاموش آهي. سپريم ڪورٽ به خاموش رهي ٿي، حڪومت روايتي جاچ جو حڪم ڏيندي آهي. سنڌي ماڻهن کي پنهنجي ئي ڌرتي تي ننڌڻڪو ڪري اغوا ڪيو پيو وڃي ۽ ماريو پيو وڃي. شهرن ۾ دهشتگرد ته ڀهراڙين ۾ وري وردي وارا دهشتگرد ۽ ڌاڙيل مسڪين ماڻهن جو ڪوس ڪري رهيا آهن. ڪوبه پڇڻ وارو ناهي. آخر سنڌ جي عوام کي ڪهڙي گناهه جي سزا ڏني پئي وڃي. ڇا هنن جو ڏوهه اهو آهي ته هو پرامن ماڻهو آهن. هو دهشتگردن وانگر موتمار هٿيار جي ٻولي نه ٿا ڳالهائن. هو آمريت پسند ناهن، هنن جو جمهوريت منجهه ويساهه آهي. ان ڪري ڪين رت ۾ وهجاريو پيو وڃي.

سنڌ جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ سنڌ جي مٿين ضلعن ۾ ڏوهارين جا راڄ آهن. اغوا، ڦرون ۽

غيرت جي نالي تي قتل ٿيڻ روز جو معمول بڻيل آهي. پيو ته ڌيءُ پر معصوم ٻارڙن سان زيادتيون ڪري ڪين قتل ڪيو ويندو آهي. سنڌ ۾ ڪيترائي قبيلائي جهيڙا هلندڙ آهن، جيڪي سئو سئو ڪان وڌيڪ جانيون ڳڙڪائي چڪا آهن. ڌريون مسلسل مورچابند بڻيل هونديون آهن. رڳو ٺورڙي به اڳرائي ٿئي ٿي ته ڏزن ڪن ماڻهو قتل ٿيو وڃن ۽ پوليس انتظاميه رڳو پڪتون قائم ڪرڻ ۾ پوري هوندي آهي، ان ڪانسواءِ ڪجهه به ڪري ناهي سگهندي. اهو سلسلو ڪافي وقت کان هلندو پيو اچي پر ان جي خاتمي لاءِ ڪير قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي، انهن واقعن جو ذميوار ڪير آهي؟ ائين محسوس ٿيندو آهي چڻ اهو اسان جو ڪلچر هجي. ڪيڏي نه بي حسي جي حد آهي اسان وٽ، ڏوهه ڪرڻ وارو ته هون به بي حس هوندو آهي پر حڪومت ۽ پوليس انتظاميه به انهن جيتري بي حس آهي جو انهن ڏوهن کي روڪڻ جي لاءِ ڪو به قدم ناهي کڻندي. اسان جي حڪمرانن سنڌ کي دهشتگردن، ڌاڙيلن ۽ وردي پوش قاتلن ۽ رهزنن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. ڪوبه ڪنهن کان پڇڻ وارو ناهي ته آخر سنڌ کي ڪهڙي ڏوهه جي سزا ڏني پئي وڃي. ڇا سنڌ جي ماڻهن لاءِ هي عقوبتون ۽ رهزنيون برداشت ڪرڻ مقدر بڻجي ويو آهي. اقتدار ڌڻين کي سمجهڻ گهرجي ته هي ڪرسي ۽ اقتدار اچڻي وڃڻي شيءَ آهي. وقت هميشه ساڳيو نه رهندو. اڄ اقتدار ۾ ويٺل سياڻي پيهر ان عوام وٽ ويندا، جن کي هنن اڄ اقتدار جي نشي ۾ وساري ڇڏيو آهي. ايندڙ مستقبل کي نظر ۾ رکندي ڪين اها پوک پوکڻ گهرجي، جيڪا سياڻي پاڻ لڻي به سگهن.

(ڇپيل: 19 فيبروري 2015ع)

امڙ جي ٻولي جو ڏهاڙو

گڏيل قومن پاران هر سال 21 فيبروري تي مادري ٻولين جو ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي، ان ڏهاڙي جي تاريخ جي حوالي سان چيو وڃي ٿو ته ورهاڱي کانپوءِ جڏهن هندستان ۽ پاڪستان نالي ٻه ملڪ وجود ۾ آيا ته ڀارت سان لڳندڙ بنگال واري علائقي کي اوڀر پاڪستان جو نالو ڏئي پاڪستان جو هڪ حصو بڻايو ويو، جڏهن ته پاڪستان جي ٺهڻ شرط اردو ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو ويو ۽ اوڀر پاڪستان ۾ بنگالي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي، 1952ع ۾ حڪومت اتي اردو ٻولي کي لاڳو ڪيو ته ڍاڪا يونيورسٽي جي شاگردن ان خلاف احتجاج ڪيو ۽ پنهنجي ٻولي جي بچاءُ لاءِ تحريڪ هلائي، 21 فيبروري 1952ع تي جڏهن اهي شاگرد پنهنجي ٻولي کي بچائڻ لاءِ احتجاج ڪري رهيا هئا ته پوليس مٿن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن ۾ 4 شاگرد مارجي ويا، انهن شاگردن پنهنجي مادري ٻولي جي تحفظ

لاءِ پنهنجي جانين جو نذرانو ڏنو. انهيءَ تحريڪ جي نتيجي □ 29 فيبروري 1956ع تي پاڪستان □ هڪ قانون منظور ڪري بنگالي ٻولي کي لکپڙهه واري ٻولي جو درجو ڏنو ويو، جڏهن ته 21 فيبروري 1952 تي چئن شاگردن جي قتل واري واقعي کانپوءِ گڏيل قومن پاران ان ڏينهن جي حوالي سان مادري ٻولين جو ڏهاڙو ملهايو وڃي ٿو.

ملڪ ٻه ٽڪر ٿيڻ بعد به ملڪ جي باقي مادري ٻولين سان ساڳيو متڀيدي سلوڪ جاري آهي، جنهن سلوڪ سبب بنگالي اسان کان الڳ ٿي ويا هئا. جڏهن به ننڍن صوبن جي حقن جي حوالي سان ڪا ڳالهه ٿي ٿئي ته الائي ڇو وفاقي حڪومت کي ملڪ جي خودمختياري □ مضبوط وفاق ياد اچيو وڃي. 1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 251 □ اردو کي ملڪ جي قومي ٻولي قرار ڏنو ويو آهي هاڻ جڏهن آرٽيڪل 251 □ ترميم ڪري، سنڌي پنجابي پشتو □ بلوچي کي قومي ٻوليون قرار ڏيڻ لاءِ جدوجهد خاص طور سنڌ □ ٿي رهي آهي، تڏهن وري به وفاقي حڪومت کي ڇڻ ته ملڪ جي سالميت خطري □ محسوس ٿي رهي آهي. هي ڪو پهريون ڀيرو ناهي جو سنڌي ٻوليءَ کي پٺ سان لڳائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي انهن زيادتين جا جيڪڏهن پيرا کڻنداسين ته اهو سلسلو قيام پاڪستان کان شروع ٿيندو محسوس ٿئي ٿو.

اقوام متحده پاران 1953ع □ مادري ٻولي ذريعي تعليم بابت هڪ تفصيلي رپورٽ پيش ٿي هئي ته ڪوبه ٻار صرف □ صرف پنهنجي مادري ٻولي □ ٻنان ڪنهن ذهني مونجهاري جي فضيلت سان بهتر تعليم پرائي سگهي ٿو. سنڌ جي عالمن □ تعليمي ماهرن به مادري ٻولي □ تعليم جي اهميت

ڪي سمجهندي سنڌ اسيمبلي ڪي سنڌي ٻولي بــابت قــانون ســازي ڪــرڻ ان ڪي ســرڪاري تعليمي ادارن رائج ڪــرڻ جــو مشــورو ڏنــو 1972ع جـڏهن سـنڌ اسـيمبلي آئين جي آرٽيڪـل 142 تحت انهيءَ تجويز ڪي مان ڏيندي سـنڌ جي تعليمي ادارن ســنڌي ٻــولي پڙهــائڻ لازمي قــرار ڏيڻ جــو بــل اسيمبلي آندو ته سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد بـورڊ سنڌي ٻولي ڪي دفتري ٻولي بنائڻ خلاف جهيڙا هنگاما ٿيا ڪيترائي سـنڌي انهن فسـادن شـهيد ٿيـا. اردو ميــڊيا ســنڌي ٻــوليءَ خلاف پنهنجي واويلا جـاري رکي اردو ڪـا جنـازا هي ذرا دهــوم ســي نڪلي جهڙيون سرخيون ڏيئي نـه فقـط ٻرنـدڙ باهـه ڪي قوڪون ڏنيـون پـر سـنڌي ٻـولي خلاف زهـر بـه اوڳاڇينديون رهيون. سنڌ اسيمبلي پيش ٿيـل اهـو بـل آئين جي آرٽيڪـل 142 مطـابق هيـو پـر قـومي ميڊيا تعصب پسـندي جـو مظـاهرو ڪنـدي آئين جي انهيءَ شـق جي بـه انحـرافي ڪـئي. اردو قـومي ميڊيا جي پريشر ڪي قبـول ڪنـدي پيپلـز پـارٽي جي وفاقي حڪومت مداخلت ڪري انهيءَ بـل تي عمـل درآمـد روڪــرائي ڇـڏيو آئين جي شــق 142 جي پچڪڙي به ڪئي. هن وقت جڏهن وفـاقي حڪـومت صــوبن کي مڪمــل خودمختيــاري ڏيڻ جي ڳالهــه ڪندي نٿي تڪجي تڏهن سندس قول فعل تضاد سنڌي عوام لاءِ هن حسـاس مسـئلي تي سـندس خاموش مخالفت هڪ اهڙو سوال بنجي ويـئي آهي. جنهن جي جواب کان سنڌي عوام بلڪل واقف آهي حيرت ته ايوانن ويٺل انهن سنڌي ميمبرن تي آهي جيڪي سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي قــرار ڏيڻ واري متوقع بل تي ڪن لاتار ڪري رهيا آهن. اهڙن ماڻهن کي سنڌي قوم ڪڏهن به معاف نه ڪندي.

(ڇپيل: 21 فيبروري 2015ع)

سنڌي ٻولي ۽ بي وس بڻيل سنڌ حڪومت

سنڌ حڪومت جو وڏو الميو اهو رهيو آهي ته هوءِ پنهنجن ئي فيصلن ۽ اعلانن تي عمل ڪرائي نه سگهندي آهي. ڪالهه سڄي سنڌ ۾ مادري ٻولين جي ڏهاڙي تي ريليون ڪڍي، مظاهرا ڪري ۽ سيمينار منعقد ڪري سنڌ حڪومت کي اپيل ڪئي وئي آهي ته اها سنڌ جي 5 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهن جي مادري ٻولي سنڌي کي ملڪ اندر پنهنجو جائز حق ۽ مقام ڏياري. پر ان بابت سنڌ حڪومت سڀ اختيار هوندي بي وس بڻيل آهي. لڳ ڀڳ هڪ سال کن اڳ تعليم واري صوبائي وزير نثار کهڙي جي سنڌي نه پڙهائيندڙ خانگي اسڪولن کي نوٽيس ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو پر هڪ سال گذري وڃڻ باوجود صوبائي وزير صاحب پنهنجي فيصلي تي عمل ڪرائي نه سگهيو. سايد هاڻي کيس اهو فيصلو يا اعلان ياد به هجي. هڪ سال گذري وڃڻ باوجود سنڌ اندر سنڌي نه پڙهائيندڙ ڪنهن به پرائيويٽ اسڪول کي نوٽيس جاري نه ڪيو ويو آهي ۽ نه وري ڪنهن پرائيويٽ اسڪول جي سنڌي نه پڙهائڻ جي حوالي سان انسپيڪشن ڪئي وئي آهي.

سنڌ ۾ هڪ سازش تحت سنڌي ٻوليءِ کي نيڪالي ڏني پئي وڃي. ڪراچي ته ڇا پر اندرين سنڌ جي سرڪاري توڙي خانگي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي نيڪالي ڏني وئي آهي. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ لکن جي تعداد ۾ سنڌي ٻار رهندا آهن ۽ خانگي ۽ سرڪاري ادارن ۾ پڙهندا آهن پر افسوس جي ڳالهه آهي ته انهن کي سنڌي پڙهڻ نه ايندي آهي، ڇو جو اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائي نٿي وڃي. ڳوٺن کي ڏسو ته اتي به اسڪولن جي صورتحال وڌيڪ خراب آهي. ماستر اسڪول نه ويندا آهن، جيڪي ويندا آهن ته اهو پڙهائيندا ناهن ۽ جيڪي پڙهائيندا آهن سي سندن تربيت نٿا ڪن. هن صورت ۾ سنڌي ٻولي خطري ۾ آهي. نئون نسل سنڌي ٻولي نه پڙهندو ته سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ ادب خطري ۾ پئجي ويندا. ڇا ٻولي ڪلچر جو حصو ڪونهي، ڇا رڳو اجرڪ ۽ ٽوپي اسان جو ڪلچر آهي؟ ڇا اسان کي ٽوپي اجرڪ سان گڏ هيءُ مطالبو نه ڪرڻ کپي ته سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي. اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي لازمي ڪري پڙهائي وڃي. سنڌي ٻولي اسان جي سڃاڻپ آهي ايئن نه ٿئي ته اسان جا ٻار سنڌي ٻولي ڪان پري ٿي وڃن ۽ پوءِ اسان وٽ رڳو پڇتاءُ وڃي بچي. سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ ترقي پسند ساجاهه وند ماڻهن ۽ ميڊيا کي اپاءَ وٺڻ کپن. ڇا اسان سڀئي گڏ ٿي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي ٻولي پڙهائڻ لاءِ ڪو قدم نٿا کڻي سگهون ۽ ٻئي پاسي رياست تي دٻاءُ سان گڏ اسان پاڻ تي به نظرداري ڪيون ته ڇا اسان پنهنجي ٻارن کي سنڌي پڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اسان جي ٻولي خطري ۾ آهي ۽ هن کي بچائڻ لاءِ اسان سڀني کي سوچڻ ۽ اپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي. اسان پنهنجي ٻولي جو تحفظ نه ڪيو ته پنهنجي ثقافت کي بچائي نه سگهنداسين. سنڌ حڪومت کي سنڌي ٻولي خانگي اسڪولن ۾ رائج ڪرائڻ لاءِ اعلان نه پر عملي قدم کڻڻ گهرجن. ان سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ وفاقي سطح تي حمايت حاصل ڪرڻ گهرجي. سنڌي، پنجابي، پشتو ۽ بلوچي زبانن کي قومي ٻولين جو درجو ڏيارڻ لاءِ آئين ۾ ترميم جو بل آندو وڃي. تعليم جي شعبي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ ضروري آهي ته بنيادي تعليم مادري زبان ۾ ڏني وڃي. ڇاڪاڻ ته ٻار جي اوسر جنهن ماحول ۾ ٿيندي آهي ان ۾ ڪجهه ٻه سکڻ لاءِ ٻولي جو ڪردار اول هوندو آهي. پر بدقسمتي سان جهڙي ريت رياست پاڪستان ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولين سان خاص طور تي سنڌي ٻولي سان ناانصافي ڪئي. ان جو سڌو تعلق ٻار جي تعليم تي پيو آهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پاڪستان ۾ ڳالهائي ويندڙ سمورين ٻولين کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي. ٻولين جي ترقي لاءِ وفاق کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

(ڇپيل: 22 فيبروري 2015ع)

راڻا ڀڳوان داس هڪ بيباڪ شخصيت

اڳوڻي آمر پرويز مشرف جي دور ۾ آمريت سان اکيون اکين ۾ وجهي ڳالهائيندڙ سنڌ جو بهادر پٽ سپريم ڪورٽ جو اڳوڻو چيف جسٽس راڻا ڀڳوان داس ڪالهه اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو. پاڻ گذريل هڪ مهيني کان دل جي تڪليف سبب ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ داخل هو، جتي هن اڄ 73 ورهين جي ڄمار ۾ دم ڏنو. قمبر شهداد ڪوٽ ضلعي جي شهر نصير آباد سان تعلق رکندڙ راڻا ڀڳوان داس 20 ڊسمبر 1942 تي پيدا ٿيو ۾ هن 1967 ۾ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت جي شروعات ڪئي. هو 1994 ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جسٽس ۾ 2000 ۾ سپريم ڪورٽ جو جسٽس بڻيو. راڻا ڀڳوان داس سپريم ڪورٽ جو وقتي چيف جسٽس، اليڪشن ڪميشن جو وقتي سربراهه ۾ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين به رهيو. فخرالدين جي ابراهيم جي استعفيٰ بعد خالي ٿيل چيف اليڪشن ڪمشنر جي عهدي لاءِ وزيراعظم ۾ اپوزيشن ليڊر راڻا ڀڳوانداس جي نالي تي اتفاق ڪيو پر هن عهدو سنڀالڻ کان معذرت ڪري هڪ نئون مثال قائم ڪيو. مشرف جي آمريتي دور ۾ پي

سي او تحت حلف کڻڻ کان انکار کرڻ تي ٻين ججز سان گڏ راڻا ڀڳوان داس کي به گهر ۾ نظر بند ڪيو ويو هو.

مشرف جي آمرانه دور ۾ سنڌ جي هن بهادر فرزند عدليه جي بحالي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. 2007ع ۾ جڏهن ان وقت جي فوجي صدر جنرل مشرف چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري کي معزول ڪيو ته رانا ڀڳوان داس قائم مقام چيف جسٽس جون ذميواريون سنڀالي ورتيون. هن ان بحران کي انتهائي بهادري سان منهن ڏنو. هو چاهي ها ته پاڻ چيف جسٽس ٿي پيو سگهي، پر هن عهدي کان عدليه جي وقار ۾ بحالي کي وڏيڪ اهميت ڏني. جڏهن سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ افتخار چوڌري جي معزولي جي سماعت جاري هئي ته ان جو ڪميشن جو پهريون سربراهه جسٽس جاويد اقبال هيو. جنهن تي وڪيل برادري کي شڪ هئا ته هو آمريت کي سهارو ڏيندڙ آهن. ان وقت رانا ڀڳوان داس پارت جي دوري تي هيو، عدليه جي بحالي لاءِ تحريڪ هلائيندڙ وڪيل برادري جون نظرون راڻا ڀڳوان داس مٿان هيون. جڏهن پاڻ پارت کان هتي پهتو ته صورتحال هڪدم تبديل ٿي وئي. وڪيل برادري کي هڪ ڏڍ ۾ سهارو ملي پيو. هن اڳوڻي آمر پرويز مشرف هٿان پي سي او تحت حلف کڻڻ کان انکار ڪري ڇڏيو. سندس ئي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي بينچ افتخار محمد چوڌريءَ کي بحال ڪرڻ وارو تاريخي فيصلو ٻڌائي عدليه جي آزادي ۾ وقار جو جهنڊو بلند ڪيو.

سپريم ڪورٽ ۾ ڊگهي عرصي تائين خدمتون انجام ڏيندڙ جج جسٽس رٽائرڊ راڻا ڀڳوان داس مختلف وقتن تي سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس

به رهي چڪو آهي. راڻا ڀڳوان داس 2000ع سپريم ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو هو. سپريم ڪورٽ مان رٽائرمينٽ بعد پاڻ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين به رهي چڪو آهي. هن ملڪ منجهه قانون، انصاف انساني حقن جي بحالي لاءِ عدليه جي پليٽ فارم تان جيڪو ڪردار ادا ڪيو، ان ڪي ملڪي تاريخ اهم مقام حاصل رهندو. عدليه جي تاريخ سندس ڪيل فيصلا ملڪ منجهه قانون جي مٿڀرائپ لاءِ سنگ ميل جي حيثيت رکندا.

(ڇپيل: 24 فيبروري 2015ع)

سنڌ جو امن ۾ بااثر ماڻهن آڏو بي وس ٿيل پوليس

سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال جيئن پوءِ تيئن خراب ٿي رهي آهي. ان جو هڪ سبب اهو به ٻڌايو پيو وڃي ته هتي پوليس جون سياسي بنيادن تي بدليون ۾ مقرريون ٿين ٿيون. جيڪي پوليس آفيسر بااثر ماڻهن جي ونگار نه ٿا وهن يا سندن پاڻارين ۾ هٿ وجهن ٿا، انهن کي پاسيرو ڪيو وڃي ٿو. جنهن ڪري پوليس پنهنجو فرض ادا ڪرڻ کان قاصر آهي. تازو خيرپور ۾ هڪ ايماندار پوليس آفيسر کي فقط ان ڪري تنگ ڪيو ويو، جو هن هڪ بااثر چونڊيل نمائندي جي خاص ماڻهو کي فقط ان بنياد تي جاچ هيٺ آندو، ڇاڪاڻ ته هن جو ڪرمنل رڪارڊ هو. ان معاملي تي پوليس خلاف جيڪا ٻاهوڙ ٿي، ان سنڌ جي ماڻهن کي ڏندين آڱريون ڏئي ڇڏيون. نيٺ ان معاملي جو نبيرو تڏهن ٿيو، جڏهن ان پوليس آفيسر ان بااثر ماڻهو جي بنگلي جي حاضري ڀري. ان صورتحال ۾ امن ڪيئن ٿيندو. ان بابت سنڌ حڪومت کي جواب ڏيڻ گهرجي.

جڏهن پوليس ڏوهاري ماڻهن تي هٿ وجهڻ کان لاچار بنائي وڃي، ان صورت ۾ پوليس منجهان امن جي قائم ڪرڻ جي اميد ڪيئن ٿي رکي سگهجي. روز سنڌ جي مختلف شهرن مان قتل، اغوائن، ڌاڙن ۾ ڦرن جون خبرون رپورٽ ٿين پيون. ڪنهن معصوم نينگري کي قتل ڪرڻ وارو واقعو هجي يا روز اغوا ٿيلن جي انگ ۾ واڌ هجي، اُهي واقعا اسان وٽ روز جو معمول بڻيل آهن. هن وقت

ڪيترائي ماڻهو ڌاڙيلن جي قبضي ۾ آهن. پوليس جو ڪــردار خــاموش تماشــائيءَ وارو رهجي ويــو آهي. ڏينهن ڏٺي جو ڌوهاري عنصر رستن تي بيهي، گاڏين ۾ داخـــل ٿي ڦـــرون ڪن ٿـــا ۽ انهن خلاف ڪابـــه ڪـــارروائي نـــٿي ٿـــئي. امن امـــان جي هن خـــراب صورتحال عوام جو سڪون برباد ڪــري ڇــڏيو آهي. ان جي دانهن ۽ ڪوڪن جو ڪوبـه داد فريـاد ڪونـه ٿــو ٿــئي، ڪيــترن هنــڌن تي پــوليس اهلڪــارن کي ڌوهارين جي پشت پناهي ڪندي ڏٺو پيــو وڃي. امن امان جون حالتون جيئن پوءِ تيئن سنگين ٿي رهيــون آهن، ماڻهو پاڻ کي عدم تحفظ جو شــڪار ســمجهي رهيا آهن. اصل ۾ امن امان جي صــورتحال بهــتر نــه ٿيڻ جــو ســبب جــاچ ۽ ڪــارروائي جي طــريقي ۾ تبــديلي نــه اچڻ بــه آهي. جيڪــڏهن جديــد دؤر جي حســاب ســان طريقــا تبــديل ڪيــا وڃن تــه ڌوهــاري عنصرن کي ضرور قانون جي گرفت ۾ آڻي سگهجي ٿــو. تــازو ڪجهــه مقــابلن ۾ پــوليس اهلڪــارن جنهن ڪارڪردگي جــو مظــاهرو ڪيــو ۽ خطرنــاڪ ڌاڙيلن کي ختم ڪيو جيڪڏهن اهڙي جذبي سان پوري سنڌ ۾ ڪارروائي ڪئي وڃي ته ڌوهارين جي رســتا روڪ ممڪن آهي.

ســنڌ ۾ ڪاروڪــاري ۽ زميــني تڪــرار ۾ بــه لاتعــداد قيمــتي جــانين جــو نقصــان ٿي رهيــو آهي. حڪومت کي ڪاروڪاري جي خــاتمي لاءِ بــه ســخت قانون جوڙڻ گهرجي. نه صرف قانون جــوڙڻ پــر ان تي عمل جي بــه ضــرورت آهي. ســنڌ ۾ روزانــو هي جيڪو بيگناهه انســاني جــانين جــو نقصــان ٿي رهيــو آهي، ان کي روڪڻ لاءِ حڪـــومت کي تحـــرڪ وٺڻ گهــرجي ۽ ڌوهــارين خلاف وٺ پڪــڙ واري سلســلي کي تيز ڪرڻ گهرجي.

هــر علائقي جي پــوليس آفيســر کي پنهنجي علائقي ۾ امن جو پابند بنائڻ کپي ۾ کوبه ڏوهه ٿيڻ جي صورت ۾ ان کـان پڇـاڻو کيـو وڃي. جيسـتائين هن معاملي کي ايمرجنسي بنيادن تي نه ورتو ويندو ۽ ان حساب سـان کـارروايون نـه کيـون وينـديون ايســتائين امن امــان جي صــورتحال بهــتر نــه ٿي ســگهندي. ســنڌ گــذريل کيــترن ئي عرصــي کــان بــدامنيءَ جي باهــه ۾ ٻــري رهي آهي. تــوڙي جــو ملکي ليول تي ڪراچي جي بدامني اشو بڻيل آهي، پر حقيقت ۾ ڪراچي سميت سنڌ جي اڪـثر علائقن خــاص ڪــري اتــر ســنڌ وارن ضــلعن ۾ نــه صــرف بدامني جو مڪمـل راڄ آهي، پـر شـڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور ايت ڪنڌڪوٽ ۽ گهوٽڪي ضـلعن جـا ڪيترائي علائقا عام ماڻهن لاءِ نوگو ايرياز بڻيل آهن. جنهن جــو تـازو مثـال ڪجهـه ڏينهن اڳ حقيقت جي روپ ۾ تــڏهن پيش آيــو، جــڏهن مســافر گــاڏيون حيدرآباد اچي رهيـون هيـون تـه هڪ ڌر پـاران ڌرڻـو هڻي نيشـنل هـاءِ وي بلاڪ ڪيـو ويـو هـو. ان دوران ڊرائيورن ٻـڌايو تـه نيشـنل هـاءِ وي جي ڀرسان کان متبادل رستا موجود آهن، پر بدامني جي خــوف سبب اڪثر گاڏين ۾ مسافر ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٿڪجي اس ۾ ويهڻ ته برداشت ڪندا آهن پر متبـادل رسـتو اختيار نه ڪندا آهن. سندن چوڻ مـوجب تـه نيشـنل هاءِ وي کان ٿوري فاصلي تي موجـود متبـادل رسـتو ڌاڙيل راڄ سبب عام ماڻهن لاءِ نوگو ايريـا بڻيـل آهي ۽ انهن علائقن ۾ پـوليس لاءِ وڃڻ بـه مشـڪل بڻيـل آهي. جنهن مان سنڌ ۾ امن مان جي ابتر صورتحال جو اندازو چڱي طرح لڳائي سگهجي ٿو. هڪ طرف ســنڌ جــو گــادي جــو هنــڌ ڪــراچي آهي، جــتي دهشــتگردن جــو راڄ آهي ۽ روزانــو ڪيــترين ئي

معصوم حياتيون ضايع ٿي رهيون آهن، ته ٻئي پاسي اتر سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ قائم آهي، جتي ماڻهن جي جان ۽ مال محفوظ ناهي. هر نئين ڏينهن ماڻهن کي ڦريو وڃي ٿو، ته ڪٿي وري مزاحمت تي زندگيءَ جو ڏيئو اجهايو ٿو وڃي. سياسي سفارشن تي مقرري سبب پوليس ويچاري بيوس بڻيل آهي. اسين سنڌ جي وڏي وزير کي گذارش ٿا ڪريون ته پوليس آفيسرن جي مقرري کي سياسي مداخلت کان پاڪ ڪري ڪين امن امان کي يقيني بڻائڻ لاءِ فري هينڊ ڏنو وڃي، ته جيئن سنڌ جو عوام پر امن حالتن ۾ سک جو ساهه کڻي سگهي ۽ سنڌ کي پرامن بڻايو وڃي ته جيئن ڪوبه روڊ نو گو ايريا يا خوف ڏيندڙ نه رهي.

(ڇپيل: 24 فيبروري 2015ع)

سنڌ ۾ عام شهري جي تحفظ جو سوال

سنڌ جي مڙني شهرن ۾ امن امان جي صورتحال تسلي بخش ناهي. ڪراچي ته دهشتگرد جي واقعن جي حوالي سان الڳ سڃاڻپ رکي ٿي،

پر ســنڌ جي ٻين شــهرن □ پڻ صــورتحال ايــڏي اتساهيندڙ ڪونهي، حيدرآباد کان ڪشمور تائين سنڌ ڌوهارين جي رحم و ڪــرم تي ڇــڏيل آهي، ڌوهـاري راڄ ســماج □ پنهنجــون پــاڙون ايــتريون تــه پخــتيون ڪري چڪو آهي جو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جـا هٿ ڌوهارين جي ڳچين تـائين نـه ٿـا پهچن، شــهرين جي جان □ مال جو تحفظ رياست جي بنيـادي ذميـوارين □ شامل هجي ٿو، پر هتي ڏاڍي جي لٺ ڪي ڀه مٿـا واري چوٽي عملي طور سنڌ جي هـر شـهر □ نظـر اچي رهي آهي، يعني جـڏهن رياست ان جـو آئين □ قانون پنهنجو اثرائتـو ڪـردار ادا ڪـرڻ ڇـڏي ڏينـدا آهن پوءِ سماج جا ڌوهاري عنصر سرگرم ٿي ويندا آهن □ سنڌ □ اها راند ورهين کان جاري آهي. اسان وٽ اهي ڪهـڙا وسـيلا آهن جيڪي موجـود نـه آهن، جن جي ذريعي سـنڌ □ بـدامني، قـبيلائي رتوڇـاڻ □ شهرن □ ٿيندڙ دهشتگردي □ اسـٽريٽ ڪـرائيم ڪي بنجو نٿو ڏئي سگهجي، پر الائي ڇو رياست □ ان جـا واڳ ڌٽي تحرڪ □اچي سـنڌ جي عـوام کي تحفـظ فراهم ڪـرڻ لاءِ سـرگرم نٿـا ڏسـجن، گهٽ □ گهٽ گذريل ڪجهه ڏينهن ڪـان جيڪـا صـورتحال آهي، ان مـان تـه ايئن ئي ٻکي رهيـو آهي، قـبيلائي رتوڇـاڻ، شهرن □ ٿيندڙ خـونريزي، چـورين، اغـوائن، قـرن □ قتل جي وارداتن سميت سنڌ □ جيڪا انســاني حقن جي پائمــالي ٿي رهي آهي، اهــا ســچ پچ ته لــگ ڪانڊاريندڙ آهي. ڪجهه ماڻهن جو اهو خيال آهي تـه موجوده بدامني جو سبب سياسي به آهي، سياســي مخالف هڪ ٻئي جي مـاڻهن کي اغـوا ڪـرائي رهيـا آهن. ڪجهه ماڻهن کي مخـالفت جي بنيـاد تي سـزا ڏني ٿي وڃي.

سنڌ پوليس سميت ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي عوام جا اربين رپيا خرچ ٿين ٿا نيٺ اهي ادارا ڇا ڪري رهيا آهن، جڏهن ته مقابلي ذريعي ترقيون ماڻيندڙ سنڌ پوليس عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ بدران، ڇڻ ته عوام لاءِ خود هڪ وڏو مسئلو بڻيل آهي، جيڪڏهن ڪنهن جي چوري، ڦر ٿيئي ٿي ۾ ڪنهن گهر ۾ ڌاڙو لڳي ٿو ته ان گهر ڀاتين تي ڄڻ ته شامت اچي ٿي وڃي، ڇاڪاڻ ته هڪ طرف ڦريا به اهي وري پوليس مختلف هيلن بهانن سان تنگ به وري انهن کي ڪندي، جيڪڏهن پوليس عوام کي تحفظ فراهم نه ٿي ڪري سگهي ته پوءِ اهڙي اداري کي بند ڪرڻ ئي بهتر آهي ۽ پوءِ اهڙو متبادل ادارو جوڙيو وڃي جيڪو صحيح معنيٰ ۾ عوام کي تحفظ فراهم ڪري سگهي.

سنڌ جي اترين علائقن ۾ ڌاڙا، چوريون ۽ اغوائن جا واقعا معمول بڻجي ويا آهن. صرف هڪ ضلعي خيرپور ۾ هن وقت درجن کن ماڻهو ڌاڙيلن وٽ يرغمال بڻيل آهن. انهيءَ معاملي تي نه ڪل جماعتي ڪانفرنس گهرائي ٿي وڃي نه ئي سرڪار پاران ڪا سنجيدگي نظر ٿي اچي. خيرپور وڏي وزير جو آبائي ضلعو آهي انهيءَ جي صورتحال اهڙي آهي ته پوءِ ٻين لاوارث علائقن جي ڪهڙي حالت هوندي؟ ڪراچي جو مسئلو بيشڪ ڪٺن آهي پر انهيءَ جي ڪري سنڌ جي ٻين علائقن ۾ ٿيندڙ بدامني کي نظرانداز ڪرڻ نه گهرجي. ماڻهو غير محفوظ حالت ۾ رهڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. ڪيترائي اهڙا علائقا آهن جيڪي بلڪل نوگوايريا بڻيل آهن اتان جا رهندڙ ماڻهو سج لهڻ کانپوءِ گهرن مان ٻاهر نڪرڻ کان به لهرائيندا آهن. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ وڏيرا اهڙن ڌوهارين جا ساٿاري بڻيل

هونــدا آهن جنهن کــري ڌوهــارين خلاف پــوليس ڪارروائي ڪرڻ ڪـان ڪن لاٽـار ڪنـدي آهي، بـاقي اهو ته سپ چاٽن ٿا ته پوليس جو سـنڌ ۾ ڪمـداري وارو ڪردار رهيـو آهي. سـاري چڙهيـل ۾ علائقي ۾ دٻدٻو رکندڙ وڏيرن وٽ پوليس ڪمدار بڻيـل هونـدي آهي ۾ ڌوهــارين ڪي وري وڏيــرن جي سرپرســتي هونــدي آهي، جنهن کــري ڌوهــاري بي خــوف ٿي ڪـارروايون ڪنـدا رهنـدا آهن. جيڪـڏهن حڪـومت ڪراچي جي معاملي جي ڪري ٻين علائقن تي ڌيان نه ڏنـو تـه اينـدڙ وقت ۾ ٻهـراڙي وارن علائقن ۾ بـه خطــرا وڌي وينــدا، جن ڪي روڪڻ ايــڏو آســان نــه هوندو.

(ڇپيل: 26 فيبروري 2015ع)

بي گناهه شهري قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي نشاني تي

سنڌ ۾ قانون لاڳـو ڪنـدڙ ادارن طرفـان عـام شهرين سان جيڪـو سـلوڪ ڪيـو پيـو وڃي، ان جـا پڙاڏا عدالتن ۾ به گونجندا رهيا آهن، پر هــتي ڪــوڙا پوليس مقابلا، ماڻهن ڪي ڪنيي گم ڪــرڻ يــا ڪــوڙن ڪيســن ۾ ڦاســائڻ جــو سلســلو رڪجي نــه ســگهيو آهي. اجــا ڪــراچي ۾ هڪ ســنڌي نوجــوان انيس

سومرو کي ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ طالبان ڄاڻائي قتل ڪرڻ جي ڪيس جي سماعت سپريم ڪورٽ ۾ هلندڙ هئي ته ڪالهه وري رينجرز ڪنڊرا پرسان هڪ نوجوان کي فائرنگ ڪري ماري ڇڏيو آهي.

ڪنڊرا پرسان شاهه حسين واري علائقي ۾ مير زاهد حسين ٽالپر ڪڪڙن جو ميل ڪرايو. جنهن ۾ سادن ڪپڙن ۾ اهلڪار به موجود هئا، جن جو رابطو پوليس ۽ رينجرز سان مسلسل هو. سادن ڪپڙن ۾ اهلڪارن رينجرز کي اطلاع ڏنو ته هت ڏوهاري موجود آهن. اطلاع تي رينجرز پهچي فائرنگ ڪري ڏني. جنهن جي نتيجي ۾ سئي گئس جو ملازم جاويد پٽ مهوال جانوري ٽڏي تي ئي گولين جو بک بڻجي ويو. جڏهن ته سندس ڀاءُ ظفر ۽ لعل ڏنو پٽ سليمان گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا. فائرنگ ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي. جڏهن ته رينجرز جاويد جو لاش، سندس زخمي ڀاءُ ظفر ۽ لال ڏني کي پڻ پنهنجي تحويل ۾ وني ڇڏيو. ٻئي طرف واقعي خلاف مارجي ويل نوجوان ۽ زخمين جي وارثن احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ڪنڊرا-روهڙي روڊ بند ڪري ڇڏيو. هنن جو چوڻ هو ته رينجرز بي گناهه اسان جي نوجوان کي قتل ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي. هنن چيو ته ڪڪڙن جي ميل ۾ ڪو به ڏوهاري موجود نه هو ۽ نه وري قتل ٿيل جاويد ڏوهن ۾ ملوث هو، غلط اطلاع تي رينجرز سڌي فائرنگ ڪري بي گناهه نوجوان کي ماريو ۽ نينگر سميت ٻن ڄڻن کي زخمي ڪيو آهي.

ڪنڊرا واقعو ثابت ڪري ٿو ته هتي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ماڻهو مارڻ جي ڪابه جهل پل ناهي. اها ئي ڳالهه ڪالهه سپريم ڪورٽ جي مانوران ججن ڪراچي ۾ قومپرست ڪارڪن انيس

سومري جي مبنيا مقابلي ۾ مارجڻ بابت ڪيس جي سماعت ڪندي ڪئي آهي.

سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ قومپرست ڪارڪنن انيس سومرو قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، ٻڌڻي دوران عدالت وڪيلن جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ ٽن مهينن اندر آءِ جي سنڌ غلام حيدر جمالي کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. عدالت سهراب ڳوٺ جي اڳوڻي ايس ايڇ او اسماعيل لاشاري، سچل جي ايس ايڇ او شعيب شيخ ۾ اسحاق لاشاري سميت سنڌ پوليس ۾ پنگ لاءِ اغوا ۾ ٻين سنگين ڏوهن ۾ ملوث هجڻ جو رڪارڊ رکندڙ پوليس آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪري ٽن مهينن اندر رپورٽ طلب ڪري ورتي. عدالت داخل ڪيل ڪيس جي جاچ سب انسپيڪٽر قربان علي کان وٺي ايس ايس پي اوپر پير محمد شاهه کي منتقل ڪندي ڪيس جاچ مڪمل ڪري لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. عدالت انيس الرحمان قتل ڪيس ۾ نامزد پوليس آفيسرن سان ٺاهه ڪرڻ لاءِ مقتول جي والد انور سومرو مٿان دٻاءُ وجهڻ بابت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڏکڻ کي جوڊيشل انڪوائري لاءِ مقرر ڪندي ڪيس هڪ مهيني اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. جسٽس امير هاني مسلم آءِ جي غلام حيدر جمالي کي مخاطب ٿيندي چيو ته توهان جي هوندي پنگ لاءِ اغوا جهڙن ڏوهن ۾ نوڪري تان برطرف ٿيندڙ نه رڳو بحال ٿين ٿا پر انهن کي اهم ٿاڻن جو ايس ايڇ او به مقرر ڪيو وڃي ٿو. سپريم ڪورٽ طرفان مقتول انيس سومري جي قتل ڪيس ۾ ڏنل حڪمن تي عمل ڪرڻ سان گڏ مستقبل ۾ اهڙن سنگين ڏوهن جي روڪٿام لاءِ به قدم کڻڻ گهرجن.

(چپيل: 28 فيبروري 2015ع)

افغانين خلاف آپريشن نمائشي نه هجڻ گهرجي

سنڌ حڪومت جي هدايتن تي سنڌ ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغانين ۾ قبائلي علائقن جي ماڻهن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي. پوليس مختلف شهرن مان دزن کن افغانين کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ڪوٽڙي ۾ مختلف علائقن ۾ پوليس ڇاپا هٽي غير قانوني طور رهندڙ افغانين کي گرفتار ڪري ورتو. هوڏانهن سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري خلاف ۽ انهن کي نيڪالي ڏيارڻ لاءِ مختلف تنظيمن طرفان مسلسل مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن. سنڌ جي آباديءَ ۾ اضافي توڙي غير قانوني آبادڪاري وسيلي ڏوهن

جي واڌاري جو سبب انهن انتظامن کي چاٽايو آهي جن جي ڪمزوري جي ڪري سنڌ ۾ اٽڪل 35 لک ڌاريا غير قانوني طور سنڌ جي وڏن شهرن ۾ پنهنجو گهر ڪري ويٺا آهن ۽ آهستي آهستي پنهنجون پاڙون گهريون ڪري رهيا آهن. انهن آبادڪارين جو سخت نوٽيس وٺڻ وارو انتهائي وقتائتو ۽ هاڪاري عمل سنڌ سرڪار سان گڏ سنڌ جي عوام جي پڻ دلين وٽان آهي. اسان سنڌ جي وڏي وزير توڙي موجوده جمهوري حڪومت جي پاران سنڌ ۾ غير قانوني آبادڪاري جي خلاف نوٽيس وٺي انهن کي واپس پنهنجي اباڻن علائقن ڏانهن موڪلڻ جهڙي اعلان جي آجيان ڪريون ٿا. سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه صوبي جي ڪامورا شاهي کي هدايتون جاري ڪندي غير قانوني پرڏيهين ۽ افغان پناهگيرن جي سنڌ جي ساموندي، زميني، ريلوائي ۽ هوائي بارڊرن تان آمد کي روڪڻ لاءِ خاص اپاءَ وٺڻ تي زور ڀريندي انهن پرڏيهين کي سنڌ جي عوام ۽ ادارن لاءِ وڏو خطرو سڏيو آهي. وڏي وزير وڌيڪ چيو آهي ته ملڪ جي اترين ۽ قبائلي علائقن ۾ آپريشن جاري آهي، اهڙي صورتحال ۾ سندن سنڌ اچڻ ۽ رجسٽريشن ٿيڻ وڏي ناانصافي ۽ خطرو هوندي. وڏي وزير موصوف وڌيڪ چيو ته دهشتگردن خلاف آپريشن سبب متاثر ٿيندڙ قبائلي علائقن جي ماڻهن کي سنڌ ۾ ترسائڻ جي مخالفت ڪئي ويندي. هن غير قانوني پرڏيهين، منشيات جي اسمگلرن ۽ افغان پناهگيرن جي حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ آمد واري خبرن جو سخت نوٽيس ورتو ۽ انهن کي ٽن ڏينهن اندر ذڪر ڪيل علائقن مان ڪڍڻ جو حڪم پڻ جاري ڪيو.

سنڌ ۾ وڌندڙ ڌاري آبادڪاري تي سنڌي ماڻهو سخت ڳڻتي ۾ مبتلا آهن، ماضي ۾ بهارين ۾ مهاجرن سنڌ ۾ اچي پناهه ورتي ۽ اُهي اڄ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جا سانباهه ڪري رهيا آهن ۽ سنڌ جي اهم وڏن شهرن جا والي وارث بڻيل آهن. اهڙن خدشن کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت طالبان خلاف آپريشن سبب متاثر ٿيندڙن کي سنڌ ۾ ترسائڻ جي مخالفت ڪندي صوبي ۾ موجود افغانين کي 3 ڏينهن اندر نيڪالي ڏيڻ جو اعلان وقتائتو قدم آهي. وزيراعليٰ پاڻ چئي رهيو آهي ته سنڌ ۾ 25 لک کان وڌيڪ پرڏيهي غير قانوني طور ترسيل آهن. پرڏيهي مهاجرن جي يلغار کي سنڌ ۾ آٿي سنڌين خلاف سازشون ڪيون ويون آهن. ڌاري آبادڪاري جا نتيجا سنڌي عوام ڀوڳيندي رهيو آهي، ان وقت به جيڪڏهن سنڌ جا سرپرست مزاحمت ڪري مهاجرن کي روڪن ها ته اڄ سنڌي عوام پاڻ کي اقليت ۾ تبديل ٿيندي محسوس نه ڪري ها. اڄ سنڌين جي اِها حالت ٿي آهي ته سندن جي ئي شهرن ۾ تعليم پرائڻ جو به حق ناهي. سنڌ جي موجوده حڪمرانن کي اڳ ۾ جيڪو ڪم ڪرڻو هو اُهو هاڻ ڪرڻ وڃي رهيا آهن. وزيراعليٰ افغانين مان اڄ خطرا محسوس ڪري رهيو آهي، اُهي خطرا تنهن وقت به موجود هئا جڏهن ساڳي وزيراعليٰ انهن جي آجيان ڪئي هئي، پر هاڻ به جيڪڏهن سنڌ سرڪار اهڙو ڪم ڪيو آهي ته ان جي سنڌي عوام آجيان ڪري ٿي، ڌارين جي آبادڪاري فقط نمائشي نه ٿيڻ گهرجي، پر ان کي تڪميل تي رسايو وڃي. جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪنهن به هيلي بهاني سان ٻيا ڌاريا آباد ڪرڻ جي ڪوشش

ڪئي وئي ته اهو عمل سنڌ جي عوام سان ويساهه گهاتي هوندو.
(ڇپيل: 2 مارچ 2015ع)

Ruk Sindhi
رک سنڌي

سنڌ جو مشهور ليکڪ رک سنڌي 5 آگسٽ 1961ع تي تعلقي ڪنڊياري ضلع نواب شاهه جي ڳوٺ حامد اچڻ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد صحافت جو پيشو اختيار ڪيو. پاڻ روزاني سنڌ سجاڳ جي ايڊيٽر ۽ روزاني جاڳو ڪراچي جي ايڊيٽر ۽ پبلشر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. جڏهن ته روزاني عوامي آواز ڪراچي، روزاني سچ ڪراچي، روزاني سوڀ ڪراچي، روزاني تعمير سنڌ ڪراچي، روزاني سنڌ حيدرآباد ۾ نيوز ايڊيٽر ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ مختلف صحافتي تنظيمن ۾ شامل رهيو آهي. رک سنڌي سنڌ جي حقن خاطر مختلف قومپرست ۽ ترقي پسند تنظيمن ۾ به سرگرم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي.

هو گذريل 20 سالن کان سنڌ جي قديم تاريخ تي تحقيق ڪري رهيو آهي. پاڻ ادب، سياست ۽ صحافت سان لاڳاپيل هجڻ سميت ڪيترن ئي ڪتابن جو خالق رهيو آهي. جن ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جڏهن ته سندس سوين مقالا ۽ مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. رڳ سنڌي جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ ”قومون ۽ قومي تحريڪ آزادي“، ”ٿوڙي ڦاٽڪ جو سانحو“، ”سنڌي قوم جو مقدمو“، ”سنڌ جي سياسي صورتحال“، ”سنڌ آزادي ۽ انقلاب“، ”تاريخ جي لاٽ“، ”قاضي فيض محمد“، ”سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌين جو اتحاد“، ”اڄ جي سنڌ“ ۽ ”سنڌو سڀيتا جي اوسر“ ڪتاب ڳڻائي سگهجن ٿا. رڳ سنڌي ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ وڌا آهن. جن ۾ بينظير ڀٽو جو ڪتاب ”پاڪستان طوفان جي گهيري ۾“ به هڪ آهي. جڏهن ته ڪيئي ڪتاب مرتب به ڪيا آهن. جن ۾ ”باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي“، ”سنڌي ٻولي رت رتولي“ ۾ ٻيا شامل آهن.

ڪتاب

1. سنڌو سڀيتا جي اوسر (تاريخ، تحقيق)
2. سنڌو سڀيتا جا محقق (سوانح، تحقيق)
3. قومون ۽ قومي تحريڪ آزادي
4. ٿوڙي ڦاٽڪ جو سانحو
5. سنڌي قوم جو مقدمو
6. سنڌ جي سياسي صورتحال
7. سنڌ آزادي ۽ انقلاب
8. تاريخ جي لاٽ

9. قاضي فيض محمد
10. سنڌ جي قومي تحريک □ سنڌين جو اتحاد
11. اڄ جي سنڌ
12. سکي ڌرتي، ڏکويل ماڻهو
13. ڏتڙيل ديس جي کهاڻي